Bed

ضيا

مارچ ١٩٩٩ | نماهي ادبي رسالو | انک ٢-٢

سنڌي ادب جي جوت سدائين روشن تجليدار رهي

شري پرسرام ضيا صاحب

پرڪاشڪ

ضيا ساهتيه مالها، اُلهاسنگر-421 003 Tel 549027

ج شري پرسرام ضيا ۽ سنگيت سمراٽ ماسٽر چندر



۷ فيبروري سنگيت آچاريہ ماسٽر" چندر ۽ شاعر پرسرام ضيا جي
ائڪ ڪلاڪار مهيش چندر، گوپ چندر، آرتي- راج انهن جا امر
ديناٽي ۽ پريزيڊنٽ ڪمل پارواڻي (مائيڪ سان) سيني جو سواگت
FROM LEFT - AARTI RAJ, GOPE CHANDER (ON PIANO), & RATAN.

شائرن جي

”گيت ضيا جا - سر چندر جا“

ARI SHARMA, AARTI RAJ, RATAN, GOPE CHANDER, MAHESH CHANDER,



NARI SHARMA, GOPE CHANDER, MAHESH CHANDER (ON PIANO), MAKHAN

سنڌي ساهتيہ ڪلا وڪاس سمتي (الهاسنگر) جي سهاري چنيچ
ياد ۾ سنگيت پروگرام ’گيت ضيا جا، سُر چندر جا‘ ڪيو ويو. فو
گيت ڳائي شرڌانجلي پيش ڪري رهيا آهن سمتيءَ جي سيڪريٽري
.ڪيو آهو سڄو پروگرام Cable ذريعي سڄي الهاسنگر ۾ Live ڊيڪاريو

بي درد بي وفا سان هردم وفا ڪنداسين،
جيئن جيئن ستائباسين، تيئن تيئن دعا ڪنداسين!

پرسرام ضيا صاحب

ڳالهہ هيئن سان لائي ڏس،
چال تہ پنهنجي چتائي ڏس!
چوڻ ڪرڻ ۾ فرق گهڻو آ،
چوڻ جي بدران ڪرڻ ڀلو آ!
چوڻ تي عمل ڪرڻ جي عادت،
سڪڻ کان پوءِ سمجهائي ڏس!
چندر رکج هڪ ڳالهہ جو اونو،
چوڻ آ چاندي چُپ آ سونو!
تنهن کان تہ پنهنجو پاڻ ۾ پيهي،
پاڻ ۾ پاڻ سمائي ڏس!

”دادا ماستر چندر“

With Best Wishes From

000008

Shri P.P. Menghrajani
PROPRIETOR
JEEVAN CONSTRUCTION
CIVIL ENGINEERS & GOVT. CONTRACTORS
Satguru Oil Agencies
Veedol
Authorised Dealers For TIDE WATER OIL CO. (INDIA) LTD.
Industrial & Automotive Lubricants and Greases
Veedol & Mitsubishi
MITSUBISHI OIL
REGD. OFFICE : 4/54, DAULATNAGAR, THANA (EAST) - 400 603
SALES OFFICE : A/7, AMAR GIAN, OPP. S.T. WORKSHOP, KHOPAT, THANA (WEST) - 400 601
PHONE : OFF. : 547 22 18 , 547 38 15 ■ RESI. : 540 71 92 , 538 26 91 ■ MOBILE : 98210 89773

نگهبان ٿيندين

شهنشاهي عالم نگهبان ٿيندين،
مهربان آهين مهربان ٿيندين!

١- همٿ ڏينم هادي قرب جئَن ڪمايان،
قوت ڏي قلب کي قدم کي وڌايان!
مٺا مهر سان شل چنل دم ڳنڍيندين،

٢- مٺا ڏينم طاقت پڪي پريت پايان،
جڏي نام ٻيا سڀ تنهنجو نام ڏئايان!
ٻچل محل دل جو نئَين سر اڏيندس !

٣- ڪريما ڪرم ڪر مرم سان هلائج،
ديا ڪر ڌرم ۽ شرم سان هلائج،
ڏيئي پاند پنهنجي پلئَ سان ڍڪيندين!

۴- اجڙ ٿي وڃي ٿو چندر باغ دل جو،
مرڪ ڪان اڳي شل مٽي داغ دل جو،
بڻين باغبان تون سدا ساڻ هوندين!

With Best Compliments From:

NATURAL IMPRESSIONS

1411 Broadway, RM # 1764
New York 10018
Tel. (212) 730-8758
Fax: (212) 730-8759

ANIL CHANDER
GOPE CHANDER

ضيا (ٽماهي)
ايڪانڪي ناٽڪ انڪ

سمپادڪ:
مَنوهر بيدي

انڪ: ٢ ۽ ٣
آڪٽوبر - ڊسمبر 1998
جنوري - مارچ 1999

سالیانو چندو: -/60 روپيه
هي انڪ: -/40 روپيه

صلاحڪار منڊل:
١. شري گوپ چندر (نيويارڪ)
٢. شري موتيلال ٻناڻي (ڪيليفورنيا)
٣. شري نارائڻ سچانندڻاڻي (اُبوڊابي)
٤. شري ٻچارام ليلواڻي (مُلند)
٥. شري ايسر ڪلياڻي (ناگپور)

سنڌونگر:
٦. شري بسنتراءِ اوتواڻي (وڪيل)
٧. شري اَرجن مانا، (وڪيل)
٨. شري نارائڻ شڪيجا
٩. شري هري پنڪج
١٠. شري آر. ايس. ورداڻي (وڪيل)

سهايڪ ۽ پرڪاشڪ:

نارائڻ پرسرام ضيا
ضيا ساهتيه مالها،

بئرڪ نمبر 1085 ، پرسرام ضيا روڊ،
او. ني... اُلهاسنگر - 421003.
فون: 549027 (911)

D.T.P.
SUPERCOMPUTER CONSULTANTS
105, Keswani Complex, Near New - Era High School, U- N- R. 421 003.
Tel.: (911) 55 00 95.

Off Set :
Navrang Off set Printers
Tel.: 54 4054, 560266.

Arranged By :
Vishal Enterprises
Dilip Sukhnani U-N-R.- 4.
Tel.: 529932

With Best Compliments from :

Thakur N. Mulani
Khushal A. Rangnani

GRETEX IMPEX
(INDIA) PVT. LTD.

MANUFACTURERS, EXPORTERS & IMPORTERS

پنهنجي حياتيءَ ۾ نيم ناهي ڇڏ تہ ڪڏهن بہ ڏکہ ڪونہ ڪندس
گذريل ڳالهين کي ياد ڪونہ ڪندس. ڏکہ تنهنجي شڪتي ضايع
ڪندو ويندو ۽ تون ڪڏهن بہ اُسري نہ سگهندين.

•

سنڌي ٻولي، منڙي ٻولي - شاهوڪار ٻولي ۽
اسانجي امڙ - شل قائم رهي ۽ هرڪو سنڌي
شل اُن سان نباهي پنهنجو فرض ادا ڪري،
ماءُ جو قرض لاهي - اِها هئي دادا رام پنجواڻي جي
آخرين خواهش - انتم اِڇا -

83-84, Ashok Shopping Centre, 2nd floor,
Near G.T. Hospital, Mumbai - 400 002. ☎: 269 5905/06.

چيٽي چنڊ ۽ نئين سال جون سڀني کي
لک لک واڌايون هجن.

پرڪاش طوفان

”حال حقيقت“

ضيا رسالي جو ٢ ۽ ٣ انک گڏ شايع ڪندي اسان کي بيحد خوشي ٿي رهي آهي! ڪن اٽڪر سببن ڪري انڪ٢-٣ گڏ شايع ڪرڻو پيو جيئن اڳتي هر انڪ مقرر وقت تي شايع ڪري سگهجي - هيو انڪ وقت سر شايع ٿي نه سگهيو اُن لاءِ اسين دلگير آهيون. اُميد ته اسان جي مجبورين جو احساس ڌاري پاٺڪ ان کي درگذر ڪندا - هن بعد هرهڪ انڪ پوري وقت شايع ٿئي اُن لاءِ اسين هر ممڪن ڪوشش ڪنداسين.

پهريون انڪ شايع ٿيو اُن لاءِ اسان وٽ ڪيترن مترن ليکڪن شاعرن جا همٿائيندڙ خط پهتل آهن ڪيترن پنهنجا ليک ۽ شعر موڪليا آهن ۽ ڪيترن ساليانو چندو موڪلي اسان جو اُتساه وڌايو آهي اسين اُنهن سڀني جا تهدل شڪر گذار آهيون. اسين وري به دهرايون ٿا ته هيءَ اسان جو ڪاريه بلڪل نسوارٿ آهي. ضيا صاحب جي ياد قائم رکڻ نون ساهتيه سان دلچسپي رکندڙ نوجوانن ۾ لکڻ جو جذبو جاڳائڻ ۽ اُنهن کي پريرڻا ملي اُن پويتر پاونا هيٺ سنڌي ٻولي ساهتيه جي واڌاري لاءِ پنهنجو اخلاقي فرض سمجهي اسان شروع ڪيو آهي - اسان آڀاري آهيون پياري ودوان ساهتيڪار شري منوهر بيدي جا جنهن جي نظرداري هيٺ هن ڪاريه ۾ سڦلتا حاصل ڪرڻ جا اڌڪاري بڻيا آهيون هن صاحب پڻ هيءَ ساهتيڪ شيوا نسوارٿ ڪندو رهڻ جو وشواس ڏياريو آهي - پاٺڪ پنهنجا رايا بي حجاب پنهنجو ڪاريه سمجهي موڪلي سگهن ٿا. جن تي جوڳو ڌيان ڏنو ويندو! 15-12-99 ڏينهن سنڌو يوٿ سرڪل سنڌونگر -3 ۾ هردل عزيز شاعر ضيا صاحب ۽ سنگيت سمراٽ ماسٽر صاحب چندر جي ياد ۾ هڪ اٽوسرندر رنگارنگي انوکي سنگيتميه شام جو هڪ شاندار پروگرام سنڌي ساهتيه ڪلا وڪاس سميتي جي شايع هيٺ تي گذريو. جدا جدا سنگيت ڪارن ۾ پنهنجي ڪلا جو جوهر ڏيکاري خوب وندرايو جنهن ۾ شري گوپ چندر جيڪو خاص نيويارڪ مان آيل هو ۽ شري مهيش چندر بمبئي مان پنهنجي سازيندڙ ساٿين سان خاص ضيا صاحب جا رچيل ۽ ماسٽر صاحب جا ڳاتل لوڪ پريه بره جا ڪلام پيش ڪري درشڪن کي آنند وٺائي جهومايو هو اُهو سمورو پروگرام ٽن ڪلاڪن جو ڪيبل T - V تي سنڌونگر ۾ Direct ڏيکارڻ جو بندوبست ڪيل هو اُن لاءِ سهڻي سهڪار ڏيندڙ مترن جا هارڊڪ اڀيندن ٿا ڪريون، اهڙو پروگرام هر سال ٿيندو رهي اهڙي ڪوشش ڪندا رهنداسين.

اِئن لاڳ سان اڄ هن سڏي آيو ۽ وهاريو،
هن پيار ۾ سڪ ۽ تہ 'ڪمل' اُلجهي ويو آ.

نذر : 'ضيا' ٽماهي رسالي جو انڪ ٢ ۽ ٣
سنڌي ساهتيہ جي صف - اول جي شاعر ۽
ايڪانڪي ليکڪ مان هڪ
شري ايم. ڪمل
جي نذر ڪيو وڃي ٿو. پرماتما شل ڪيس صديءَ
ڪان بہ وڌو بڻائي ۽ سدائين صحتمند ۽ تندرست رکي.
آخرڪار ساهتيہ -سيوا بہ هڪ قسم جي بندگي ۽
يوگ - سادنا ئي تہ آهي.

ديد ۽ دل تي ڇمندو وڃي ٿو دوريءَ جي ڏنڌ جو ڇارو،
آءُ مسافر، منهن ڏيکاري، ياد ڏياري وَڃُ ڇهرو.

•

وئي وقت جان نہ لاه دل تان،
مان تنهنجو آئيندو آهيان

رچنائون پڙهي شرڌانجلي ڏني. هن رسالي جي سمپادڪ شري منوهر بيديءَ ضيا جي شاعري تي ڳالهائيندي چيو ته ضيا هڪ عوام جو شاعر هو، سندس شعرن ۾ بحر وزن جي پختائي، ۽ سليس ٻولي ۽ روحاني اُڏام هئي. شاعريءَ جي صفتن جي قابلي داد سمجهائيون ڏيندي جاڳرتي آندي. هن صاحب چيو ته ساهتيه جاتيءَ جو آئينو ۽ رهبر آهي خاص نون ليکڪن اديبن کي صلاح ڏيندي چيو ته فقط اندر جي اُڇل تي نه پاري پنهنجو اڀياس سدائين جاري رکو محنت ڪندا رهو ۽ کليل دماغ سان آس پاس جو جائزو وٺندا رهو. هن شروع ڪيل شڀ ڪاريه لاءِ سندس هر طرح جو نسوارٿ سهڪار ملندو رهڻ جو اعلان ڪيو. سندس لاثاني شيوا لاءِ سائين مينهينمل ڪيس ڊپٽو پائي سنمان ڪيو. ٻين اديبن پڻ پنهنجا جدا جدا پاوينل صحتمند رايا ڏيندي شرڌانجلي ڏني. هن شڀ ڪاريه تي متاثر ٿيندي سائين مينهينمل هڪ هزار رپيه ڏيڻ جي پڌرائي ڪري همٿايو. شري لڇيرام پڻ اهڙي شڀ ڪاريه لاءِ ادائي سو رپيه ڏيڻ جي پڌرائي ڪري فراخدلي ڏيکاري. حاضر سڀني اديبن درشڪن هن شڀ ڪاريه لاءِ مبارڪون ڏيندي.سندن هر طرح جو سهڪار ملڻ جو وشواس ڏياريو. نارائڻ ضيا ٻچاري ۾ سڀني جو اڀينندن ڪندي خاطري ڏني ته هيءَ هڪ شڀ نشڪام ڪاريه آهي خاص ضيا صاحب جي ياد قائم رکڻ ۽ نون شاعرن اديبن ۾ لکڻ جو جذبو جاڳائڻ هڪ جاتي لاءِ اخلاقي فرض سمجهي اسين شيوا سمجهي ڪريون ٿا. سڀني کي رسالي جي هڪ هڪ ڪاپي سوکڙي طور ڏني وئي. چانهه پاڻي ۽ چڀي چوڙي بعد هن پون ۾ هيءَ ڪاريه ڪرڻ لاءِ بانيڪارن جا قرب پرئي بنان کنهن اُجوري سهڪار ڏيڻ لاءِ سندن شڪرانا مڃيا ويا ۽ پروگرام سماپت ٿيو.

مان شڪرگذار آهيان اشتهار ڏيندڙن ۽ ٻيءَ طرح سان مالي مدد ڪندڙن سڀني پريتوانن جو ۽ سنڌو يوٿ سرڪل جي بانيڪارن جو جن هر طرح وقت به وقت ادبيءَ بيلڪ رکڻ جو سهڪار پئي ڏنو آهي.

نارائڻ ضيا
(ضيا ساهتيه مالها طرفان)

پڌرائي

''ضيا'' ادبي رسالي جو ۲ ۽ ۳ انڪ توهان جي هٿن ۾ آهي چوٿين انڪ جو پرڪاشن ۱۱ جولاءِ ۱۹۹۹ تي يعني ضيا صاحب جي جنم ڏن جي موقعي تي ڪيو ويندو ليکڪ ۽ شاعرن پنهنجون ادبي رچنائون هيٺ ڏنل پتي تي جلد از جلد موڪلن.

منوهر بيدي
17, Kesabai Apt.,
Cover 247 School,
O.T., Ulhasnagar - 421 001

پرڪاشڪ طرفان:

● ضيا رسالي جي پهرين انڪ جو مهورت سيتا سنڌو ڀون بمبئي ۾ شري ٺاڪر چاولا جي سهڪار سان ڀيڻ پارو چاولا جي شڀ هٿن سان ٿي گذريو. ضيا صاحب جي لاثاني رچنائن ۽ سندس هر دل عزيز شخصيت تي روشني وجهندي ڀيڻ چاولا ٻڌايو ته سندس حيات وقت اسان هڪ سنڌي فلم ڪڍڻ جو پروگرام رکيو هو جنهن لاءِ ڪجهه گانا ضيا ٺاهي ڪٺي آيو هو پر قدرتا سندس اوچتي ديهانت سبب اسان اُهو ويچار بلڪل لاهي ڇڏيو. سندس ڪيترا گيت اسين وقت به وقت پروگرامن ۾ فرب سان ڳائيندا آهيون. هن صاحب ڪيترن ئي ڊرمي گرنٿن جو ترجمو سنڌي ڪوتا ۾ ڪيو هو. جنهن ۾ خاص سڪمني صاحب قابل - ذڪر آهي جيڪا سرڳواسڻ ڀڳونتي ناواڻيءَ پنهنجي مڌر آواز سان سنگيت روپڪ ڳائي ڪئسيٽون پرايون هيون جيڪي اڄ گهڻن سنڌي گهرن ۾ اڪثر مُوجود آهن اُهي وجائي آنند ماڻيندا آهن. اِها هڪ امولڪ شيوا هن ڀيڻ ڪري امر پد حاصل ڪيو آهي ساڻ گڏ هن ضيا کي به امر بڻايو آهي. وڏيڪ شرڌانجلي ڏيندي هن ڀيڻ ٻڌايو ته هن رسالي جي شايع ٿيڻ تي ڪيس بيحد خوش ٿي آهي ڪارپردارن کي مبارڪون ڏيندي چيو ته اهڙي مهان نشڪام ڪاريه لاءِ اسان جي پريوار جو ڪين هرطرح سهڪار ملندو. اُن سنگيتميه ڏماڪي جي پروگرام ۾ لاثاني شرڌانجلي جي اثر هيٺ درشڪ بيحد متاثر ٿيا ۽ انڪل هڪ سؤ ڪاپيون رسالي جون خريد ڪري اسان جو اُتساهه وڌايو جنهن لاءِ اسين واسطيدار ڪاريه ڪرتائن ۽ شڀچنتڪن جا هاردڪ شڪرگذار آهيون ۽ وشواس ٿا ڏياريون ته سنڌيت جي جوت جاڳندي رکڻ ۽ ضيا جي ياد تازي رکڻ لاءِ اسين هر ممڪن ڪوشش ڪندا رهنداسين.

● ضيا ساهتيه مالها جي سايع هيٺ هڪ انوکي ساهتيڪ بيٺڪ خاص اديبن جي ضيا صاحب جي ورسيءَ جي موقع تي رئيل پروگرام سنڌو يوٿ سرڪل سنڌونگر ۾ ٿي گذري. وقت جي سڀاپتي سائين ميهون مل (سوامي پرمانند جا پرم شش ۽ شيام سندر هڪ ڌارمڪ ڌرمائو مدد ڪندڙ ٽرسٽ جا بانيڪار) جوت ٻاري ضيا جي تصوير تي گلن جي مالهاچاڙهيندي اتينت ڀاو ڀني شرڌانجلي ڏيندي خوشي ظاهر ڪئي هن شڀ ڪاريه لاءِ ڪارپردارن کي واڌايون ڏنيون، شري نارائڻ ضيا هڪ لوڪ پريه گيت (ضيا جي رچنا) 'تون سخي آهين سباجهو دراٿم تنهنجو جهليو|ڏٽيءَ جي ساراهه ۾ ڳائي شروعات ڪئي. شري لڇيرام گروگلراج ڪنيا آشرم سنڌونگر جي گاديسر ضيا صاحب جي گڻن جي وياکيا ڪري سندس رچيل ڪي گيت پنهنجي مڌر آواز ۾ ڳائي آنند وٺايو. حاضر ڪن اديبن شاعرن ضيا صاحب جي صفت ۾ پنهنجون لکيل

سنڌي ليکڪن ۽ شاعرن لاءِ

ڪنهن به رچناڪار جي اصلي طاقتن جو پتو اُن مان پوندو آهي ته ڪنهن لنبي ۽ طويل رچنا کي هو ڪيتري حد تائين سنڀالي ۽ سنواري سگهيو آهي. اهوئي سبب آهي جو غزل، گيت، نظم، نئي ڪوتا، مختصر ڪهاڻي وغيره لکڻ جي ڀيٽ ۾ ڪا لنبي رچنا يعني اپنياس، کنڊ ڪاويه، طويل مثنوي وغيره لکڻ لاءِ خاص قسم جي قوتن، شڪتين ۽ ساڌنائن جي ضرورت رهي ٿي. مهاڪاويه (Epic) جي ته مان ڳالهه ئي ڪونه ٿو ڪريان.

پرماتما سرسوتي ديويءَ جي دوارا جيڪڏهن توهان کي ڪي خاص قسم جون رچنا شڪتيون پردان (عطا) ڪيون آهن ۽ توهان ڪا اهڙي رچنا لکي آهي جيڪا طويل يعني لنبي هئڻ سبب ڪنهن پر - پتريڪا ۾ ڇپجڻ جي گنجائش جي حدن کان ٻاهر ٿي وئي آهي ته اُن جي پرتيلپي (Copy) اسان ڏانهن موڪليو اسان ڪوئي نه ڪوئي رستو ڳولهي ڪڍنداسين جيئن اُها پرڪاش ۾ اچي سگهي يا گهٽ ۾ گهٽ توهان جي اُن ڪوشش جي ڄاڻ ساهتيه پريمين تائين پهچي وڃي.

دوستو، اڄ جو ساهتيه فقط ڪلپنائن جو ڪير ساگر ڪون آهي. اڄ حقيقتن جو بنياد تمام ضروري آهي. ڪولڊوار جي عرصي ۾ جاسوسي، حرفتبازي، مڪاري، فتنا گيري، دهشت انگريزي ۽ سياسي چالبازين ۽ اپراڌن کي آڌار بڻائي انگريزيءَ ۾ ايترو ته پاپولرفڪشن لکيو ويو آهي ۽ انهن اڌ-سچين-اڌ-خيالي اپنياسن کي ايتري ته مقبوليت ملي آهي جو اُن جو هڪ خاص ورگ ٺهي ويو آهي. رچنا جي ان قسم هاڻي ته باقائدي بزنس جو روپ اختيار ڪيو آهي ۽ ان اپراڌ سان وابسته ساهتيه ۾ خود اُپراڌ گهسي آيو آهي. ڪوئي ڪتاب لنڊن ۾ ڇپجي ٿو. هڪدم ان جون غيرقانوني پرسستيون ڪاپيون ٻين ملڪن ۾ ڇپجي وڃن ٿيون. ان طرح هزار روپين وارو ڪتاب توهان کي هتي سوَ کن رپين جي آس پاس مزي سان ملي وڃي ٿو. هڪ مزي جي ڳالهه ٻڌو. اهڙا ڪتاب سڀ ماڻهو اينجواءِ ڪون ڪري سگهندا. انهن فڪشن جي پاپولر ڪتابن جو به ايترو ۽ اهڙو ته اسٽينڊرڊ آهي جو انهن ۾ چيل ڳالهين کي سمجهڻ لاءِ ۽ انهن مان آنند وٺڻ لاءِ دنيا جي سياسي ۽ اپراڌي حالتن جي ڪافي ڄاڻڪاري گهرجي.

۽ اهو سڀ انڪري ممڪن ٿي سگهيو آهي جو ان جي بنياد ۾ ڪافي پئسو

اُپاسنا/ نارائڻ ضيا ''وويڪي''

١) آهي سُونپي ڇڏيو سڀ ڪجهه داتا،
مون پنهنجو پاڻ اوهان جي چرنن ۾،
منهنجي جيت اوهان جي هٿرن ۾،
آهي هار اوهان جي هٿرن ۾!
٢) مونکي ڏک جي ملي تان سک پاپان،
منهنجي من جي ورتي اهڙي رهي،
شڪر شڪر ڪندي دم پل گذري،
جهڪي مستڪ اوهان جي قدمن ۾!
٣) چاهي عزت ملي يا شان وڏي،
آهي بخشيش اوهان جي شڪرانا (سمجهان مان)،
وشواس وڌي تنهنجي رحمت جو،
پٽڪان ڪين اجاين ڦرنن ۾!
٤) آهي وڪارن ۾ من ڏاڍو ڦاٿل،
تنهنجي مهر بنان ڪيئن دور ٿين،
آهيان گهريل زماني جي گردش ۾،
پايان آنند اوهان جي درشن ۾!
٥) هن جڳ ۾ جيسين مان جيئرو رهان،
تنهنجي خلقت سان منهنجي پريت رهي،
نشڪام بڻي نت شيوا ڪريان،
پسان توکي اُنهن جي نظرن ۾!
٦) تون داتا ديالو مان منگتو بڻي،
هٿ جوڙي اوهان کان ٿو دان گهران،
ڏُک درد وارن جا ڏک دور ٿين،
پون ڪين ڪڏهن ڪنهن اُلجهن ۾!
٧) نام تنهنجي کي نت ڌيائيندو رهان،
تنهنجي رحمت جا گڻ ڳائيندو رهان،
وويڪي بڻي وهنوار ڪريان،
سدا چاهه رهي شڀ ڪرمن ۾!

دوستو، آهي اِستثيون، اِهي حالتون، اِهي غلط فهميون ئي پرفارمنگ آرٽ کي جان ۽ طاقت بخشينديون آهن.

سڀ ڪجهه هاڻي ئي نہ. هئي پرچي ۾، جي پرماتما چاهيو تہ پرفارمنگ آرٽ تي ڪجهہ روشني وڌي ويندي. هاڻي اسان جي - اسان سنڌين جي سچي اُميد پرفارمنگ آرٽ ۾ وڃي رهي آهي. لکيل لفظن جو دوُر تہ سماپتيءَ طرف وڌندو ٿو نظر اچي!

● هڪ چتاءُ

ڪي ڇاپائون اهڙيون بہ ٿينديون آهن جيڪي ساوڻ ساڙي ڇڏن ۽ سرسبز کيتين کي سڪائي ٺوٺ ڪري ڇڏين. سرڪاري ڇاپا ڪجهہ ان قسم جي آهي.

ساهتيہ اڪاڊميون برپا ڪيون وڃن ٿيون. جيئن تہ اِهي سرڪاري اِداره آهن اِنڪري اڪثر انهن جي واڳہ ڏور اهڙن شخص جي هٿ ۾ رهي ٿي جيڪي سياسدان وڏيڪ آهن ساهتيہ سان وڌ ۾ وڌ جن جو اهو تعلق رهي ٿو جو اخبارون پڙهن ٿا ۽ تقريرون ڪري سگهن ٿا.

ان جو نتيجو سامهون آهي. پنجن سالن جي عرصي ۾ هڪ بہ ساهتيڪ پستڪ مشڪل سان سج جي روشني ڏسندو. باقي پنج پنج سوَ ڪوهہ لنبيون رٿائون ۽ يوجنائون گهڻيءَ گهڻيءَ ۾ رلنديون پننديون پيا ڏسندوَ.

اڪاڊمين جي يونپوءَ مان ڦهلايل يوجنائن تي خوش ٿيڻ يا اُميدن جا محلات کڙا ڪرڻ جي ضرورت ڪانہ آهي. اڄ بہ سچو ساهتيہ گمنام گهٽين ۾، تاريڪ ڪمرن ۾ دکن ۽ نراشائن سان ڀريل ماحول ۾ رچجي رهيو آهي. ڇا توهان کي اهو بہ ياد ڏيارڻو پوندو تہ زندگي اونداهي ۽ سوڙهي گرڀ مان ڇيخون ڪندي ۽ ڪرائيندي نڪري ٿي ۽ ڌرتيءَ ماتا جي گود ۾ پروان چڙهي ٿي، ڦلي ڦولي ٿي.

سرڪاري اِدره نہ ساهتيہ لاءِ آهن نہ ساهتيڪار لاءِ. انهن جو وجود هڪ تماشو آه. تو بہ ڄاتو آ، مون بہ ڄاتو آهہ!

منوهر بيدي

22/26 Dec .98

آهي. انهن ڪتابن جا ليکڪ نه فاقه-مست آهن ۽ نه غربت پرست. اهي عاليشان مڪانن ۾ رهن ٿا، صحتمند کائن ٿا، نظرنوار لباس پائن ٿا، عشق مان اندروني حرارت ۽ حسن مان ٻاهرين گرمي حاصل ڪن ٿا. هو لکڻ کي ديوانگيءَ جي نمائش نه ٿا سمجهن بلڪ پئسو، پرتشٺا ۽ پاپولرٽي ۾ اِضافو آٽيندڙ وسيلو ڪري ڪٿن ٿا. ان ڪري هنن جي رچنائن ۾ هڪ ڪامياب بزنسمئن جهڙي ڪشش ۽ ڊپارٽمينٽل اسٽورجهڙي دلڪشي رهي ٿي.اهڙن رچناڪارن پاڻ ۾ اهڙي ته شڪتي پئدا ڪري ڇڏي آهي جو هنن جو ڪُوڙ سچ تي حاوي پئجي وڃي ٿو ۽ هنن جو سچ شڪ جا انبار لڳائي ڇڏي ٿو.

جيڪڏهن توهان ان مان اِهو مطلب ڪڍو ٿا ته اڄ جي زماني ۾ رچنا - ڪلا به حَرفتبازيءَ جي منچ تي جهرمر پائي رهي آهي ته پوءِ جينوئيڪ توهان سچ کان ڪو پري ڪو نه آهيو ته به مان هڪ سوال ضرور پڇندس ته: ائين ڪڏهن نه ٿيندو هو؟

سوچو، ولوريو، لکو، لکي پڙهو، سڌاريو، ڪٽيو، وڌايو، آخرين ڇهاءُ ڏيو، موڪليو ۽ پوءِ؟ انتظار ... انتظار..... انتظار ...... ڪريو!

● ڄاڻ کان رچنا تائين

هڪ ليکڪ لاءِ فقط ڪائي ڄاڻ حاصل ڪرڻ ئي سڀ ڪجهه ناهي. ڄاڻ کي رچنا ۾ تبديل ڪرڻ ڪو سولو ڪم ناهي. اها هڪ لنبي ۽ دشوارين سان ڀريل پرخطر مانسڪ ياترا آهي. مان ان ياترا کي هڪ منتر جي روپ ۾ پيش ڪريان ٿو:

ڄاڻ + اَنڀوُ + اڀياس + هنر + سجاوٽ = رچنا

ان ڪري ئي اِهو چيو ويو آهي ته لکڻ واري کان پڙهڻ واري جو وڌيڪ سجاڳ ۽ سڄاڻ هئڻ تمام ضروري آهي. ڪڏهن لکڻ واري جي من ۾ ڪا ئي ڳالهه هوندي به ڪانهي پر پڙهندڙ/ ڏسندڙ سوچ جي رستي معنيٰ کي اهڙو ته موڙ ڏيئي سگهي ٿو جو رچنا مان اهڙا مطلب نڪرڻ شروع ٿي وڃن جنجي ليکڪ خواب ۾ به ڪلپنا نه ڪئي هجي.

ڪئين سال ٿيا. منچ تي ايم. ڪمل جي هڪڙي ايڪانڪي کيلي ٿي ئي. ان ۾ هڪ ڪردار بئي کي هر هر ٿو چوي: ''اڃا ويجهو اچ - اڃا ويجهو اچ.'' هال ۾ ٺهڪڙو مچي ويو! ماڻهن ان ڊائلاگ جو اهو مطلب ڪڍيو ته اُهو ڪردار امرديرست (Homo) آهي. ايم. ڪمل ڪائي ڪٿي نراڙ تي هٿ هنيو.

ڏوھ ڪنھنجو؟ / ڪشور پھوجا ’جيون‘

پاتر : گوپي - راڌا جي ڌيءَ. سرسوتي - راڌا جي پاڙيسرڻ
راڌا - گوپيءَ جي ماءُ. نرمل - سرسوتيءَ جو پٽ.
ڪملا - ڊاڪٽرياڻي.

درشيہ : (سنڌي ڪالونيءَ ۾ ھڪ گھر جو مکيہ ڪمرو. پلنگ تي گوپي ليٽيل آھي. چادر سان سرير ڍڪيل اٿس. راڌا، پلنگ پرسان، گوپيءَ طرف جھڪندي)

راڌا : گوپي، اُٿي نہ. سمھيل ئي رَھُہ.

گوپي : نہ .... نہ .... تون مونکان پري ٿي. تون منھنجي ماءُ نہ پر دشمن آھين دشمن!

راڌا : منھنجي راڻي ڌيءَ، چلاءِ نہ ..... وڌيڪ تڪليف ٿيندءِ!

گوپي : نہ .... تون پري ٿي، تو ئي منھنجي ستياناس ڪئي آھي.

راڌا : منڙي ڌيءَ .... مان ماءُ آھيان .... مان .....

گوپي : نہ .... نہ .... ھوُ ڏِسُ رام پيو اَچي ....! نہ نہ، مان ساڻس گھمڻ نہ ويندس!! ھو ڪمينو آھي .... نيچ آھي!!

راڌا : ھي توکي ڇا ٿي ويو آھي؟ ڪٿي آھي رامِ؟ منڙي ڌيءَ توکي وھم آھي!

گوپي : رام کي گھر ۾ نہ ڇڏ .... بلڪل نہ ....ا

(ايتري ۾ ڊاڪٽرياڻي ڪملا پرويش ڪري ٿي)

راڌا : ڊاڪٽرياڻي صاحبان .... ڪملا ڀيڻ .... ڏسو تہ منھنجي گوپيءَ کي ڇا ٿيو آھي؟

گوپي : مونکي ڪجھہ بہ نہ ٿيو آھي، پر ھن رام کي ھت اچڻ نہ ڏي .... کيس لوڏي ڪڍ!

ڪملا : راڌا ڀيڻ! ھي رام ڪير آھي؟

راڌا : منھنجي وڏي ڌيءَ جو گھوٽ. مسخري چرچي جي کيس عادت آھي. گوپيءَ کي نہ وڻندو آھي!

ڪملا : چڱو راڌا ڀيڻ. ھينئر تون ڪِنَ پَل ٻاھر ترس تہ مان

پشپا!

بڙي شوق سي سُن رها ٿا زمانا،
تم هي سو گئي داستان ڪهتي!

هڪ مٺي، اثردار ۽ شاندار آواز جي اننت ياترا

گوبند مالهيءَ جي سپتري پشپا ڀ سنسار جي محدود ياترا طئہ ڪري اننت ياترا لاءِ رواني ٿي وئي. اسان هندو آتما جي امرتا ۾ وشواس رکون ٿا ۽ ان وشواس جي آڌار تي ڄاڻون ٿا تہ اِهو - لوڪ جي ياترا پوري ڪري هرڪا آتما يا تہ ڪو ٻيو روپ - شرير - نام - گڻ ڌارڻ ڪري واپس هن سنسار ۾ ايندي ۽ پنهنجا اڌ ۾ ڇڏيل ڪم اچي پورا ڪندي يا پرماتما سان ايڪاڪار ٿي اننت ڪال تائين جنم - مرڻ جي چڪرويوہ کان مڪت ٿي ويندي. پر اُها نرگڻ ۽ نراڪار آتما جنهن شرير ۾ نواس ڪري ٿي، اُن شرير جو وڇوڙو تہ رشتيدارن کي ترڦائي ٿو ۽ روئاري ٿو. گيان پنهنجيءَ جڳهہ تي ۽ دل جون ڀاونائون پنهنجيءَ جڳهہ تي! انسان فقط ايترو چئي سگهندو- جو تڏ ڀاوي، سوئي ڀلي ڪار!

-ضيا پريوار.

☆☆☆

سڪمني/اشلپدي ٢/١

جڳ ۾ جنهنجو ماءُ نہ پيءُ ۽ متر پراتا يار نہ آ
نام تئي آڌار انهيءَ جو، نام بنا آڌار نہ آ
عمر جڏهن ٿئي پوري، جم جا دوت اچن ٿا، ڪن ٿا تنگ
سنگ جي ان دم هلندو ڪوئي، نام جو نالو هلندو سنگ
سر تي اچي جي رنج مصيبت، مشڪل منهن ڏيکاري ٿي.
نام جو نالو دور ڪري دک، ڀڳتي مشڪل ٽاري ٿي.
ٻو ساگر مان ترڻ ڪلن آ، پيچ ۽ دان هزار ڪجن
هڪڙي هريءَ جو نام تو تاري، پاپ هزارين دور ٿين
گرمک گر جي صحبت ۾ ستنام جو جاپ جپيندو رهہ
نانڪ سمري سک ڪر حاصل دک ۽ درد ڪليندو رهہ.

- ضيا

ڪان وڏيڪ خوف پنهنجن مان ئي ٿو رهي! تڏهين ته گوپي رام خلاف چلائي رهي هئي؟ انسان ڪام وس ڪهڙا ڪهڙا نه ڪُڪرم ٿيو ڪري؟!

ساوتري : ڪملا پيڻ، لڪايو نه .... ڪولي ٻڌايو .... گوپيءَ کي ڇا ٿيو آهي؟ رام خلاف ڇو چلائي رهي هئي؟!

راڌا : گوپيءَ کي، ڪجهه نه ٿيو آهي .... صرف پيٽ ۾ سور اُٿس .... تون چلاءِ نه .... مان توکي هٿ تي جوڙيان، متان پاڙي ۾ اَچايو ڍنڍورو پٽين؟!

ساوتري : مان ڇا لاءِ ڍنڍورو پٽينديس. هاڻ منهنجي پُٽ نرمل جو ڇا ٿيندو؟ هنکي ته گوپيءَ سان پيار ٿي ويو آهي. فقط سندس ئي پيو مالها ڦيرڻي ....! هاڻ هنجو ....!

(ايتري ۾ نرمل پرويش ٿو ڪري)

نرمل : اَمان، تون ته جتي وڃين، اُتي ڪُپ ڪوڙي ويهيو رهين! هيڏانهن مونکي بُک لڳي آهي. دوڪان نوڪر جي حوالي ڪري آيو آهيان!

ساوتري : اَڙي ماريا! مان ته هتڙي تنهنجي ڀلائيءَ لاءِ ئي آئي هيس. روز روز پيو ستائين ته گوپيءَ سان مڱاءِ! هاڻ، گوپيءَ سان شادي ڪري ڇا ڪندين؟ هيءَ ته پاپ جو گهڙو آهي! رام سان منهن ڪارو ڪري آئي آهي!!

نرمل : اَمان، تنهنجو دماغ شايد ڳاه چرڻ ويو آهي!

ساوتري : ماريا، هل گهر ته حقيقت ٻڌايانءِ.

نرمل : (گوپيءَ تي نظر ٿي پويس) گوپي .... هي توکي ڇا ٿيو آهي؟ ڊاڪٽرياڻي ڇا لاءِ گهرائي ويئي آهي؟

ساوتري : هل .... هل. هت هڪ منٽ به نه ترسڻو آهي. هنن ماڻهن کان ته اَسين سوَ بار سُٺا. گهٽ ۾ گهٽ عزت مان ته آهي. چرتر-هيڻ ته ڪونه آهيون!

نرمل : نه .... نه اَمان .... گوپي چرتر هيڻ ناهي. پر ڊاڪٽرياڻي صاحبان .... پهرين اِهو ته ٻڌايو ته گوپيءَ کي ڇا ٿيو آهي؟

ڪملا : مونکي ته ائين لڳي ٿو ته گوپيءَ سان، رام زوري ڪئي

گوپيءَ جي تپاس ڪريان.
(پر راڌا ٻاهر نڪتي وڃي ۽ ڪملا تپاسڻ لاءِ اڳتي ٿي وڌي ٿي)
گوپي : مونکي ٻيو ڪجهه به نه ٿيو آهي. ڏينهن چڙهي ويا هئا. پر هار نڪي نه سگهيو - صفائي ٿيندي!
راڌا : (غصي وچان) هي تو ڇا چيو؟ ڪار مونهين هي تو ڇا ڪيو؟!
ڪملا : راڌا ڀيڻ، اِنهيءَ غصي ٿيڻ جي ضرورت ڪانهي. شاديءَ کان اڳ مائٽن کي گهرجي ته پنهنجن ٻارن کي ڪام واسنا جي غلط ڍنگن طريقن نه اپنائڻ جي سکيا ڏين. هاڻ ته آپريشن ٿيندو!
راڌا : پر ڊاڪٽرياڻي صاحبان .... گوپيءَ جي ته اڃا شادي به ڪانه ٿي آهي - گوپي ته اڃا مڱيل به ڪانهي ....!
(ايتري ۾ پاڙيسرڻ ساوتري پرويش ڪري ٿي)
ساوتري : گوپي مڱيل ناهي ته دير ڪهڙي آهي؟ مان ته روز پئي توکي منٿون ڪريان! ساهڙي ته آهين - پوءِ سيڻ ٻڌجڻ چو نه ٿي قبولين؟ (ڊاڪٽرياڻيءَ تي نظر پوندي) اَڙي .... ڪملا ڀيڻ، تون هت؟ ڪير بيمار آهي؟
راڌا : (تڪڙ ۾) گوپيءَ کي اوچتو ئي اچي پيٽ ۾ سور پيو، انڪري ....
ڪملا : خير، گوپي ته ٺيڪ ٿي ويندي، پر ساوتري ڀيڻ تنهنجو پُٽ ڇا ڪندو آهي؟
ساوتري : ڪملا ڀيڻ، منهنجي پُٽ کي پنهنجو دوڪان آهي. چار پنج هزار مهينو ڪمائيندو آهي. سهڻو ناهوڪو آهي. پڙهيل به آهي. (گوپيءَ ڏانهن وڌڻ ٿي چاهي) توکي پيٽ ۾ سور .... ڇو پيو آهي؟
راڌا : پنهنجيءَ ڀيڻ موهنيءَ جي گهر ويئي هئي. گهٽ وڌ کائي آئي آهي ...!
ساوتري : موهنيءَ جي گهر ....؟ يعني رام جي گهر ....؟! ستياناس! پوءِ ته پڪ ئي ڪا ٻي گڙٻڙ ٿي ڏسجي. نه ته پيٽ جي سور لاءِ گهر ۾ ڊاڪٽرياڻي ڇا لاءِ گهرائجي؟
ڪملا : (عجب وچان) او ....! مون هاڻ سمجهو!! ته ڇئبو ڏارين

گهرجي مسواڙي / هرولال راجپال

پاتر : سيٺ کانچند - هڪ شاهوڪار سيٺ (ڪنجوس).
مرچومل - نوڪر.
سليم - سيٺ کانچند جو نائي.
نرملا - سيٺ کانچند جي سڪيلڊي ڌيءُ.
راجيش، وجيہ، اَشوڪ - (مسواڙي جڳھہ لاءِ اُميدوار)

(اسٽيج تي نوڪر ٻهاڙي پائي رهيو آهي)

مرچومل : واه واه منهنجي ٻهاڙي
تون تہ آهين پياري سڀن ۾ آهين نياري، تون آهين تہ مان آهيان؛ مان آهيان تہ تون آهين، (ٻهاڙي سنگهي) واه ڇا تہ تون ۾ خوسبوءِ آهي، گلاب جي گل کي ڦٽو ڪجي ڪٽي :
’هم تم اِڪ ڪمري ۾ بند هون اور چابي کوجائي
ڦر سيٺ آ جائي، ڪنڌ هيٺ هو جائي.‘

سيٺ کانچند : اَڙي مرچومل، ڇاهي، وري ڪا فلم ڏسي آيو آهين ڇا؟ خير ٻڌاءِ ڪا تار ٽپال آئي آهي ڇا ۽ اَڄ جي اخبار ڪٿي آهي؟

مرچومل : هان وٺو سائين هيءَ اخبار، پر توهان اڄ اچڻ سان اخبار جو ڇا پڇيو؟

سيٺ : مرچومل هڪ راز جي ڳالھہ ٿو ٻڌايانءِ، ڪنهن کي ٻڌائجانءِ نہ. اڄ جي اخبار ۾ هي ڏس اشتهار ’گهرجي مسواڙي‘

مرچومل : هان!! مسواڙي؟! توهان وٽ مسواڙ تي ڏيڻ لاءِ جڳھہ تہ آهي ئي ڪانہ.

سيٺ : اَڙي مرچومل، هي اَشتهار تي 17.50 پئسا ائين ڪونہ خرچ ڪيا آهن. منهنجي ڌيءَ جي تہ توکي خبر آهي تہ نرملا ڪيڏي وڏي ٿي ويئي آهي، سو اُنهيءَ جو هٿ ڪنهن نوجوان جي هٿ ۾ ڏيئي شانتيءَ سان مران. پر اجڪلھہ جو هي ڏيتي ليتيءَ جو روڳ آهي تہ اِهو بيڪار آهي. ڇا مون غلط چيو؟

مرچومل : نہ سائين توهان جهڙو ڪو شاڻو؟

سيٺ : ها تہ مسواڙي جڏهن ايندو تہ ضرور مڙيئي

آهي. ڪڇو -ار، بن مهن جو، ان جي ثابتي آهي! ڇا، ان هوندي به تون گوپيءَ سان شادي ڪندين؟

نرمل : ها، ڪندس! گوپي منهنجو بچاءُ ڪري، رام کي ڏوهي ٺهرائي رهي آهي!! ماءُ کي اُلو بڻائي رهي آهي. هي نہ منهنجو ۽ گوپيءَ جو گڏيل ڪارنامو آهي!!

راڌا : (نرمل کي ٻڌو ڏيندي) ستياناس ڪري ڇڏيئہ! مُئا .... پاپي .... نڪر هتان! مان چوانءِ ٿي نڪرا

ساوتري : منهنجي پُٽ مان تي ڏوهہ ڪڍين؟ ڇا انهيءَ تنهنجي ڌيءَ جو ڏوهہ ڪونهي - ڏُڪ پيئندڙ آهي؟ ڪنهن سان ڪوئي زوري تہ ڪونہ ٿو ڪري!؟

ڪملا : هاڻ حقيقت صاف صاف ظاهر ٿي پيئي. راڌا پيڻ ٻارن کي ڏوهہ ڏيئي رهي آهي. ان ۾ تہ سندس بہ گناهہ آهي. جوان ٻارن کي پنهنجي زندگيءَ جو فيصلو پاڻ ڪرڻ گهرجي. کين ايتري آزادي هئڻ گهرجي. تنگدليءَ جو نتيجو سندس سامهون آهي!

ساوتري : ڪملا پيڻ، ان ۾ منهنجي ساهڙيءَ جو ئي ڏوهہ آهي. مان تہ ڪانئس ڏيتي ليتي بہ ڪانہ ٿي گُهران. منهنجي پُٽ ۾ بہ کهڙي ڪمي آهي؟ تنهنجي سامهون آهي، ٻنهي ٻارن جو پاڻ ۾ پيار آهي - شادي ڪرڻ چاهين ٿا. اڄ مان غريب برابر آهيان - پر ٻچڙي ۾ برڪت پئي تہ سڀ ڪجهہ ٿي پوندو ....!

ڪملا : (راڌا کي) راڌا پيڻ، مان تہ توکي اِها ئي صلاح ڏيندس. هاڻ اَجائي هٺَ تان لهي وڃ! پئسو تہ هٿن جي مَر آهي. ڏس نہ ورهاڱي بعد، جيڪي سنڌ ۾ شاهوڪار هئا سي هت غريب بڻجي ويا ۽ جي اُتي غريب هئا سي شاهوڪار بڻجي ويا. اڄ چرتر ئي ڀُڻو آهن، سڀ ڪجهہ آهي. (راڌا ۽ ساوتريءَ جا هٿ پڪڙيندي) هاڻ اَچو، ٻئي ساهڙيون ڀاڪر پائي ساهڙين مان سيڻيون بڻجي وڃون ۽ ڪرايو منو وات!

(راڌا ۽ ساوتري ڀاڪر تيون پائين. ڪملا تاڙيون ٿي وڃائي ۽ نرمل گوپيءَ طرف وڏندو نظر اَڇيتو ۽ پڙدو ڪري ٿو)

ڪانهي، پر هن کي ٽارڻو آهي. (زور سان) شرم اچڻ گهرجي توهان جهڙن نوجوانن کي. پنهنجي پيءُ جي ڪمائيءَ تي هلو ٿا. وري جوءِ جو بوجو بہ گهر تي. توهان لاءِ جڳهہ ڪانہ آهي.

اَشوڪ : واهہ سائين، دنيا جا ست عجائب گهر ٻُڌا آهن، مگر اَئون اڄ ڏٺو. عجيب شرط آهن توهانجا - ڇا پڙهندا آهيو، شادي ڪيل آهيو. هون. جڳهہ ڏيڻي ڪانہ اَٿوَ شايد، رام رام. (وڃي ٿو)

سيٺ : پهريون صبح جي مهل ئي ٻوهڻي بيڪار وئي. ڇا مون غلط چيو؟

مرچومل : نہ سائين، توهان جهڙو ڪو شاڻو. ويچارو وائڙو ني ويو. پر منهنجي پگهار؟

سيٺ : اَڙي پگهار تہ توکي ملندي پاڻهي وياج سميت. وڃ، هاڻي ٻاهر وڃي ويهہ.

مرچومل : وڃان ٿو سائين. (وجيہ اچي ٿو)

وجيہ : اَڙي ڀائي مونکي سيٺ سان ملڻو آهي.

مرچومل : ترسو مان سيٺ کان پڇي اَچان.

مرچومل : سيٺ صاحب، ٻيو مرغو آيو آهي، موڪليانس اندر مرڻ لاءِ.

سيٺ : ڪيئن لڳي ڪجهہ ڪنوارو تو نہ؟ جوڙي نهي جيئن. ڇا مون غلط چيو؟

مرچومل : نہ سائين، توهان جهڙو ڪو شاڻو؟ مگر مونکي ڪري ڇڏيوَ ويڳاڻو.

سيٺ : اَچو اَچو، ويهو. ها تہ توهانکي جڳهہ کپي.

وجيہ : تہ ٻيو ڇا لاءِ اچبو.

سيٺ : ها تہ توهان اصل ڪٿان جا رهندڙ آهيو؟

وجيہ : جي، لاڙڪاڻي ضلعي جا، پر ....

سيٺ : (وچ ۾) توهان کي هتي ڪهڙو ڌنڌو آهي؟

وجيہ : جي، مان هڪ دوڪان تي ڪم ڪندو آهيان.

سيٺ : مکيہ سوال، توهان شادي ڪيل آهيو؟

وجيہ : جي، نہ.

سيٺ : واهہ، مرچومل آخر منهنجو تير نشاني تي وڃي لڳو.

منهنجي ڏيءَ سان ڪسر پسر ڪندو. اِهو وڌي ٻڇندو پيار ۽ مان ڏيني ليني ءَ کان بچي پوندس. ڇا مون غلط چيو؟

مرچومل : نہ سائين، توهان جهڙو ڪو شاڻو؟ پر جيڪڏهن ڇوڪرو شادي شده هجي تہ؟

سيٺ : هاڻي ڏس، ضرور ڪو ايندو اسان جي جار ۾ پوءِ ڏسجانءِ. ڇا مون غلط چيو؟

مرچومل : نہ سائين توهان جهڙو ڪو شاڻو؟ سائين منهنجي ٽن مهنن جي پگهار؟

سيٺ : وڃ هاڻي وڃي در تي بيهہ. (اَشوڪ ڪمار نظر اچي ٿو)

اَشوڪ ڪمار : سيٺ صاحب گهر ۾ آهي؟ سيٺ صاحب گهر ۾ آهي؟؟

مرچومل : هان، ها-ها آهي، ڇئو ڪهڙو ڪم اَٿوَ؟

اَشوڪ : جي، مان هن اِشتهار جي ....

مرچومل : بيهو، هتي بيهو ....

(اندر وڃي ٿو)

مرچومل : سيٺ صاحب، هڪڙو ڇوڪرو آيو آهي.

سيٺ : ڪيئن، ڏسڻ ۾ ڪيئن ٿو لڳي؟

مرچومل : نيڪ آهي سائين، مان اندر موڪليانس ٿو.

اَشوڪ : سائين نمستي ....

سيٺ : نمستي، توهان جو نالو؟

اَشوڪ : آشوڪ شرما.

سيٺ : نيڪ آهي، توهان ڇا پڙهيل آهيو؟

اَشوڪ : بي.اي. پاس، مئٽرڪ فيل.

سيٺ : نوڪري ڪهڙي ڪندا آهيو؟

اَشوڪ : اجان تہ پيءُ جي پئسن مان کائيندو آهيان، پر هي توهان ڇو ٿا پڇيو. هن جو واسطو مسواڙ سان تہ ڪانہ آهي؟

سيٺ : شادي ڪيل آهيو؟

اَشوڪ : ها.

سيٺ : (آهستي) اَڙي ڪرم ڦٽي ويا. هي تہ ڪم جو

مرچومل : نہ سائين توهان جهڙو ڪو شاڻو.

(ٿوري وقت ڪانپوءِ)

مرچومل : اَڙي! اَڙي!! چاهي ياڻي، سڏو اندر ٿو وڃين؟

سليم : اَڙي بس نہ ڪر.

سيٺ : اَچو، اَچو، وِهو. ها نہ توهان ڪي جڳهہ کپي؟

سليم : پر ....

سيٺ : اَڙي پر ڇا توهان پڙهيل ڇا آهيو؟

سليم : مان وڪالت پاس آهيان. مان نہ ....

سيٺ : مرچومل نيڪ آهي، ها نہ توهان جي پگهار گهڻي آهي؟

سليم : ١٢٠٠ روپيا.

سيٺ : هان، ١٢٠٠ ۽ توهان مسواڙ تي جڳهہ وٺڻ آيا آهيو، خير پاڻ اِها نہ فائدي واري ڳالهہ آهي. توهان شادي ڪئي آهي؟

سليم : اُن لاءِ نہ آشيرواد وٺڻ آيو آهيان.

سيٺ : آشيرواد مونکان؟!!

سليم : مان توهانجي ڌيءَ نرملا سان سِول مئريج شادي ڪئي آهي.

سيٺ : مرچومل پوليس کي فون ڪر.

سليم : مون وٽ ڪورٽ جا ڪاغذ آهن.

سيٺ : منهنجي ڌيءَ جيڪا نرملا هن چاندي بائي ڪاليج ۾ پڙهندي آهي؟

سليم : ها، منهنجي ڀيڻ جي ساهيڙي آهي ۽ هاڻي منهنجي ڌرمپتني.

سيٺ : هي ڀڳوان، مان لُٽجي ويس. منهنجي ڪنجوسائپ ڪري منهنجي ڌيءَ مسلمان ذات ۾ ويئي. هاڻي مان سبق سکيس نہ ڏيتي ليتي بچائڻ وڏي مورکتا آهي مگر وٺڻ نہ مها مورکتا آهي. ڇا مون غلط ڪيو؟

مرچومل : ها، سائين، توهان غلط ڪيو.

سيٺ : پٽ نرملا ڪٿي آهي؟

سليم : نرملا او نرملا!! هيڏانهن اَچ.

(ٻئي پيرين پئي آشيرواد وٺن ٿا)

وجيہ : مان جڳھ ڳولھي پوءِ شادي ڪندس.

سيٺ : اَڙي ماري چڏيئہ مرچومل هي چا ٿي ويو؟ پرواه ناهي هڏئي هائي ڪيڏون ٿا. (رور سان) تہ توهان يعني ماءُ پيءُ کان اڳ ۾ ئي الڳ ٿيڻ چاهيو ٿا، شرم اچڻ گهرجي. تون تہ ڪو ماءُ پيءُ جو ذڪيل آهين. تو لاءِ جڳھ ڪانہ آهي.

وجيہ : پر هي آهي چا؟!

سيٺ : مان چيو ڪانهي يعني ڪانهي.

وجيہ : چڱو سائين، رام رام.

سيٺ : چا مون غلط چيو؟

مرچومل : نہ سائين، توهان جهڙو ڪو شاڻو؟

سيٺ : وڃ ٻاهر ڏس، ڪير آيو آهي؟

مرچومل : سائين سنو ڇوڪرو آهي. اَڙي هي تہ اندر اچي ويو.

سيٺ : ويهو. نمستي، ها تہ توهان کي جڳھ کپي!

راجيش : ها ....

سيٺ : هون، توهان چا پڙهيل آهيو؟

راجيش : بي.ڪام. پر نوڪري ڪانہ ٿي ملي.

سيٺ : اِها تہ معمولي ڳالھ آهي تہ توهان اَجان نوڪريءَ جي تلاش ۾ آهيو.

راجيش : ها.

سيٺ : شادي توهان ڪئي آهي؟

راجيش : ها، ٻہ ٻار بہ آهن.

سيٺ : بيڙا ئي پار. توهان وٽ ريڊيو آهي؟

راجيش : ها، پر ان جو واسطو ان ڳالھ سان تہ ڪانهي.

سيٺ : توهان پنهنجو ريڊيو منهنجي گهر رکجو ڇو تہ توهان وٽ هوندو تہ توهان گوڙ ڪندوَ ۽ ٻي ڳالھ تہ ٻارن کي بہ سمجهائجو.

راجيش : ٻارن کي تہ سمجهائجي مگر ريڊيو اسانجو ۽ گهر ۾ توهانجي. هيءَ بہ عجيب شرط آهي. جڳھ ڏيکي اَتوَ يا نہ؟

سيٺ : جڳھ خالي ڪانهي.

راجيش : هون، عجيب ماڻهو آهيو يا ڪير آهيو؟ (وڃيٿو)

سيٺ : ڪيئن مرچومل چا مون غلط چيو؟

پنهنجو آهي - ڏاريو يا خطرناڪ نہ آهي! هوءَ پستول هٽائي ٿي.)
ڇوڪري : پر نرمل! تون هت پهتي ڪيئن؟
نرمل : حال احوال تہ پيا ڏينداسين وٺنداسين، ٿوري ۾ پهرين اِهو تہ ٻڌاءِ، تون ڪير آهين؟ تنهنجو نالو ڇا آهي ۽ هيءُ ڪتاب .... هن تي تہ جهولي لعل جي تصوير ڇپيل آهي ....!
ڇوڪري : منهنجو نالو نازي آهي. منهنجو والد وزير آهي. هيءُ ڪتاب شهباز قلندر جو ئي آهي، جنهن کي لعل قلندر پڻ چئون! اِهو ئي جهولي لال ۽ اُڏيرو لال پڻ سڏجي ٿو - اهو ئي تہ اسان سيني جو سائين، رهبر ۽ رکوالو آهي!
نرمل : واه! ڪيڏي نہ تبديل! ڪوئي وقت هو جو سوارٿي نيتائن مذهب جي نالي تي ٻاه ٻاري ڏني هئي ۽ اسان کان سنڌڙي ڇڏائي هئائون .... ۽ هاڻ ....!
نازي : بيشڪ! هينئر هتان جون حالتون ڦريل آهن. اسان جي وڏڙن جيڪي ڀُلون ڪيون، انهن لاءِ هنن کي ارمان آهي. هندن جي هلي وڃڻ ڪانپوءِ سنڌ جا سنڌي پاڻ کي اڪيلا محسوس ڪري رهيا آهن! ڏاريا اچي سنڌ والاري ويٺا آهن. اسين سنڌو ديش جا وارث پنهنجي ئي وطن ۾ وڃون پيا ٿورائيءَ طرف گهلبا! حاڪم ڏاريا ..... ڌنڌا ڌاڙيون ..... زمينون ..... ملڪيتون وڃن پيئون هٿان نڪرنديون ..... آخر ڪيستائين ائين هلندو رهندو؟ ڇا اسين سچ پچ غلام ٿي گذاريندا سين ....! هن سوچ سنڌين ۾ تبديل آندي آهي. هينئر سنڌ جا سنڌي مذهب کي اهڙائي ڪين ڏين! هندو-مومن هڪ آهيون، هڪ ئي اَمڙ سنڌڙيءَ جي سنتان!
نرمل : اسين بہ اهو ئي چاهيون ٿا تہ جنهن مذهب جي نالي سنڌ اُجڙي، اسانجي جڙ ڪٽي - ٽڙ ڌار ٿيو - شاخون هِت هُت ٽڙي پکڙي ويئون - اهڙي مذهب کي الوداع ڪريون ۽ هڪ نئين لهر - سنڌيت جي لهر پئدا ڪريون - جنهن ڪري اسان ۾ وري پنهنجائپ پئدا ٿئي - وشواس وڌي - وري هڪ ٿيون - وري سنڌوءَ جي ڪپ تي سنڌين جا ميلا لڳن!
نازي : بيشڪ ائين ئي ٿي رهيو آهي - اسان جا ليکڪ ۽ شاعر اهڙي ئي فضا پئدا ڪري رهيا آهن - 'جيئي سنڌ' هلچل زور آهي

جئہ سنڌو ديش! / وشنوُ ڪمار مهناٽي

پاتر : نازي
نرمل
جج.

(نظارو پهريون)

(پاڪستاني وزير جو بنگلو - پٺين تي 'يا الله' ۽ جناح جون مورتون گهر جي هڪ ڪمري ۾ هڪ جوان ڇوڪري پلنگ تي سمهيل - سندس ڇاتيءَ تي هڪ کليل ڪتاب - لڳي ٿو تہ ڪتاب پڙهندي پڙهندي ٿازو ئي ڪيس ننڊ اچي ويئي آهي. اوچتو دريءَ منجهان ڪنهنجي ٽپڻ جي آواز تي ڇوڪري جاڳي پوي ٿي - هوءَ ڇرڪ ڀري اُٿي ٿي ۽ تڪڙو ئي وهاڻي هيٺان رکيل پستول ڪڍي گهر ۾ گهسي آيل جوان ڏانهن تاڻي ٿي - وقت آڌي رات.)

ڇوڪري : خبردار! ڪير آهين؟ .... هڪ قدم بہ وڌئين تہ ....!
ڇوڪرو : ترس! .... ترس!! .... مان آهيان .... مان ....!
ڇوڪري : تون ڪير؟ تڪڙو ٻڌاءِ، نہ تہ ....!
ڇوڪرو : مان آهيان .... نرمل! هند منجهان آيو آهيان .... هند جي سنڌين جو سنڌ جي سنڌين لاءِ پيغام کڻي!
ڇوڪري : پيغام ....! ڪهڙو پيغام ....!؟
ڇوڪرو : اِهو ئي تہ سنڌو ديش جي آزاديءَ لاءِ جنهن دليريءَ سان توهان لڙي رهيا آهيو ۽ جيڪا هلچل هلائي رهيا آهيو، اسين پڻ اُن جي پنيرائي ٿا ڪريون ۽ همدردي ٿا رکون! آخر اسين بہ تہ سنڌي آهيون .... پنهنجي اباڻي وطن جي آزاديءَ لاءِ کُلهي سان ڪُلهو ملائي هلڻ جي آرزو آهي. سرحد جي هن پار پڻ سنڌڙيءَ لاءِ سِر صدقي ڪرڻ جي جنبش جوانن ۾ جاڳيل آهي. وطن کان وڇڙيل سنڌين ۾ سنڌ لاءِ بيحد سڪ ۽ پيار اُڇلون ڏيئي رهيو آهي!
(ڇوڪريءَ جو رخ نرم ٿئي ٿو - ڇوڪري طرف گهوري نهاري ٿي - سندس بدن ۾ آيل لهندڙ منجهان وهندڙ رت ڏسي هوءَ ڳڀرجي پوي ٿي - ڪيس وشواس ٿئي ٿو تہ آيل جوان واقعي بهادر آهي -

جان وَئي تہ بہ وچن پالبو

پاتر : ١-ڪرپال سوڍي
٢-رڻبير آنند
٣-سنتوش باوا

عمر : ٻہ ڏهاڪا پار ڪيل

درشيہ - ١/ رات/ فليٽ جو هال

(پردو کڄڻ تي اسان جي سامهون ڪنهن فليٽ جو هال+ڊرائنگ روم آهي. اسانجي ساڄي پاسي ٻاهر وڃڻ جو دروازو آهي ۽ کاٻي پاسي بيڊروم ڏانهن کلندڙ دروازو آهي. باٿروم، ٽئائليٽ ۽ بالڪني بيڊروم جي اردگرد ئي آهن. هال ۾ سامهون واري ديوار سان لڳل رائيٽنگ ٽيبل پئي آهي، جنهن جي پاسي ۾ هڪ ڪرسي بہ پئي آهي. ٽيبل جي ٻرسان هڪ ڪبٽ بہ پيو آهي جنهن تي ٽيليفون رکيو آهي. ميز تي هڪ گهڙيال، ڪجهہ ڪتاب ۽ پنا پيا آهن جن جي ٻرسان ڪجهہ پينسلون ۽ بال پينون پيون آهن. هال ۾ هڪ پاسي ڪاٺ جي آرام ڪرسي بہ پئي آهي. هال خالي آهي پر روشني ڪافي آهي.

●هن وقت رات جا ساڍا ڏهہ لڳا آهن. آگسٽ جو مهنو آهي. ٻاهر زوردار برسات پئجي رهي آهي. جنهنجو پتو برسات جي آوازن مان پئجي رهيو آهي. ڪنهن ڪنهن وقت بادلن جي گجگور جو آواز بہ اُچي ٿو.

●ڪرتي ۽ پاجامي ۾ ملبوس ڪرپال ٽوال سان منهُ اُگهندو بيڊروم واري طرف کان هال ۾ داخل ٿئي ٿو. هو سيٽي وڄائيندو ميز تائين اچيٿو، هڪ ڪتاب کڻي ٿو ۽ آرام ڪرسيءَ تي ويهي ان جي ورق گرداني ڪرڻ بعد پڙهڻ شروع ڪريٿو.

●بادل زور سان گهرجن ٿا ۽ وچ جي ڪرڻ جو ڪڙڪو ٻڌڻ ۾ اچيٿو.

●ڏيري ڏيري سڀ ڪجهہ شانت ٿي وڃيٿو.)

ڪرپال (ڪتاب ميز تي رکي) هي ڪرپا-نِڌان بابا نانڪديو! پنهنجي ٻالڪ ڪرپال تي ڪرپا جي برسات وسائيندو رهجانءِ! پر، هن برسات کان تہ منهنجن فرشتن بہ توبهہ ڪئي.دِليءَ جي لڏن بابت چوندا آهن ... لڏون! لڏون! اڙي، لڏون تہ منهنجي ڪبٽ ۾ ئي پيا آهن. دل تہ گرم گرم ۽ نرم نرم پڪوڙن کائڻ تي ٿي رهي آهي پر لڏن کي پڪوڙن ۾ بدلڻ وارو جادو سيکارڻ وارو اُستاد اَجا

۽ جلد ئي سند ديا جي نقشي تي آزاد ’سندو ديش‘ بڻجي سورج جيان چمڪندي! جتي صرف سنڌين جو، اصلي وارثن جو راڄ هوندو! ساڳئي اڳلي حب ۽ پيار ..... اڳلي رونق ۽ رُتبو! .... ڪلام ۽ ميلا ملاکڙا .... پڳڙيون ..... ڀهراڻا .... چيچ ..... گانا بجانا! .... درويشن جا ڪلام .... محفلون ۽ مجلسون هونديون!

نرمل : آمين! ... شل ائين ئي ٿئي!

(اوچتو گهر جو در کلي ٿو - پوليس ۽ پهريدار اندر اچن ٿا)

انسپيڪٽر: هيءَ ڪير آهي ....؟

نازي : هيءَ .... هيءَ نرمل آهي!

انسپيڪٽر: (ڪاوڙجي) نرمل ڪير؟ هيءَ اوپرو هن وقت ۽ هتي ....؟

(نازي ۽ نرمل خاموش رهن ٿا)

انسپيڪٽر: سپاهي! گرفتار ڪريو هنن ٻنهي کي! الاجي ڪهڙا گهات پيا گهڙين! (سپاهي ٻنهي کي پڪڙي ٿا وڃن - پردو ڪري ٿو.)

(نظارو پيون)

(پاڪستاني عدالت - سامهون ڀتين تي هلال - چنڊ تاري وارو قومي نشان ۽ جناح جا فوٽا - جج ڪرسيءَ تي براجمان - ڪٽهري ۾ نازي ۽ نرمل بيٺا آهن - وقت صبوح جا ساڍي ڏه بجہ)

جج : جاچ پڙتال ۽ مليل ثابتين مان معلوم ٿئي ٿو تہ نرمل هندستاني جاسوس آهي ۽ نازي هُن سان ڀِٽُ آهي - هي ٻئي پاڪستان جا دشمن آهن ۽ پاڪستان سان جنگہ جوٽيندڙن سان سازباز آهن ۽ جيئن تہ هنن مان پاڪستان جي استقامت کي خطرو آهي، تنهنڪري حڪم ٿو ڏيان تہ هنن ٻنهي کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو وڃي! (پوليس وارا ٻنهي کي وٺي ٿا وڃن - ويندي - ويندي نازي ۽ نرمل نعرا ٿا هڻن - ’اِنقلاب زنده آباد‘ - ’سندو ديش آزاد‘ - ... ’جئہ سندو ديش - جئہ سندو ديش - جئہ سندو دبش - جئہ سندو ديش ...!‘ آواز گهٽجندو ۽ گم ٿيندو وڃي ٿو - پردو ڪري ٿو.)

سمجهہ کٿي مان سنتوش نہ هجان ۽ ڪائي مرت آتما هجان، ڪوئي ڀوت هجان، ڪوئي پريت هجان تہ پوءِ ....

ڪرپال : يار سچ پڇين تہ هي لڏون ڪائڻ وقت منهنجي دماغ ۾ بہ اهڙا خيال اچي رهيا ها تہ ڪٿي هن لڏونءَ ۾ ڪم آيل بونديءَ جي هڪ هڪ داڻي ۾ جي ڪنهن ڀوت پريت جو واس هجي تہ منهنجي هاضمي جو ڪهڙو حشر ٿيندو!

(ٻئي دوست زور سان ٽهڪ لڳائن ٿا.)

ڪرپال : اسان هن وقت انهن ڳالهين تي ڀلي کلون - پر هيءَ دنيا اٿئي هڪ عجيب گورکہ ڌنڌو. جنهن انسان سڀ کان اول ڇيو هوندو تہ ڪک هيٺان لکہ آهي ۽ لکہ هيٺان ڪک، اُهو انسان ڪيڏو نہ وڏو گياني ۽ آزمودگار هوندو. دوست دنيا جا ڪرشما ٽڪڻ لاءِ يا ڏکائڻ لاءِ نہ هوندا آهن بلڪ همٿ ۽ حوصلو برقرار رکي، سمجهڻ لاءِ هوندا آهن ...

سنتوش (وچ ۾ ڪٽي) ٺيڪ آهي، ٺيڪ آهي مون ٻڌو، مون سمجهيو ۽ مون قبول ڪيو .... پر اهو تہ ٻڌاءِ هن وقت تون پڙهي ڇا رهيو هئين؟

ڪرپال : والٽر ڊي لاميئر (Walter De La Mare) جو هڪ ناول - ٽائيٽل اٿس ’دَ رٽرن.‘ عجيب عجيب ڪلپنائن سان ڀريل ڪهاڻي ....

سنتوش : پر والٽر ڊي لاميئر تہ ڪوي هو. مون هن جون ڪجهہ ڪوتائون Text Books ۾ پڙهيون آهن.

ڪرپال : اِتي ئي دنيا جو هڪ عجيب تماشو ڏس. والٽر پنهنجي جيون جي شروعات بئنڪ ۾ ڪم ڪرڻ سان ڪئي ۽ زندگيءَ ڀر ڪلپنائون اهڙيون ڪندو رهيو جن جو بئنڪنگ سان دوردور جو بہ رشتو يا واسطو ڪون هو. ڪوتائون لکيائين. ٻہ ناول لکائين. پر سندس سمورين رچنائن جو آڌار هيءَ پنهنجي دنيا نہ، پر ڪا ٻي دنيا هئي. هو ’ٻيءَ دنيا‘ جو رچناڪار هو.

سنتوش : يعني زندگيءَ ڀر ڪلپنائن جي ڪوريءَ سندرتا جي ڪچي بنياد تي واريءَ جا محل اڏيندي پنهنجيءَ الوڪڪ شڪتين کي قربان ڪري ڇڏيائين؟

ڪرپال : نہ، اِئين بلڪل ڪونهي. هن جو قلم سندرتا ۽ آڪرشڻ جي اُن نهر ۾ ٻڏل رهندو هو جيڪا پڙهندڙ کي حقيقت جي ريگستاني ماحول کان دور، رنگين روشنين سان ڀرپور، پر انومان جي حدن کان پري، هڪ

تائين پڪڙ ۾ ڪونہ آيو آهي...
(ڪبٽ کولي اُن مان هڪ پليٽ ڪڍي ميز تي رکيٿو. پوءِ ڪبٽ مان پلاسٽڪ جو هڪ ڍَڪو ڪڍي ان مان ٢ لڏون ڪڍي پليٽ تي رکي ڍڪو ڪبٽ ۾ رکي ڪبٽ بند ڪريٿو ۽ آرام ڪرسيءَ تي ويهي لڏون کائڻ لڳيٿو. ان وقت ڪال بيل وڄيٿو)

ڪرپال (ويني ويني ئي): جيڪو بہ آهي، هليو اچي. دروازو ڀيڪريل آهي.

(سنتوش باوا هال ۾ داخل ٿئيٿو. هن کي بدن تي پينٽ ۽ بش شرٽ پيل آهي)

ڪرپال : هلي آءُ سنتوش، ڪر خبرچار.

سنتوش : لائبرريءَ مان ڪتاب بدلائڻو هو. پر هن برسات ۾ ٻاهر نڪري ڪير! سپاٽي آفيس وڃڻ تي بہ دل ڪونهي. تنهنجو ڪهڙو ارادو آهي؟ پر دوست، تون ڦِٽين اڪيلو، الاهه ڪان بہ ڏايو. تو لاءِ جهڙي سوڪ تهڙي برسات! مسئلا ۽ مصيبتون تہ اسان گهرٻار وارن لاءِ آهن.

ڪرپال : لڏون کاءُ ....

سنتوش : ڪهڙيءَ خوشيءَ ۾؟ گلي ۾ ڦاهو پوڻ وارو آٿئي ڇا؟

ڪرپال : نہ. ڦاهو پوي دشمنن جي گلي ۾! گرم گرم پڪوڙن تي دل هئي. سنتوش نالو آهي تنهنجو، پر سنتوشي ماڻهو آهيون اسان. سوچيوسين: پڪوڙا نہ سهي، لڏون ئي سهي. آخر دِليءَ جا تہ ڪونہ آهن جو ٻنهي پاسن کان جٺ پئدا ڪن.

سنتوش : (لڏون کائيندي) لذيذ آهن. ڪنهن دلواري دلوارن لاءِ دل سان ناهيا آهن.

ڪرپال : هوندو. پر مون کي پئسن سان مليا آهن

سنتوش : ڪرپال! هئڙي برسات، هئڙي اونده، هئڙو ماحول - دَرَ کولي وهڻ ۾ توکي پوَ نہ پيو ٿئي؟

ڪرپال : ڪنهن انسان ۾ تہ ايترو دم ڪونهي جو منهنجي ويني اندر اچي ڪائي حرڪت بازي ڪري. رهيو سوال ڀُوتن - پريتن جو، سو انهن لاءِ تہ ديوارون بہ دروازا آهن. سنتوش، اِهي آتمائون هوائن وانگر آهن، خوشبو وانگر آهن، بدبو وانگر آهن، پاڇن وانگر آهن ۽ خيالن وانگر آهن.

سنتوش : ڪرپال، ڪڏهن اهو سوچيو اٿئي تہ ڪائي آتما تنهنجي ڪنهن يار دوست جو روپ ڌارڻ ڪري بہ تہ تنهنجي سامهون اچي ٿي سگهي.

ڪرپال (رڙڪندي) اڙي! رڻبير آهين؟ رڻبير آنند! پر... پر، توکي هي ڇا ٿي ويو آهي؟ تون ڇا هئين ۽ هاڻي ڇا ٿي ويو آهين؟

(رڻبير ڪوئي به جواب نه ڏيئي سر جهڪائي وينو رهي ٿو.)

ڪرپال : پر يار، اسان سالن کان مليا به ته ڪونه آهيون. زندگيءَ توکي الائي ڇا ڇا ڀوڳايو هوندو، مون کي ڪائي خاص خبر ڪونه آهي. تنهنجي حالت گهڻو ڪجهه ٻڌائي رهي آهي، تون ڀلي زبان سان ڪجهه به نه چئُو. جيڪڏهن مان تنهنجي ڪم آيس ته پاڻ کي وڏو خوشنصيب سمجهندس. يار، مون کي ٻڌاءِ، مون کي سڀ ڪجهه ٻڌاءِ ۽ پنهنجو من هلڪو ڪر.

(اوچتو رڻبير منهن مٿي ڪري پنهنجون اکيون ڪٽي ٿو ڪرپال جي اکين سان اٽڪائي. ڪرپال کي هڪ قسم جو جهٽڪو ٿو لڳي ۽ هو هڪدم ميز جو ڪنڊ جو سهارو وٺي پاڻ کي سنڀالي وٺي ٿو.)

ڪرپال : توکي ڏسي مون کي ڏاڍي خوشي به ٿي آهي ته ڏک به ٿيو آهي. ڀيريون ڪجهه کاءُ، باقي ڳالهيون پوءِ ٿينديون رهنديون.

(رڻبير بنا ڪجهه ڪڇڻ جي ڪنڌ جهڪائي وينو رهي ٿو.)

ڪرپال : دوست، تون هتي آرام ڪر، پنهنجو ٿڪ لاهه، مان اِجهو ٿو اچان - جيڪو ڪجهه پيو آهي، ٻن منٽن ۾ ڪڍي ٿو اَچان.

(ڪرپال هڪدم بيڊروم جي دروازي رستي ڪچن ڏانهن هليو ٿو وڃي. رڻبير ڪنڌ جهڪائي وينو رهي ٿو. هن جي چهري تي شروع کان وٺي ڪائي به ڀاونا ڪونه آهي - هڪ سپاٽ، ڇاڪ جهڙو سفيد چهرو اوچتو بادلن جي گرجنا جو آواز اچي ٿو. بجليءَ جو ڪڙڪاٽ ۽ پوءِ اهڙو آواز جڻ بجلي ڪٽي ڪري هجي. اوچتو بجلي گل ٿي وڃي ٿي. هال ۾ مڪمل انڌيرو ڇانئجي وڃي ٿو. ڪجهه به ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. بيڊروم جي طرف کان روشنيءَ جي هڪ لڪير نمودار ٿئي ٿي. ڪرپال هٿ ۾ امرجنسي لئمپ کڻي هال ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ ٽيبل تي رکي ٿو. لئمپ جي روشني رڻبير جي چهري تي پئجي رَهي آهي.)

ڪرپال : (خَفِگيءَ سان) نامراد لائيٽ کي به هاڻي وڃڻو هو. دوست، فقط ٻه منٽ! سڀ تيار لڳو پيو آهي.

(ڪرپال وري بيڊروم طرف وڃيٿو. ڪجهه ئي دير ۾ هو ٻن هٿن سان سنڀالي هڪ ٽري کڻي اچي ميز تي رکي ٿو ۽ ان مان ڪجهه پليٽون ڪڍي ميز تي

اٿچاتل سچائيءَ تائين پهچائي ڇڏيندي هئي.

سنتوش : والٽر هيو ڪهڙو ناول لکيو آهي؟

ڪرپال : (ڪجهه پل سوچيندي) شايد ... 'هينري بروڪن' (Henry Broken)

سنتوش : اهو ناول پڙهي پوءِ مون کي ڏجانءِ - چانالو ڇيئر؟

ڪرپال : ڏ رٽرن -

سنتوش : خاطر جمع رکجانءِ. ڏ رٽرن واپس ضرور ڪندس. چڱو يار، شبِ راتري ڪنواري پتر جي خوابن ۾ شل جنت جون حورون اچن!

ڪرپال : جي ننڊ آئي تہ ضرور ايندديون - تو جو سفارش ڪئي آهي.

(سنتوش ڪلندو ڪلندو ٻاهر هليو وڃيٿو. ڪرپال فليٽ جو دروازو لاڪ ڪري اچي آرام ڪرسيءَ تي ويهي ٿو. ڪجهه دير نراڙ تي هٿ رکي سوچي ٿو ۽ پوءِ اڪيون مهٽي ميز تي اونڌو رکيل ڪتاب کڻي ٿو ۽ پڙهڻ جي ڪوشش ڪريٿو. اوچتو سندس فليٽ جي ڪال بيل وَڄي ٿي. ڪجهه دير بعد گهنٽي وري وڄي ٿي.)

ڪرپال (اُٿندي) وري رات جي هن وقت ڪير آيو؟ وري سنتوش جو سڪ ٿٿو ڇا؟

(ڪرپال دروازو کولي ٿو. رٽبير آنند هال ۾ داخل ٿئي ٿو. هن جي حالت بلڪل عجيب آهي. چهرو چاڪ جهڙو سفيد. اکيون چمڪندڙ پر انهن جي هيٺان ڪاريون ڪاريون موٽيون موٽيون ريکائون، اندر پيل ڳِٽا، سُکل چپ، ڏاڙهي مڇون وڌيل ۽ بيترتيب. لباس مان هو هڪ عزتدار انسان لڳي رهيو آهي. جيتوڻيڪ ٻاهر اڃا بہ ٿوڙي ٿوڙي برسات چالو آهي، پر هن جي هٿ ۾ نہ ڇٽي آهي ۽ نہ بدن تي رين ڪوٽ ۽ هئٽ. سڀ کان عجيب ڳالهہ تہ هو بلڪل سُڪل حالت ۾ آهي. نہ ڪپڙن تي پاڻيءَ نہ لوفرشوُ تي گپ جا نشان. بيحد عجب جي ڳالهہ اِها آهي جو هن جو لوفرشوُ مٽيءَ سان ڀريل آهي - سڪل مٽيءَ ۽ ڏوڙ سان! ڪرپال هن جي سڄي بدن ۽ لباس تي نظر وجهي ٿو ۽ عجب مان هن جون اکيون ڦاٽي وڃن ٿيون پر منهن مان ڪجهه ڪونہ ڪڇي ٿو.)

ڪرپال (آرام ڪرسيءَ ڏانهن اِشارو ڪندي) وهو، هن ڪرسيءَ تي آرام سان وهو. پر توهين آهيو ڪير؟ ڀڳوان جي نالي اِهو تہ ٻڌايو توهان مون وٽ آيا ڇو آهيو؟

(رٽبير آنند آرام ڪرسيءَ تي وهيٿو. هو پنهنجو منهن ٿورڙو مٽي ڪريٿو ڪرپال هن جي منهن ۾ چتائي نهاريٿو)

ڪرپال : اوه، توکي تہ شايد ننڊ اچي وئي آهي! هل يار، هلي هُن بيڊروم ۾ منهنجيءَ سيٽيءَ تي سمهي پئو. پيٽ ۾ ڪجهہ پيو اٿس تہ هاڻي جاڳڻ ۽ ڳالهائڻ هن لاءِ ممڪن ڪونهي. هل دوست، هلي اندر سمهہ.

(ڪرپال رٽبير کي ٻانهن کان پڪڙي اُٿاري ٿو ۽ هن کي سهارو ڏيئي بيڊروم طرف وڃي ٿو. رٽبير جڻ ڳهلجندو ڳهلجندو اڳتي وڌي ٿو. ٻئي دروازو پار ڪري ٻئي ڪمري ۾ داخل ٿين ٿا. ڪجهہ پل هال خالي رهي ٿو. ڪرپال بيڊروم مان هال ۾ اچي ٿو پر دروازي ڏانهن نهاريندو رهي ٿو. اُتان شايد ڪيس رٽبير نظر اچي رهيو آهي.)

ڪرپال : ننڊ اچي ويس سنو ٿيو. ويچاري زندگيءَ ۾ الائي ڪهڙا ڪهڙا ڏک ڏٺا آهن ....

(هٿ جوڙي آسمان طرف يعني فليٽ جي ڇت طرف نهاريندي)

ڪرپال : هي بابا نانڪ، هي سچا پاتشاه، اسان پاپين تي ديا ڪجانءِ، مهر ڪجانءِ، ڪرپا ڪجانءِ! منهنجي مِتر، منهنجي دوست رٽبير آنند تي بہ مهر جي نظر ڪجانءِ ڪرپا جا ساگرا بابا، پنهنجي هن داس کي هئڙو ڏينهن نہ ڏيکارجانءِ! اسين خطائن جاگهر، تون بخشڻهار! اسان پاپي، تون پاپين جو اُڌار ڪندڙ جڳت جو والي!.....

(ڪرپال ميز طرف وڌي ٿو ۽ خالي پليٽون کڻي ڪبٽ ۾ اندر رکي ٿو.)

ڪرپال : اجوڪي رات جي هن آرام ڪرسيءَ تي ڪاٽيم تہ ڇا ٿي پيو؟ مان صبح تائين بيڊروم ۾ نهاريندس بہ ڪونہ ڀلي يار رٽبير پورو پورو آرام ڪري وٺي. مان هن جي آرام ۾ ڪنهن بہ قسم جو رخنو نہ ٿو وجهڻ چاهيان.

(ڪرپال امرجنسي لائيٽ وسائي، اُها ڪبٽ ۾ رکي ٿو ۽ پوءِ سڀ بٽڻ آف ڪري، هال ۾ انڌيرو ڪري، آرام ڪرسيءَ تي ليٽي ٿو پوي. ڪمري ۾ تمام گهٽ زيرو بلب جيتري روشني آهي. بيڊروم مان گهرا گهرا ساهہ کڻڻ جو آواز اچي رهيو آهي اوچتو سڄو ڪمرو گهپ اونڌهہ سان ڀرجي وڃي ٿو. پر ان اونده ۾ بي بيڊروم مان گهرا گهرا ساهہ کڻڻ جا آواز اچي رهيا آهن.)

ڪرپال (ٻاڏائيندو) رٽبير کي اهڙيءَ گهريءَ ننڊ جي ئي ضرورت هئي - سچ پچ!

درشيہ ٢/ صبح/ فليٽ جو هال

(اوچتو هال روشنيءَ سان ڀرجي ٿو وڃي. ڪرپال هال جي وچ ۾ بيٺو آهي. هو

سواري رکي ٿو. هڪ پليٽ ۾ ڪجهه مکڻ ۽ ساس لڳل سئنڊوچ پيا آهن. ٻي پليٽ ۾ ڪيڪ جا ڪجهه ٽڪرا ۽ بسڪوٽ پيا آهن. ٽئين پليٽ ۾ ڪجهه سڪ ميوو پيو آهي. چوٿين پليٽ ۾ چيوڙو پيو آهي. ڪرپال ڪٻٽ کولي ان مان ڪجهه لڏون ڪڍيو ۽ پنجين پليٽ ۾ ميز تي سنواري رکي ٿو.)

ڪرپال : هاٽي دوست، هلي آءُ ۽ اچي هن ڪرسيءَ تي ويهي آرام سان کاءُ ۽ ڪجهه ٿڪان به مٽاءِ!

(رٽبير بنا ڪجهه چوڻ جي آرام ڪرسيءَ تي اٿي ميز جي ڀرسان پيل ڪرسيءَ تي اچي ويهيو. هاٽي هن جي پٺي سامهون واريءَ ديوار طرف آهي ۽ ڪاڌي جون پليٽون هن جي ساڄي پاسي پيون آهن. هو هڪ پليٽ مان ڪجهه کڻڻ لاءِ هٿ وڌائي ٿو پر پوءِ ڪجهه سوچي ڪرپال ڏانهن نهاريو.)

ڪرپال : مون رات جي روٽي کاڌي آهي. بکَ بلڪل ڪون آهي. تون کاءُ، بيجهجهڪ کاءُ. دوستن جي وچ ۾ تڪلف تڪليف پيدا ڪندو آهي.

(ڪرپال جملو پورو ڪري ان کان اڳ ئي رٽبير پليٽن مان شيون کڻي کائڻ شروع ٿو ڪري. هو ٽڪڙو ٽڪڙو کائي رهيو آهي. ڪرپال آرام ڪرسيءَ تي ويهي هن کي کائيندو ڏسندو رهيو. جيئن ته روشني ڪجهه جهڪي آهي ان ڪري رٽبير جو کائڻ چٽيءَ طرح ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي پر اِهو نظر ضرور ٿو اچي ته هو ٽڪڙو ٽڪڙو کائي نه بلڪ شين کي ڳرڪائي رهيو آهي.

ڪرپال خاموش آهي پر سندس خيال آواز جو روپ وٺي درشڪن تائين پهچن ٿا.)

ڪرپال جا خيال (آواز جي صورت ۾): سوين هزارين دفعا ٻڌو اٿم - بکَ بڇڙو ٿول، دانا ديوانا ڪري! اڄ اِها چوڻي جيئري جاڳندي منهنجي اکين جي سامهون موجود آهي. منهنجو هي بکايل ۽ ٿڪل دوست هڪ پل کائيندو نظر اچي ٿو ته ٻئي پل ننڊ ڪندو محسوس ٿو ٿئي. پر هيترو ٽڪڙو ٽڪڙو کائڻ جي باوجود به هن جي ڳلي ۾ ڪجهه اٽڪي چو نه ٿو؟ هن جي کاڌي کائڻ جي ڍنگ مان ائين لڳي رهيو آهي جڻ نيسر مان پاڻي وهي رهيو آهي!

(اوچتو بجلي اچي ٿي ۽ سڄو هال روشن ٿي وڃي ٿو. ميز تي رکيل سڀ پليٽون خالي ٿي چڪيون آهن.)

ڪرپال : معاف ڪجانءِ دوست، تنهنجي لاءِ پاڻيءَ جو جڳ کڻي اچڻ ته وساري وينس. پاڻي پيئندين نه؟

(رٽبير جو سر جهڪيل آهي. هن جي کاڏي ڇاتيءَ سان لڳي پئي آهي. ڪرپال آرام ڪرسيءَ تان اُٿي هن جي پاسي ۾ اچي ٿو بيهي)

پنهنجي ئي بيڊروم ۾ داخل ٿي ڏسندس ته ڪهڙي آهي اُها شڪتي جنهن جي مدد سان تون هي ڪوتڪ مون کي ڏيکاري رهيو آهين!

(ڪرپال هال جو دروازو پار ڪري بيڊروم طرف هليو وڃي ٿو. هال بلڪل خالي آهي اوچتو اُماس جهڙو اندڪار ڇانئجي وڃي ٿو.)

درشيه ٢/ ڏينهن/فلئٽ جو هال

(اوچتو هال روشن ٿي وڃي ٿو. ڪرپال ٿاٻرجندو ٿاٻرجندو بيڊروم مان هال ۾ داخل ٿئي ٿو. هن جو چهرو ڪارانجي ويو آهي. چهري ۾ اکين مان صاف ظاهر آهي ته هو ڪافي خوفزده آهي. هوُ ميز جو بهارو وٺي بهي ٿو.)

ڪرپال : هي ڪهڙي قسم جو آسيبي تماشو آهي؟ ڇا مان پاڳل ٿي ويو آهيان؟ ڇا مان اُهي شيون ڏسان ٿو ۽ اُهي آواز ٻڌان ٿو جن جو ڪوئي وجود ئي ڪونه آهي؟ بستري تي ڪوئي به ڪونه آهي پر مان ڪنهن جي ساهه کڻڻ جو آواز صاف صاف ٻڌي رهيو آهيان! آواز آهي پر جسم ڪونهي! هرڪو ان کي منهنجي چريائپ نه مڃيندو ته ڇا چوندو؟ رٽبير، تو مون کان ڪهڙي جنم جو بدلو چڪايو؟ رٽبير، مون ته توکي پنهنجو دوست سمجهي توسان قرب ۽ سڪ پريو وهنوار ڪيو. ان جي بدلي ۾ تو مون کي پاڳل بڻائڻ وارو هي تماشو ڇو کڙو ڪيو؟

(ڪرپال جي فلئٽ جي گهنٽي وَڄي ٿي)

ڪرپال : شايد رٽبير هجي. مان به وهمي ٿي پيو آهيان. ڇاجا آواز ۽ ڇا جا روحن جا ڪرتب! سڀ بڪواس آهي. رٽبير ويو هوندو ڪنهن ڪم سان ٻاهر ۽ هيڏانهن مون چرئي کي ڊرا ڏسو - خالي بستري مان ساهه کڻڻ جا آواز پيو ٻڌان! هون!

(ڪرپال دروازو کولي ٿو. رٽبير ته نه پر سنتوش هال ۾ داخل ٿئي ٿو. هن کي ڏسندي ئي ڪرپال ڪجهه قدم پوئتي هٽي ٿو وڃي)

ڪرپال : اوه سنتوش آهين!

سنتوش : توکي ٻئي ڪنهن جو انتظار هو ڇا؟

(سنتوش ۽ ڪرپال هڪ ٻئي جي منهن ۾ نهارين ٿا. اندران، بيڊروم مان ڪنهنجي ساهه کڻڻ جو آواز صاف اچي رهيو آهي.)

سنتوش : ڪوئي مهمان آيو اٿئي ڇا؟

(ڪرپال جواب ڏيڻ جي بدران بيڊروم طرف نهاري ٿو. سنتوش بيڊروم ۾ وڃڻ لاءِ دروازي طرف وڌي ٿو.)

ساجيءَ ٻانهن کي هيٺ - مٿي لوڏي رهيو آهي.)
ڪرپال : اوچتو ساڄيءَ ٻانهن ۾ سور ڇو محسوس ٿي رهيو آهي؟ رات ته ڪجهه
ڪونه هو.
(ساڄيءَ ٻانهن کي وري هيٺ مٿي لوڏي ٿو.)
ڪرپال : ڏکو به ڪونه ڪاڏو اٿم. ڪوئي ڏک به ڪونه لڳو آهي. ڪنهن شيءِ جي
رهنڊ به ڪونه لڳي آهي. هيءُ سور ڇا جو آهي؟
(بيڊروم مان ڪنهن جي ساه کڻڻ جو آواز اچي رهيو آهي. ڪرپال ڪجهه دير
اُهو آواز ٻڌندو رهي ٿو.)
ڪرپال : لڳي ٿو رٽبير ڏاڍو ٿڪل آهي. آلائي ويچاري گهٽ ڏينهن کان ننڊ
ڪونه ڪئي آهي. رات، ڪائي به اِئين رهيو هو ڄڻ ڪن ڏينهن کان
بکايل آهي .... پر هاڻي اُٿڻ کپيس. برش ڪري، باٿروم مان ٿي
اچي منهنجا ئي ڪپڙا پائي ڪجهه ڏسڻ وائسڻ جهڙو ٿئي ته پوءِ
ناشتو به ڪريون ۽ حال احوال به ونڊانس .. رٽبيرا او رٽبيرا اڌ ڏينهن
چڙهي آيو آهي، هاڻي ڇڏ پڇر ننڊ جي ..... رٽبيرا او ڀائي رٽبيرا
(چار دفعا سڏڻ کان پوءِ به جڏهن رٽبير جواب نه ٿو ڏئي ۽ ساه کڻڻ جو آواز
بادستور جاري آهي ته ڪرپال ڪجهه سوچ ۾ پئجي ٿو وڃي ۽ بيڊروم ڏانهن
کلندڙ دروازي جي ويجهو وڃي ڪمري ۾ اندر نهاري ٿو. ڪنڌ کي ڪجهه
جهٽڪو ڏيئي وري نهاري ٿو. هن جي چهري تي عجب جا ۽ خوف جا نشان
صاف ظاهر آهن. ڪرپال اکيون مهٽي وري اندر نهاريٿو. اوچتو هن جي منهن
مان رڙ نڪري وڃي ٿي.)
ڪرپال (چيخ ڪري) رٽبيرا رٽبيرا ڪٿي آهين رٽبير؟ (ڪنهن جي ساه کڻڻ
جو آواز بدستور جاري آهي)
ڪرپال : رٽبيرا تون مون کي ڇو پريشان ڪري رهيو آهين؟ تون آهين ڪٿي؟
جاڳين ٿو يا ننڊ ۾ آهين؟ تنهنجي ساه کڻڻ جو آواز ته مون تائين
صاف صاف پهچي رهيو آهي. پر تون پاڻ ڪٿي آهين؟ رٽبيرا
او رٽبيرا تون ڪهڙن پردن جي پنيان لڪي مون سان هيڏي خطرناڪ
۽ ڊولناڪ راند کيڏي رهيو آهين؟ منهنجي ٻالڪپڻ جا دوست، هڪ
عرصي کان پوءِ مليئين، سو به پريشان ڪرڻ لاءِ! حيران ڪرڻ لاءِ!
ڏڪائڻ لاءِ! تنهنجي ساه کڻڻ جو آواز ته مان صاف صاف ٻڌي رهيو
آهيان، پر ڪٿي آهي اُهو جسم جنهن ۾ ساه اچ - وڃ ڪريٿو ؟ مان

ڪونہ هو پر تنهنجي دوست جي روپ ۾ ڪوئي ....

ڪرپال : (هٽ مٽي ڪٽي) يار مون کي وڏيڪ نہ ڏڪاءِ! منهنجي سڄي هستي پپل جي پن وانگر پئي ٿي ڏڪي...

(ڪجھ دير ٻئي چپ رهن ٿا)

ڪرپال : هن وقت منهنجي ذهني حالت اهڙي آهي جو مان خود تو تي شڪ ڪري رهيو آهيان.

سنتوش : (عجيب مان) مون تي؟ ڇا تون مون کي نہ ٿو سڃاڻين؟ ڇا مان توکي سنتوش نہ پر ڪوئي ٻيو لڳي رهيو آهيان؟

ڪرپال : سنسار يعني مايا - فقط مايا ئي نہ بلڪ مايا جار - هاڻي هن ماياوي سنسار ۾ ڇا ساڀيا آهي ۽ ڇا سپنو، ڇا پرش آهي ۽ ڇا پريت، ڪير ويهي اِهي حساب ڪتاب رکي. جو ڪجھ ٿئي ٿو ٿيڻ ڏي، مون کي فقط اِهوئي سلامتيءَ ڀريو رستو ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

سنتوش : ڪرپال، پنجن منٽن ۾ تنهنجو ڪايا ڪلپ ڪيئن ٿي ويو؟ هاڻي اجا ڏڪي رهيو هئين ۽ هاڻي ڪوهن جيڏيون لنبيون فلاسافيون پيو ٿو هڏائين!

ڪرپال : اڪيلو هوس تہ خوف جو شڪار هوس. هاڻي ٻہ آهيون تہ ڪائي پرواهہ ناهي. جيڪو ٿيندو، ڏٺو ويندو.

(ٻئي ڪجھ دير چپ ٿي ٿا وڃن. بيڊروم مان اجا بہ ڪنهنجي ساهہ کڻڻ جو آواز اچي رهيو آهي.)

ڪرپال : رات کان وٺي اِهو ساهہ کڻڻ جو آواز جاري آهي. رات ٻارهين بجي مون پاڻ پنهنجين اکين سان ڏٺو تہ هو سمهيو پيو هو. ٿڪل هو، بڪايل هو، هڪدم ننڊ اچي ويس...

سنتوش : ڪير؟ ڪير ٿڪل ۽ بڪايل هو؟ رات ٻارنهين کن تائين تہ مان تو وٽ ويٺو هوس.

ڪرپال :تنهنجي وڃڻ کان هڪدم پوءِ هو آيو... برسات پئجي رهي هئي تہ بہ پوُري طرح سڪل ۽ جوتا مٽيءَ سان ڀريل... اُن وقت ئي مون کي سمجهي وڃڻ کپندو هو تہ هو رٽبير ناهي، ڪا آتما آهي، ڪو روح آهي، ڪو ڀوت پريت آهي. پر يار، وقت تي ڪٿي ٿو سوچ ساٿ ڏئي!

سنتوش : رٽبير ڪير؟ ڇا تنهنجو ڪوئي مائٽ آهي رٽبير؟

ڪرپال : رٽبير منهنجي ٻچپن جو دوست آهي. پوءِ مان هن طرف هليو آيس ۽

ڪرپال : اندر ڪوئي ڪونهي
سنتوش : ڪائي حسينا مهہ جبينا لڪائي رکي اٿئي ڇا؟
ڪرپال : پاڻ ڏسي وڃي پڪ ڪر
سنتوش : (بيڊروم طرف ويندي) صاف صاف ڪوئي ساهہ کڻي رهيو آهي.
(سنتوش بيڊروم ۾ اندر ٿئي ٿو ۽ پوءِ هڪدم هال ۾ واپس هليو ٿو اچي.)
سنتوش : اندر تہ ڪوئي ڪونهي. بستر بلڪل خالي آهي... (ڪرپال چپ آهي
سنتوش : پر بستري مان ساهہ کڻڻ جا آواز اچي رهيا آهن.
ڪرپال : (هٿ جوڙي ۽ مٿي نهاريندي) سچا پاتشاهہ! تنهنجا لک لک شڪرانا
هاڻي مون کي پڪ ٿي وئي تہ مان پاڳل نہ آهيان. مان ڪنهن بہ قسم
جي ذهني بيماريءَ ۾ مُبتلا نہ آهيان.
سنتوش : پاڳل؟ ذهني بيماري؟ ڪرپال تون ڇئي ڇا رهيو آهين؟
ڪرپال : سنتوش، جيڪڏهن خالي بسترن مان ساهہ کڻڻ جا آواز اچڻ لڳندا تہ
پوءِ ڪير نہ پاڳل ٿيندو؟ ڪير پنهنجي هوش حواس ۾ رهي سگهندو؟
سنتوش: هئليوسينيشن! ڀرم! درشٽي دوش! حواسن جو اوور آئڪٽِو هئڻ!
ڪلپنائن جو ايترو تہ گهرو ۽ چٽو هئڻ جو اُهي ساڪار لڳن. ڀرتڪ
لڳن! ڪرپال، جي اسان ڪنهن اِسپيشلسٽ کي اِهي حقيقتون
ٻڌائينداسين تہ هو اسان جي ذهني بيماري دور ڪرڻ جي ڪوشش ۾
جسماني طور بيمار ڪري ڇڏيندو.
ڪرپال : ميان ٿو اهو اسان جو هئليوسينيشن آهي، ڀرم آهي پر ڪنن کي ڀرم
ڪيئن ٿيندو؟ ممڪن آهي اسان اُهي آڪار ڏسون جيڪي حقيقت ۾
آهن ئي ڪون؛ پر آواز ٻڌڻ! ڇا دوکو هر حواس کائي سگهندو آهي؟
سنتوش : هائو! مان سمجهان ٿو، دوکو هر حواس کائي سگهندو آهي. ڀلي اسان
جي سامهون ڪجهہ بہ نہ هجي پر پوءِ بہ اکيون ڪوئي آڪار ڏسي
سگهن ٿيون، نڪ ڪائي بوءِ محسوس ڪري سگهي ٿو، ڪن ڪي آواز
ٻڌي سگهن ٿا، چمڙيءَ کي ڪنهن ڇهاءَ جو احساس ٿي سگهي ٿو ۽
مان تہ اِهو بہ چوندس تہ زبان کي سواد بہ محسوس ڪري سگهي ٿي.
ڪرپال : هي سچا پاتشاهہ! هي اسان بيگاهن کي ڪهڙي اوڙاهہ ۾ اڙائي ڇڏيئہ؟
مون کي ڪهڙي خبر تہ هڪ پراڻي دوست جي بڪ ۽ ٺڪ دور ڪرڻ جو
نتيجو هئڙو ڀيانڪ بہ ٿي ٿو سگهي!
سنتوش : ڪرپال، اُنهن بہ ٿي ٿو سگهي تہ حڪم تو وٽ آيو، اهو تنهنجو دوست

سنتوش : هڪدم انڪار نہ ڪر. چڱيءَ طرح سوچي جواب ڏئي.

ڪرپال : (ڪجهہ دير سوچي) نہ بلڪل نہ. بلڪل نہ.

سنتوش : اِها ڳالهہ تون ايترو پڪ سان ڪيئن ٿو چوين؟ ڇا تنهنجي دماغ ۾ ان وقت اِهو خيال اُڀريو هو؟

ڪرپال : نہ اِهو خيال ڪونہ آيو هو. پر مون ان ڪمري ۾ هڪ عجيب حرڪت ڪئي هئي. هاڻي سوچيندي ئي خوف ٿو ٿئي پر ان وقت الائي ڪهڙي جادوءَ جي اثر هيٺ مان اُن بستري تي ٺيڪ اُن طرح ليٽي پيس جيئن رٽبير کي ليٽيل ڏٺو هوم.

(سنتوش سوالي نظرن سان ڪرپال ڏانهن نهاري ٿو.)

ڪرپال : مون رٽبير کي ڪيترائي سڏ ڪيا، انيڪ آواز ڏنا، پر ڪٿان بہ جواب ڪونہ آيو. فقط ساه کڻڻ جو آواز جاري رهيو. دوست، بيڊروم تہ ڇا پر سڄيءَ فليٽ جو چپو چپو ڳولهيم، پر رٽبير ڪٿي بہ ڪونہ هو. هيتري ننڍڙي سئي هجي ها، اُها بہ لڀي وڃي ها، پر رٽبير ڪٿي بہ نظر ڪونہ آيو.... آخر الائي ڇا سوچي مان بستري تي سمهي پيس .... ۽ هڪ پل ۾ ئي ٽپو ڏئي هيٺ لهي آيس. ساهہ کڻڻ جو آواز اڃا جاري هو. ائين ٿي لڳو ڄڻ ڪوئي منهنجي ڇهري جي سامهون سمهيو پيو آهي ۽ گهرا گهرا ساه کڻي رهيو آهي. پر ساه جي هوا جو احساس اصل ڪونہ ٿيو. آواز هو، پر هوا جي ڇهاءُ ڪونہ هو. اِهو مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي.

سنتوش : پوءِ ڇا ڪيئہ؟

ڪرپال : ڪرڻ لاءِ هو ئي ڇا؟ سوچيم يا تہ مان پاڳل ٿي ويو آهيان يا ڪنهن قسم جي دماغي بيماريءَ جو شڪار ٿي ويو آهيان. خوف جو احساس بہ ٿي رهيو هو. دل ڏڪي رهي هئي سڄو شرير ڪنبي رهيو هو. پنهنجيءَ ئي فليٽ جو پنهنجو ئي ڪمرو ڄڻ کائڻ ٿي آيو. بستري مان نڪرندڙ ساه کڻڻ جا آواز تہ ڄڻ ساه ئي ڪڍي رهيا ها. ٿاهرجندو ٿاهرجندو بيڊروم مان هن هال ۾ آيس مس تہ تو گهنٽي وڄائي.

(بيڊروم مان ساه کڻڻ جا آواز بدستور جاري آهن)

سنتوش : ڪوئي اندر ضرور آهي

ڪرپال : جي آهي تہ ڪٿي آهي؟ تو پاڻ پنهنجين اکين سان ڏٺو تہ ڪمرو بلڪل خالي آهي ..... دوست، تون ڪجهہ بہ چوُ، ڪيترا بہ سوال پڇ

هوَ اُتي ئي رهجي ويو، اَجمير ۾.

سنتوش : جي رات اندر سمهيو پيو هو، ته هاڻي ڪيڏانهن ويو؟

ڪرپال : ساهه ڪٽڻ جي صورت ۾ هاڻي به موجود آهي.

سنتوش : پر تنهنجي دوست جو جسم ڪيڏانهن ويو؟

ڪرپال : اسان کي چريو ڪرڻ لاءِ الوپ ٿي ويو!

سنتوش : ۽ ڇڏي ويو فقط آواز- ساهه ڪٽڻ جو آواز!

ڪرپال : جيئن اسان چريائپ جي اُن حد تائين پهچي وڃون جتان ڪوئي واپس نه وريو ....

(ٻئي ڄڻا ڪجهه دير چپ ٿي وڃن ٿا. ساهه ڪٽڻ جو آواز اڃا جاري آهي.)

سنتوش : يار، ڪجهه سوچ. هتي ڪوئي ويهي- ٻهي ڪيئن سگهندو، رهي ڪيئن سگهندو. لڳي ٿو جڻ ڪنهن هارر فلم جي بئڪ گرائونڊ ميوزڪ لڳاتار چالو آهي - هارر فلم جي ٽيريفائنگ ميوزڪ!

(ٻنهي جي چهري تي ڦڪي مُرڪ اچي وڃي ٿي)

ڪرپال : سڀ جتن ڪري ڏٺم - پر ان آواز کان نجات ڪونه ملي.

(سنتوش سواليه نظرن سان هن ڏانهن نهاري ٿو)

ڪرپال : رٽبير کي اُٿارڻ لاءِ، صبح ڪمري ۾ ويس. ساهه ڪٽڻ جا آواز وِهاڻي جي جڳهه وٽان اچي رهيا ها پر رٽبير ڪٿي به نظر ڪونه ٿي آيو. بستري تي ڪنهن جي ليٽڻ جا نشان صاف ظاهر ها. وهاڻي تي ڪنڌ جو نشان صاف نظر ٿي آيو. سيٽيءَ جي پيرانديءَ پاسي مٽيءَ جا چٽا هئا.صاف ظاهر هو ته رٽبير مٽيءَ سان ڀريل جوتن سميت ئي بستري تي سمهي پيو هو. ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته هو بلڪل ويجهو هو. جيتوڻيڪ ڪمري ۾ ڪونه ٿي آيو پر بلڪل، بلڪل ويجهو هو. هن جي ساهه ڪٽڻ جا آواز مان صاف صاف ٻڌي رهيو هوس.

سنتوش : تو ڪنهن جي ساهه ڪٽڻ جا آواز ٻڌا، ساهه ڪٽڻ جا آواز هن وقت اَسين ٻئي ٻڌي رهيا آهيون . ٺيڪ؟

ڪرپال : بلڪل ٺيڪ.

سنتوش : مان توکان هڪڙو سوال ٿو پڇان. سوچي ڪري جواب ڏجانءِ .... ڇا تو ٻنهنجي جسم جي ڪنهن به حصي تي ڪنهن ساهه ڪٽڻ جي ڪري نڪتل هوا کي محسوس ڪيو؟

(ڪرپال سنتوش جي اکين ۾ نهاري ناڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻ ڪري ٿو.)

سنتوش : (ڪرپال جي ڪرائيءَ تي جهڪندي) هائو، ڳاڙهي رنگ جو نشان نظر اچي رهيو آهي. لڳيتو ڪوئي پراڻو زخم آهي.

ڪرپال : تون ٺيڪ ٿو چوين. هيءُ برابر پراڻو زخم آهي. هاڻي مان سڀ ڪجهه سمجهي ويس.

سنتوش : هاڻي تون سڀ ڪجهه سمجهي وِئين؟ پر ڇا سمجهي وِئين؟

ڪرپال : ٻڌاياءِ ٿو ..... منهنجيءَ ساڄي ڪرائيءَ تي اِهو زخم، جنهنجو نشان تون ڏسي رهيو آهين، اِهو زخم رٽبير ڪيو هو.

سنتوش : (تڪڙ ۾) رٽبير ڪيو هو؟ يعني رات.

ڪرپال : (آرام ڪرسيءَ تان اُٿندي) نه، رات نه. ڪيئن سال اڳي جڏهن اسان ٻئي اِسڪول ۾ گڏ پڙهندا هئاسين تڏهن رٽبير پنهنجي ننڍڙي چاقوءَ سان منهنجيءَ ساڄيءَ ڪرائي تي زخم ڪيو هو ۽ مون پنهنجي چاقوءَ سان رٽبير تي ساڄيءَ ڪرائيءَ تي زخم ڪيو هو.

(ڪجهه دير ٻئي چپ رهن ٿا.)

ڪرپال : پوءِ اسان ٻنهي پنهنجي پنهنجي خون جي هڪ هڪ بوند جي مٽاسٽا ڪئي هئيسين.

(سنتوش ڪرپال ڏانهن سواليه نظرن سان نهاري ٿو.)

ڪرپال : يعني مون پنهنجي خون جي هڪ بوند هن جي زخم ۾ وِڌي ۽ هن پنهنجي خون جي هڪ بوند منهنجي زخم مٿان ٽپڪائي.

سنتوش : پر - ڇا جي لاءِ؟

ڪرپال : هڪ ٻاراڻي پرتگيا هئي - هڪ ٻاراڻو وچن هو. اسان هڪ ٻئي سان انجام ڪيوسي ته هڪ ٻئي وٽ ضرور ايندا سين ..... ٻڌ، هاڻي مون کي سڀ ڪجهه ياد اچي ويو آهي. مان توکي سموري ڳالهه ٻڌايان ٿو.

(ڪجهه دير خاموشي)

ڪرپال : انهن ڏينهن ۾ اسان هڪڙو بيحد خوفناڪ ڪتاب پڙهيو هو. ان ڪتاب دماغ تي اهڙو ته اثر ڪيو جو اسان هڪ ٻئي کي وچن ڏنوسي. وچن اهو ڏنوسي ته اسان ٻنهي مان جيڪو اول مرندو اُهو ٻئي وٽ ضرور ويندو - آخرين ملاقات ڪرڻ لاءِ ضرور ويندو ۽ اسان ٻنهي اُن عهدنامي جي مٿان پنهنجي پنهنجي خون جي هڪ هڪ قطري جي مُهر هنئيسي ...... سنتوش،

پر حقيقت کي بدلائي نہ ٿو سگهين. دليل پنهنجيءَ جڳهہ تي پهلي مضبوط هجن پر حقيقت وڌيڪ طاقتور آهي.

سنتوش : يار ڇا هيءَ بکواس ۽ ڇريائپ ناهي؟ هن حالت کي، هن حقيقت کي، هن اصليت کي تون کهڙن دليلن سان ثابت ڪندين؟

ڪرپال : هڪ شيءِ آهي جنهن جي دليلن پٺيان سمجهائي ٿي سگهي ٿي ۽ اُها شيءِ آهي منهنجيءَ ٻانهن جو سُور. رات ڪجهه ڪونہ هو پر صبح کان وٺي مان پنهنجي ساڄيءَ ٻانهن ۾ هلڪو هلڪو سُور محسوس ڪري رهيو آهيان.

سنتوش : ٻانهن ڏيکار.

(ڪرپال ڪرتي جي ساڄي پاسي ٻانهن مٿي ڪري ڪرائي سنتوش طرف وڌائي ٿو.)

سنتوش : اڙي، تنهنجيءَ ڪرائيءَ مان تہ خون وَهي رهيو آهي!

(ڪرپال عجب مان پنهنجي ئي ڪرائي ڏسي ٿو.)

ڪرپال : هي خون ڪٿان آيو؟

سنتوش : توکي خبر ڪونہ پئي آهي ۽ پاڻ کي ڪوئي ڏک يا رهنڊ هٿي ڪڍي اٿئي.

ڪرپال : مون کي ڪوئي ڏک ڪونہ لڳو آهي. مون کي ڪائي رهنڊ ڪون پئي آهي.

(ڪرپال بلڪل چپ ٿي وڃي ٿو. پر هو ڪرائيءَ جي خون ڏانهن نهاريندو رهي ٿو. سنتوش هن ڏانهن عجيب نظرن سان نهاري ٿو. ڪرپال آرام ڪرسيءَ تي ويهي ٿو رهي ۽ ڪرائيءَ جي خون ڏانهن نهاريندو رهي ٿو.)

سنتوش : ڪرپال، خون جي ان سنهريءَ لڪير ۾ کهڙي اهڙي ڳالهہ آهي جو تنهنجو چهرو وڃي ٿو پيلو پوندو؟

(ڪرپال سنتوش جي منهن ڏانهن نهاري ٿو.)

ڪرپال : سنتوش، خون جي هن لڪير جي هيٺان توکي هي ڳاڙهو نشان ڏسڻ ۾ اچي ٿو؟

(سنتوش ڪرپال جي ڪرائي ڏانهن گهوري نهاري ٿو.)

ڪرپال : ترس، ....

(ڪرپال رومال سان ڪرائيءَ جو خون صاف ڪري ٿو.)

ڪرپال : هاڻي ڏس.

(ڪرپال ڪبٽ کولي ٿو ۽ هن کان چيخ نڪري وڃي ٿي.)

سنتوش : ڇاهي ڪرپال؟

ڪرپال : پنج ئي پليٽون، اُئين جو اُئين پيون آهن - سنتوش، هن ڪجھ بہ کونہ کاڌو. سڀ ڪجھ جيئن جو تيئن پيو آهي.

(سنتوش ڪرپال ڏانهن عجيب نظرن سان نهاريٿو. ڪرپال هڪ هڪ ڪري پنج ئي پليٽون ميز تي رکي ٿو. لڳيٿو ڪنهن ڪجھ بہ کونہ کاڌو آهي. سئنڊوچ، ڪيڪ - بسڪيٽ، سڪو ميوو، چيوڙو ۽ لڏون جيئن جو تيئن پيا آهن.)

سنتوش : ڪرپال سڀ تنهنجو دماغي خلل هو. تنهنجيون مها -ڪلپنائون هيون. تون هئليوسينيشن جو شڪار ٿي ويو هئين. تو وٽ ڪوئي کونہ آيو هو. تون ڪنهن کي ڪجھ بہ کونہ کارائي رهيو هئين. ڪوئي ڪجھ بہ کائي ڪين رهيو هو. تنهنجو دوست رٽبير هئو ئي ڪون.

ڪرپال : ۽ ڪنهنجي ساھ کڻڻ جا آواز؟

(هئي چپ ٿي وڃن ٿا. ڪٿان بہ ساھ کڻڻ جو آواز کونہ ٿو اچي.)

سنتوش : ڪٿي آهي آواز؟

ڪرپال : هاڻي تہ آواز بلڪل کونهي.

(هئي زوردار ٽهڪ ڏئن ٿا.اوچتو هئي چپ ٿي وڃن ٿا. بيڊروم مان ڪنهن جي ساھ کڻڻ جا آواز اچي رهيا آهن.)

ڪرپال : ڇا هيءَ بہ هئليوسينيشن آهي؟

سنتوش : رٽبير ڪٿي رهندو آهي، يعني رهندو هو؟

ڪرپال : اجمير ۾ .

سنتوش : اُتي تنهنجو ڪوئي مٽ مائٽ آهي؟

ڪرپال : رٽبير جي پرسان ئي منهنجيءَ ڀيڻ جو گهر آهي.

سنتوش : ٽرنڪ ڪال ڪري جاچ ڪر.

(ڪرپال ڪبٽ تي رکيل فون جو رسيور کڻي ڪن تي رکي نمبر ڊائل ڪريٿو.)

ڪرپال : هئلو، ڪرپال - سيما آهين نہ؟ ٻڌ. مون کي رٽبير جي باري ۾ جانڪاري کپي. سوال نہ پڇ. جيڪا خبر هجيئي ٻڌاءِ ......

(ڪرپال ڪجھ دير ٻڌندو رهي ٿو. وچ وچ ۾ هون- هان- اڇا چوندو بہ رهي ٿو.)

ڪرپال : سيما، ڪائي خاص ڳالھ کونهي خط ۾ سڀ ڪجھ لکندومانءِ - پنهنجي پتي پرميشور کي منهنجو نمسڪار ڏجانءِ. ڊونٽ وري - نٿنگ سو ٽيريبل ...

هن ٿيڻيءَ لاءِ، مون کي ان عهدنامي جو خيال به ڪونه آيو. مان
ڪجهه پلائي ويٺس، ڪجهه به ياد ڪونه رهيو.

سنتوش : يعني، تون اِهو ٿو چوڻ چاهين ته ....

(سنتوش جملو پورو ڪونه ٿو ڪري ۽ ڪرپال ان جو ڪوئي جواب ڪونه ٿو ڏ
ڪجهه دير لاءِ مڪمل خاموشي ڇانئجي ٿي وڃي. ڪرپال ذرا سان آرام ڪرسي
۾ ويهي ٿو رهي.)

سنتوش : (پاڻ سنڀالي) خوف کائڻ مان يا دلشڪستو ٿيڻ مان ڪجهه به حاصل
ٿيڻ وارو ناهي. پر مان ڪاٻه هڪ ڳالهه هوندي - يا هئليوسينشن
ريئلٽي! يا دماغي خلل جي مها ڪلپنا يا حقيقت! دوست، جيڪڏهن
اهو هئليوسينشن آهي ته اسان کي خبر آهي ته ڇا ڪرڻو آهي.
جيڪڏهن حقيقت آهي ته اُن کي ميٽو پوندو، منهن ڏيڻو پوندو
ڪيئن؟

ڪرپال : ٺيڪ آهي پر اِهو خيال ئي مون کي ڏڪائي ٿو ڇڏي ته ڪڏهن
شيطان .....

سنتوش : جيڪڏهن تنهنجي ٻچپن جي دوست پنهنجو وچن پاليو ته به ڇا ٿيو؟
هن کي وچن ياد رهيو ۽ هن اهو پاليو، ٺيڪ آهي. اِن ۾ ڪائي وڏي يا
خاص ڳالهه ڪهڙي آهي؟

(ڪجهه دير خاموشي)

سنتوش : منهنجي دماغ ۾ هڪ ڳالهه اچي رهي آهي. ڇا توکي چڱيءَ طرح ياد
آهي ته تو هن جي سامهون ڪجهه پليٽون رکيون هيون ۽ هو ايترو ته
بکايل هو جو سڀ ڪجهه کائي ويو؟

ڪرپال : مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته مون هن جي اڳيان پنج پليٽون رکيون
هيون ۽ هن اُهي پنج ئي پليٽون بلڪل صاف ڪري ڇڏيون هيون.

سنتوش : تو اُهي پليٽون ڪٿي رکيون؟

ڪرپال : (ڪجهه ياد ڪندي) رڌڻ جيئن ئي سمهيو، مون اُهي پنج ئي پليٽون
مٿ تان کنيون ۽ هن ڪبٽ ۾ رکي ڇڏيون.

سنتوش : ڪبٽ ۾؟ ڪرپال، تو جنهن پليٽون ڪبٽ ۾ رکي ڇڏيون! ڪبٽ
کول.

كمار تيجوائي

موركه كير؟

پاتر : راجاڀوج (را) مهاڪوي ڪاليداس (ڪا)
راج درٻاري پنڊت (پ) درٻاري.

آستان : راجا ڀوج جي راج درٻار

(پردو کلڻ سان راج درٻار ڏسڻ ۾ اچي ٿي. راجا ڀوج سنگهاسڻ تي ويٺو آهي. ڪجهه درٻاري پنڊت پڻ ويٺا آهن ۽ ڪي اچي رهيا آهن.)

هڪ پنڊت : (درٻار ۾ داخل ٿيندي) پرڻام مهراج

را : اچو موركه، آستان گرهڻ ڪريو.

(پنڊت جو منهن لهي وڃي ٿو. ليڪن درٻار جي مريادا کي ڌيان ۾ رکي پنهنجي آسڻ تي وڃي وهي ٿو. اُن وقت هڪ ٻيو پنڊت درٻار ۾ داخل ٿئي ٿو.)

پ : پرڻام مهاراج!

راجا : اچو موركه، آستان گرهڻ ڪريو.

(پنڊت لٿل منهن مان وڃي پنهنجيءَ جڳهه تي وهي ٿو. اُن وقت هڪ ٻيو پنڊت داخل ٿئي ٿو.)

پ : پرڻام مهراج!

را : اچو موركه، آستان گرهڻ ڪريو.

(اهو پنڊت به شرمندگي محسوس ڪندي پنهنجيءَ جڳهه تي وڃي وهي ٿو. ڪجهه ئي دير ۾ ڪوي ڪاليداس به راج درٻار ۾ داخل ٿئي ٿو.)

ڪا : پرڻام مهراج.

را : اچو موركه مهاڪوي جي، آستان گرهڻ ڪريو.

(ڪاليداس ڪجهه وقت سوچ ويچار ۾ پئجي وڃي ٿو ۽ پوءِ هينئون سٺون چوي ٿو.)

او. ڪي. باءِ. باءِ
(ڪرپال رسيور واپس ڪبٽ تي رکيئو. سنتوش هن ڏانهن سواليہ نظرن سان
نهاريئو.)
ڪرپال : رٽبير ڪلهہ رات يعني آگسٽ جي اٺين تاريخ رات جو سادي ڏهين
بجي گذاري ويو.
(سنتوش جي منهن مان آواز ڪونہ ٿو نڪري. هو ڪرپال ڏانهن فقط
نهاريندو رهيئو.)
ڪرپال : ڪنهن ڳالهہ تي ٻيءَ سان جهڳڙو ٿي پيس. هن - ٿن ڏينهن کان
ڪجھ کاڌائين بہ ڪونہ. ڪلهہ پاڻ کي ماري ڇڏيائين.
سنتوش : ۽ ڪلهہ ئي هو توسان آخرين ملاقات ڪرڻ لاءِ تو وٽ آيو.
(ڪرپال هاڪار ۾ ڪنڌ ڏوڻ ڪريئو. اوچتو بيڊروم مان ساھ ڪڍڻ جو زوردار آواز
اچيئو. ٻئي اُن طرف نهارن ٿا. هاڻي سڀ ڪجھ شانت آهي. بيڊروم مان
ڪوئي بہ آواز ڪونہ اچي رهيو آهي.
ڪرپال ۽ سنتوش هڪٻئي ڏانهن نهارن ٿا ۽ پوءِ ٻئي بيڊروم طرف قدم
وڌائن ٿا.)

(اوچتو پردو ڪريئو)

☆☆☆

غريب جي صدا / ضيا

(وزن : مفعول مفاعيلن مفعول مفاعيلن)

دنيا ۾ غريبن کي ڪو ناهي پڇڻ وارو،
ڏينهن رات ٿا ڪن دانهون پر ناهي ٻڌڻ وارو!
ڌنوان غريبن کي پيرن ۾ لتاڙن ٿا،
فرياد ڏين ڪنهنکي ناهي ڪو سُڻڻ وارو!
پوري نہ ملي روٽي، پورو نہ ملي ڪپڙو،
ناهي ڪو زماني ۾ ڪو قياس ڪرڻ وارو!
جنهن پاسي نهارين ٿا، بس رنج و مصيبت آ،
دنيا ۾ 'ضيا' ناهي ڪو درد ٻڌڻ وارو!

سامهون راڻيءَ کان پڇي به ڪونہ پئي سگهياسين. درٻار ۾ پڻ درٻارين جي سامهون توهان کان پڇي ڪونہ سگهياسين. ليڪن اسان جي ورتاءَ سبب توهان سوال پڇيو ان مان اسان کي پنهنجي سوال جو جواب ملي ويو.

ڪا: ڌنيواد مهاراج، منهنجي شنڪا جو پڻ سماڌان ٿي ويو جو مان من ۾ سوچي رهيو هوس تہ هن قسم جي آساڌارڻ ڳالهہ مهراج اڄ ڪيئن ڪري رهيا آهن!

را: ڪوي راڄ! نيتي بہ اِئين ٿي چوي. ٻن جي وچ ۾ جيڪڏهن ڪو ٽيون ٽنگ اڙائيندو تہ ضرور ٽنگ ڀڃائيندو ۽ جو تہ بنان ڪنهن سبب جي ٽنگ ڀڃائيندو تہ هر حال ۾ مورکہ چوائيندو.

(راجا ڀوڄ مرڪي ڪري مهاڪوي ڪاليداس ڏانهن نهاري ٿو.)

ڪا: توهان ڪجهہ پڇڻ چاهيو ٿا؟ توهان جي مرڪ ۽ نهار مان تہ اِئين ئي لڳي رهيو آهي.

را: مهاڪوي جي، اسان اِهو پڇڻ ٿا چاهيون تہ توهان جو اڀگيان شڪنتلم ناٽڪ ڪٿي پهتو آهي.

ڪا: (مرڪندي) پرماتما چاهيو تہ هن وسنت اُتسو ۾ اَڀگيان شڪنتلم ناٽڪ مهاراج جي من - ونود ۽ آتمڪ آنند لاءِ کيليو ويندو .....

(اوچتو پردو ڪري ٿو.)

☆☆☆

گيت / ضيا

بهار آئي تہ آهي، ڍوليا!

١- سڄي آهي توبنِ محفل،
تون ٿيندين اچي دلربا شامل! بهار ......

٢- باغ ۾ ڪوئل پئي پڪاري،
مون کي تنهنجي ياد ڏياري! بهار ....

٣- ڪيئن مان توکي پريتم پايان،
توکي پائي عيش منايان! بهار ....

٤- آهي تو پرديسي وساريو،
خيال نہ توکي منهنجو آيو! بهار ......

كا :

रवादन्न गच्छामि हसन्न जल्पे,

गतं न शोचामि कृतं न मन्ये,

द्वाभ्यां तृतीयो न भवामि राजन!

किं कारणं भोज भवामि मूर्ख:?

مان کائيندي، رستي تي کونہ هلندو آهيان،

گهڻو کلندي ڳالهائيندو کونہ آهيان،

گم ٿيل شيءِ جو شوڪ نہ ڪندو آهيان،

پنهنجي گيان تي ابمان کونہ ڪندو آهيان،

ٻ جتي ٻہ ماڻهو پاڻ ۾ ڳالهائين، مان نياڪرڻي اُتي کونہ ويندو آهيان.

انهن پنجن مان مون هڪ بہ مورکتا جي ڳالهہ ڪانہ ڪئي آهي تہ پوءِ هي راجن! توهان مونکي مورکہ چو چيو؟

را : ان جو جواب اسان ايڪانت ۾ ڏيڻ چاهنداسين. هڪ توهان ئي آهيو، جنهن اسان کان مورکہ چوڻ جو ڪارڻ پڇيو آهي.

(راجا جو اشارو سمجهي درباري پنڊت هڪ هڪ ٿي اُٿي وڃن ٿا. دربار ۾ فقط راجا ۽ ڪوي ڪاليداس رهجي وڃن ٿا.)

را : درحقيقت سوال اسان کي پڇڻو هو، ليڪن دربار ۾ هيترن دربارين جي سامهون اِهو ٺيڪ نہ سمجهيو سي ان ڪري اهو رستو ورتو سي چو تہ اسان کي پڪ هئي تہ توهان ضرور اعتراض وٺندا ۽ سوال پڇندا. ليڪن توهان جيڪو سوال پڇيو، ان مان اسان کي پنهنجي سوال جو جواب ملي ويو.

كا :(عجيب ۾) سو ڪيئن مهراج؟

را : ڪلهہ اسان مهاراڻيءَ جي محل ۾ وياسين. ان وقت مهاراڻي پنهنجيءَ هڪ سهيليءَ سان ايڪانت ۾ وارتالاپ ڪري رهي هئي. اسان ان ڳالهہ جو ڌيان نہ ڪيو ۽ سڌو ان ڪمري ۾ هليا وياسين. اهو ڏسي مهاراڻيءَ چيو هو، ''اچو مورکہ مهاراج!''

مهاراڻي جي ان وارتاءَ تي اُن وقت اسان کي ڏاڍو عجب لڳو هو پر سهيليءَ جي

چيتن: ان ڳالھ جو ثبوت تہ مون کي ھن ڳوٺ ۾ قدم رکندي ئي ملي ويو. نہ ھوسٽ، نہ گندگي، نہ پيڙ، نہ دونھون، نہ جان وٺندڙ اونچون اونچون پر ڪچيون عمارتون، نہ گندو پاڻي ۽ نہ غليظ ھوا! ..... چئني پاسي ھوائن ۾ جھومندڙ ڪيت، شڏ ۽ خوشبوءِ سان ڀريل ٿڌي ٿڌي ھوا، جھومندڙ وڻ! ڪٿي بہ گندگيءَ جا ڍير ڪون آھن. صاف صاف رستا، سادا پر سھولت ڀرياگھر، مھڙن جو ھتي تہ نالو نشان بہ ڪونھي. داداجي، مان تہ حيرت ۾ پئجي ويو آھيان.

دادا: ان حيرت کي سياست جي رنگ ۾ ھوڙي نہ ڇڏجانءِ.

چيتن: داداجي، راجنيتيءَ کي ايترو برو نہ سمجھو. سياست ۽ اسان جھڙن سياستدانن ۽ نيتائن جو ئي اِھو ڪمال ۽ ڪرشمو آھي جو چئني طرفن ايڪتا ئي ايڪتا نظر اچي رھي آھي. نہ ڪوئي ننڍو آھي نہڪوئي وڏو. نہ ڪوئي برھمڻ آھي ۽ نہ ڪوئي شودر. سڀ برابر، ھڪدم برابر! ڪوئي مٿان ڪونھي، ڪوئي ھيٺان ڪونھي ....

داداجي: (وچ ۾ ڪٽي) سڀ وچ ۾ لٽڪيا پيا آھن- بلڪل پينڊولم وانگر.

(داداجي ۽ ماستر کلن ٿا. ڪجھ ڦڪو ڦڪوئي چيتن آنند بہ ھنن جو ساٿ ڏئي ٿو.)

ماستر: دوست، توکي اِھو جاڻي عجب لڳندو تہ داداجيءَ جي پريوار ۾ چئني ورڻن جي موجودگي آھي.

چيتن: (عجب مان) پر- پر- اِھو ٿي ڪيئن ٿو سگھي؟

داداجي: اِھو ھيئن ٿو ٿي سگھي......

(زور سان آواز ڏئي ٿو) گڻيش، پٽ گڻيش....

(گڻيش اندران ئي) جِي بابا ...

داداجي: پٽ، بہ منٽ ٻاھر تہ اچ ذرا....

(گڻيش گھر مان ٻاھر اچي ٿو. سندس ھٿ ۾ ڪجھ ڪاغذ ۽ قلم آھي)

گڻيش: جِي بابا

داداجي: ڇا لکي رھيو آھين پٽ؟

گڻيش: مرتيو کان پوءِ ۽ نوَ جيون کان اڳ چيتنا جي ڪھڙي حالت ھوندي آھي- اِن وشيہ تي، ان مسئلي تي سوچي رھيو آھيان - ڪجھ ڪوج

اُروڻا بيدي

حَق پَرايا نانڪا.....

پاتر : ڏاڏو

چار پٽ: 1) گڻيش لال | ماڻڪديو = ماستر
2) پرشرام | چيتنانند = ممبئيواسي.
3) لڪشميداس
4) سيوڪچند

(ڏاڏو کٽ تي ويٺو آهي. حقو ڇڪي رهيو آهي. کٽ جي ڀرسان ٿي اسٽول
پاڻيءَ سان ڀريل گهاگهر پئي آهي جنهن جي مٿان هڪ ٽامي جو لوٽو رکيو آ
آس پاس ٻہ چار اسٽول پيا آهن. ڪجهہ گلاس بہ رکيا آهن. ماستر ماڻڪ
پنهنجي دوست چيتنانند سان گڏ اڱڻ ۾ داخل ٿئي ٿو.)

ماڻڪ: دادا جي، نمسڪار

دادا: نمسڪار! اچو، ماستر صاحب، اچو ..... وِهو

ماڻڪ: داداجي، هن سان ملو. هي آهي منهنجو دوست چيتنانند. ممبئ
مان آيو آهي. جهنين جي دلالي ڪندو آهي. ذرا سياست ۾
دلچسپي رکندو آهي. ڳوٺ جي مسئلن جو اڀياس ڪرڻ لاءِ ا
جي ڳوٺ ۾ آيو آهي.

دادا: وهو، ڀريون آرام سان وهو تہ سهي.
(ٻئي ڄڻا ڀرسان پيل اِسٽول تي وهن ٿا)

دادا: پاڻيءَ جا ٻہ ڍڪ پيو
(ٻہ گلاس ڀري هنن کي ڏئي ٿو.)

ماستر ۽ چيتن آنند (گڏوگڏ) توهان ڇو ٿا تڪليف ڪريو داداجي!

دادا: پٽ، هيءَ تڪليف ناهي شِشٽاچار آهي، سڀيتا آهي.

ماستر: داداجي، مان پنهنجي دوست کي توهان وٽ انڪري وٺي آيو آهي
جيئن هن دوست کي خبر پوي تہ ڀارت جا ڳوٺ ڪيڏي ترق
ڪري چڪا آهن. اڄ جو ڳوٺ اول وارو ڳوٺ ڪونهي، پريمچند وار
زماني وارو ڳوٺ ڪونهي. اڄ جو ڳوٺ، ڪن حالتن ۾ تہ شهر کي
شهہ ڏيئي ويو آهي.

ادا جي: منهنجو هي ٻيون نمبر پٽ کتري (کشتريہ) آهي. هن جو سڄو سوچ، سڄي وچار-ڌارا فقط هار ۽ جيت جي اردگرد ئي چڪر لڳائيندي رهندي آهي. اهو ڇوڪرو پرشو پلي ڪيڏانهن بہ وڃي رهيو هجي پر ويندو اهڙي منوورتي کڻي جڻ تہ جنگ ڪرڻ لاءِ يڌ-کيتر ڏانهن وڃي رهيو آهي. پرشوءَ جي منوورتي کتري-قسم جي آهي ان ڪري سندس ڳالهائڻ ۾ بہ جنگ، لڙائي، هار - جيت، وجيہ جهڙن لفظن جو وڏ ۾ وڏ اِستعمال ٿيندو آهي....

ان وقت داداجيءَ جو ٽيون پٽ لکشميداس ٻاهران اندر اچي ٿو. هن جي ٿ ۾ هڪ بريف ڪيس آهي هو ايندي ئي داداجيءَ جا پير ڇهي ٿو.)

اداجي:(آشيرواد ڏيندي) ڪُبير ڀوَ!

ڪشميداس: (هڪدم) داداجي، ٻن مهنن کان جيڪو سوُدو اٽڪيو ۽ لٽڪيو پيو هو اڄ طئہ ٿي ويو... آئڊوانس بہ ملي ويو.. ڏسو!

بريف ڪيس کولي اُلٽو ڪري ٿو. نوٽن جون ڪيتريون ئي سٿيون کٽ تي ڪرجي وڃن ٿيون.)

ڪشميداس: پورا ٿي لک آهن ...

داداجي هن کي هٿ سان اندر وڃڻ جو اِشارو ڪري ٿو. هو نوٽن جون سٿيون ميٽي، بريف ڪيس ۾ انهن کي رکي اندر هليو وڃي ٿو.)

اداجي: هي وئشو آهي. هن جي سڄي هستي ڌن - دوُلت جي اردگرد ئي چڪر ڪائيندي رهندي آهي. هن جي سڄي ويچارڌارا جي هڪ ڇور تي آهي لاڀ ۽ ٻئي ڇور تي آهي نقصان .. هڪ تي لين تہ ٻئي تي دين!...

استر: ۽ وچ ۾ داداجي؟

اداجي: (مرڪندي) ماستر صاحب، سڀ ڪجهہ ٿا سمجهو پر مون کان ٿا ڇوائڻ چاهيو - منهنجي منهن مان ٿا ٻڌڻ چاهيو!... وچ ۾ پريا پيا آهن واپار ۽ ڌنڌي جا سڀ داوَ - پيچ، سڀ تڪڙمبازيون، سڀ چالاڪيون، سڀ فريب...

يتن:(هڪدم) ۽ سڀ بي - ايمانيون!

سڀ زور سان کلن ٿا.)

ڪري رهيو آهيان- جدا جدا ملڪن ۾ لکيل جدا جدا قسم جي پستڪن جو اڀياس ڪري رهيو آهيان..... ان اڀياس مان جيڪي نتيجا نڪري رهيا آهن، جن نشڪرشن تي مان پهچي رهيو آهيان اُهي لکندو ٿو وڃان.

داداجي: ٺيڪ آهي پٽ، تون وڃ ۽ وڃي لک.

(گڻيش وڃي ٿو)

داداجي: گڻيش برهمڻ آهي. ياد رکو، ورڻ جنم سان پراپت نه ٿيندو آهي. جنم سان مقرر نه ٿيندو آهي. ياد رکو، ورڻ جو جنم سان ڪوئي واسطو ڪونهي. ورڻ ڪرم سان مقرر ٿيندو آهي. ورڻ جو بنياد ۽ آڌار آئپٽيٽيوڊ آهي. ورڻ ان ڳالهه سان طئه ڪيو ويندو آهي ته ماڻهوءَ جو روجهان ڪهڙو آهي. هن جي رچي ڪهڙي آهي ۽ هن جي من جو جُهڪاءُ ڪهڙي قسم جي ڪم ڏانهن آهي. دراصل ڏٺو وڃي ته ورڻ ويوسٿا زبردست سائنٽيفڪ ويوسٿا آهي. وڱگيانڪ ۽ منووڱگيانڪ نموني سان ڊسٽريبيوشن آف ليبرائنڊ ڊيوٽيز ڪئي وئي آهي ان ورڻ - ويوسٿا جي رستي! ان ويوسٿا ۾ خرابي تڏهن پئدا ٿي جڏهن ورڻ کي جنم سان جوڙيو ويو... اڄ اسان اِن ويوسٿا جون خاميون دور ڪري ان کي موسٽ سئڪالاجيڪل بڻائي سگهون ٿا.

چيتن: داداجي، توهان جي ڳالهه دل سان ضرور لڳي رهي آهي پر پوءِ به اَلائي ڇو سمجهه ۾ ڪون ٿي اچي.

داداجي: ايندءِ به ڪان - اچڻ به نه گهرجي! سياستدان آهين نه! جيڪڏهن ڪائي سڌي ڳالهه سڌي نموني سان توهان جي سمجهه ۾ اچي وڃي ته توهان جا پنهنجا اُلو سڌا ڪيئن ٿيندا؟

(زوردار ٽهڪ - ان وقت پرشورام اچي داداجيءَ جا پير ڇهي ٿو)

پرشورام: داداجي، آشيرواد ڏيو. مان اڄ هڪ درگم پربت جي اوچي ۾ اوچي چوٽيءَ تي وڃي جو جهنڊو کوڙڻ لاءِ وڃي رهيو آهيان.

داداجي: (آشيرواد ڏيندي) وڃي پُٽ!

(پرشورام وڃي ٿو)

دادا جي: مون کي خبر آهي تہ توهان ڇا ٻاڇڻ چاهيو. ڏيان سان ٻڌو. هڪڙو ڊاڪٽر عمر جي. چاليهن يا پنجاهہ سالن تائين شودروڻ ۾ رهڻ جي باوجود ان کان پوءِ ڪوچ ۽ چنتن جي ڪيتر ۾ پرويش ڪري برهمڻ - ورڻ ڌارڻ ڪري سگهي ٿو.

(چيتن ۽ ماستر اڃا بہ پئش و پيش ۾ آهن يعني اِهو فلسفو پوريءَ طرح هنن جي سمجهہ ۾ ڪونہ آيو آهي.)

دادا جي: جنم کي پڪڙي نہ ٻهو. ماڻهوءَ جي فنانشل پوزيشن تي نہ سوچو هن جي پد ۽ عهدي ڏانهن ڌيان نہ ڏيو. ماڻهوءَ جي ائپٽيٽيوڊ ڏسو. ماڻهوءَ جي چنتن جي جهڪاءُ تي ڌيان ڏيو ۽ هن جو سئڪالاجيڪل ڪلا سيفڪيشن ڪيو. ٻڌو، ڌيان ڏيئي ٻڌو - ورڻ - ويوسٿا اڄ بہ اُپيوگي آهي، اَڄ بہ ڪارگر آهي.

(ڪجهہ وقت بلڪل خاموشي)

دادا جي: حقيقت ۾ بکيڙو تڏهن ٿو شروع ٿئي جڏهن ڪنهن کي وڏو، ڪنهن کي وچولو ۽ ڪنهن کي ننڍو مڃيو ٿو وڃي يعني ڪوئي اونچو تي ٿو وڃي ۽ ڪوئي نيچو ۽ ان طرح اُچ - نيچ جي ڀاونا ۽ سمسيا شروع ٿي وڃي ٿي.

(ڪجهہ دير خاموشي)

دادا جي: سائنٽيفڪ ۽ سئڪالاجيڪل ڪلا سيفڪيشن ۾ نہ ڪوئي وڏو آهي نہ ننڍو، نہ ڪوئي اوچ آهي نہ ڪوئي نيچ! سڀ برابر آهن. سڀ برابر آهن ۽ سڀ هڪ ئي سطح تي بيٺا آهن، هڪ ئي ڌراتل تي ڪاريہ ڪري رهيا آهن، هڪ ئي سطح تي ڪاريہ ڪري رهيا آهن. ڪوئي مٿي ناهي، ڪوئي هيٺ ناهي.

(ڪجهہ دير تائين بلڪل خاموشي)

دادا جي: اڄ ڀارت جي سڀني مسئلن جو، سڀني سمسيائن جو اِهو ئي هڪ ڪارڻ آهي تہ ڪوئي بہ ماڻهو پنهنجيءَ جڳهہ تي ڀي ڪم ڪونہ ڪري رهيو آهي. ڪنهن کان بہ هن جي گڻ - ڌرم جي انوسار، هن جي ائپٽيٽيوڊ جي اُنوسار ڪم نہ ٿو ورتو وڃي، ڪم نہ ٿو ڏنو وڃي. ان جو نتيجو اسان سڀني جي سامهون آهي - گڙٻڙ، گڙٻڙ ۽ گڙٻڙ!

دادا جي: منهنجو ڇوٽون ڇوڪرو ڊاڪٽر آهي. چيرڦاڙ ڪندو آهي. آپريشن ڪ
آهي. خوب پئسا ڪمائيندو آهي. منهنجي خيال ۾ هوُ شودر آهي
چيتن: (عجب مان) ڊاڪٽر ۽ شودر!؟ دادا جي، توهان اِهو ڇا چئي رهيا آ
دادا جي: ٻڌو، ڏيان سان ٻڌو ۽ عقل کي جذبات ۽ ميل ڳالهين کان ڪجهه
ڪٽو. ڊاڪٽر، انجنيرُ ۽ سڀ جا سڀ ٽيڪنيشين شودر ورڳ ۾
شامل ٿيندا. جيڪي ماڻهو ڪنهن بہ قسم جي هنر تي گذران ڪن
ڪنهن بہ قسم جي شلپ جي سهاري جيئن ٿا، ڪرافٽ تي زند
گذارن ٿا، اُهي سڀ شودرورڻ ۾ ئي شامل ڪيا ويندا ۽ ورڻ - وي
جي اُنوسار شودر ئي سڏيا ويندا.
چيتن: دادا جي، اِها تہ بلڪل عجيب ڳالهہ آهي.
دادا جي: توهان کي اِها ڳالهہ ان ڪري انوکي ۽ عجيب لڳي رهي آهي ڇو
توهان شودر جو مطلب غريب، بي - سهارا، بيوس، اڻپڙهيل، جاهل
گندو ماڻهو سمجهي ويٺا آهيو. حقيقت ۾ سچائي بلڪل الٽدي آه
ورڻ - ويو سٿا جي انوسار شودر تہ تمام مهتوپورڻ ۽ اهم آدمي آهي.
سچيءَ سماج جو بنياد آهي.
(ڪجهه دير مڪمل خاموشي)
دادا جي: (زور ڏيئي) مان شودر کي ڪلا - سيوي مڃان ٿو.
چيتن: توهان شودر کي ڪلا - سيوي مڃيو ٿا. ٺيڪ آهي. ان ۾ ڪنهن ک
ڪوئي اعتراض نہ هئڻ گهرجي. پر توهان جي ڳالهہ پوريءَ طرح اسا
جي سمجهہ ۾ ڪونہ آئي آهي. ان ڳالهہ کي اڃا بہ ڪجهہ کولي سمجهاي
دادا جي: هڪڙو ڊاڪٽر، هڪڙو انجنيئر، هڪڙو ٽيڪنيشين جڏهن پنهنجي
ڪلا کي، پنهنجي هنر ۽ ڪرافٽ کي ڏنڌو بڻائي ٿو يعني اُن جي
سهاري گذران ڪري ٿو تڏهن هوُ شودر آهي. پر جڏهن هو پنهنجي
ڪلا تي پنهنجي هنر بابت سوچي ٿو، کوج ڪري ٿو، نوان - نوان نتيج
۽ نشڪرش ڪڍي ٿو، ان ڪلا بابت ڪتاب لکي ٿو تڏهن هوُ برهمڻ
آهي.
(چيتن آنند ۽ ماسٽر ڪجهہ پڇڻ چاهن ٿا پر دادا جي هٿ جي اِشاري سان ڪين
روڪي ٿو. هو چپ چاپ ويهي ٿا رهن.)

ستر: پر، فساد ٿيا ڪيئن؟

داجي: (چيتن آنند ڏانهن مخاطب ٿي) چيتن جي، ذرا توهان ئي پنهنجي منهن‌مان ٻڌايو ته ڪنهن هنڌ دنگو فساد ڪرائڻ مشڪل آهي يا آسان!

يتن آنند: (ڪجهه ٽڪو ٽڪو ٿي) سچ پڇو ته بلڪل آسان، تمام آسان! داداجي، هن ملڪ ۾ پنج روپيه ڪمائڻ مشڪل آهي پر ماڻهن کي پاڻ ۾ وڙهائڻ تمام سولو ڪم آهي.

داجي: ڇوڪري ڌرم ۽ جاتيءَ جي راجنيتي ڪيڏي. هندن کي چيائين ته مسلمانن ۽ ڪرستانن کي داخلا ملي رهي آهي ۽ ٻئي پاسي مسلمانن ۽ ڪرستانن کي چيائين ته ڪاليج ۾ هندن سان پاسخاطري ٿي رهي آهي. ساڳيءَ طرح مهاراشٽر، گجرات، مڌيه-پرديش، اُتر پرديش، راجستان جي رهواسين کي به هڪ ٻئي جي خلاف ڀڙڪائي ڇڏيائين ۽ پاڻ خود لوڪل ٽرين پڪڙي گهر اچي لنبي تاڻي آرام سان سمهي پيو ... ٻئي ڏينهن هٿ ۾ اخبار لوڏائيندو مون وٽ آيو ۽ چيائين - فخر سان جڻ اعلان ڪيائين ته داداجي، ڏسو! پرنسيپال جي پٽ مون کي ڪاليج ۾ آئڊميشن ڪون ڏيئي رهيو هوا هڏ - گڏ پڇائي ڇڏيامانس نه! فساد ڪرائي ڇڏيم. هاڻي اسپتال ۾ پيو آهي. مٿو ڦاٽي پيو اٿس. پير ۽ گوڏا ڀڄي پيا اٿس..... مون اُن ئي وقت پوٽي کي صاف صاف لفظن ۾ چئي ڇڏيو-برخوردار، پڙهائي ڇڏ - پڙهڻ لکڻ تنهنجي لاءِ ڪون آهي. تون راجنيتي ڪر-سياست ڪر - اُتي تون خوب چمڪندين.

ن آنند: هاڻي توهان جي پوٽي جو ڪهڙو حال آهي؟ (مُرڪي) ڪجهه چمڪيو به آهي؟

اجي: ممبئيءَ ۾ آهي. نيتا آهي. جنتا جو ليڊر آهي اُنهن کي ليڊ ڪرڻ جي دعواي ڪندو آهي. ڪڏهن هن گُٽ ۾ هوندو آهي ته ڪڏهن هُن گٽ ۾. بيوفائي سياست جو زيور آهي.

ين آنند: توهان پوٽي کي پنهنجي هِن آدرش ڳالهه ۾ ڇو ڪونه ٿا گهرائي ولو؟

(ڪجهه دير لاءِ خاموشي)

دادا جي: (ڪجهه تيز آواز ۾) ڏک ۽ شرم جي ڳالهه آهي اسان سڀني جي واسطي - جنهن ماڻهوءَ کي پارٽ ۾ هڪ هزار روپيه مهني جي پگهار واري نوڪري نه ملي، ان ماڻهوءَ کي آمريڪا ۾ نوبل پرائيز مليو..

(چيتن آنند ڏانهن اِشارو ڪري)..... سياست جي چالبازين ۾ عمر گذاريندڙ سياستدانو، ذرا سوچو - غور ڪيو - اندر ۾ جهاتي پايو توهان جي سوارٿ، خودغرضيءَ ۽ ڪوتاهه - نگاهيءَ ديش کي رساتل تائين پهچائي ڇڏيو آهي. اڃا به وقت آهي. اڃا به موقعو آهي. هاڻي به هوش ۾ اچي وڃو... ان گهڙيءَ کان ڊڄو جڏهن توهان ڪجهه ڪرڻ ته چاهيندؤ پر ڪجهه ڪري نه سگهندؤ!

(ڪجهه وقت لاءِ خاموشي).

چيتن: دادا جي، توهان کي سياستدانن تي ڪجهه زياده ئي ناراضگي ۽ غصو آهي.

دادا جي: (مرڪي) منهنجو پوٽو راجنيتي ڪندو آهي - سياستدان آهي. منهنجي وڏي پٽ گنيشلال جو ڇوڪرو راجنيتي ڪندو آهي. ليبر آهي، نيتا آهي جڻ جڻ کار ٿيندي آئس..... جيون ۾ ڪجهه به سنڀالي نه ٿو سگهي، ديش کي سنڀالي ٿو.

(دادا جيءَ جي چهري تي تلخ مسڪراهٽ اچي ٿي وڃي. چيتن - آنند ۽ ماستر جا سر جهڪي ٿا وڃن.)

دادا جي: وڏو اُپدروي آهي - خرافاتي آهي -ڪامچور آهي - مفتخور آهي - حرامخور آهي - بلڪل ٺيڪ آهي - چيٽ آهي. اهڙو ته نڪمو آهي جو راجنيتيءَ کانسواءِ ڪجهه ڪري ئي ڪون سگهندو!

(چيتن آنند ۽ ماستر مرڪن ٿا.)

دادا جي: ميٽريڪيوليشن کانپوءِ اسان کيس وليءَ ممبئيءَ وياسين. سوچوسي ته ڪنهن انجنيئرنگ ڪاليج مان کيس ڊپلوما ڪرائينداسي. بس، اُن وقت اسان کي سندس اصلي چهري ۽ چريتر جي خبر پئي. انجنيئرنگ ڪاليج ۾ کيس داخلا ڪونه ملي ته شهر ۾ خطرناڪ فساد ڪرائي ڇڏيائين! ويچاري پرنسيپال مار به کاڌي!

(چيتن آنند ۽ ماستر کلن ٿا.)

دادا جي: خوب کلو. خوب ٺيڪ ڏيو. خوب قهقها لڳايو. آئينو ڏسي رهيا آهيو. توهان جي ئي تصوير آهي.

هين جو حق انهن کي ڏيڻ جي ياونا رکي ٿي، اُن هردي ۾ انسانيت جا سڀ ئي گڻ پاڻمرادو اچي کنا ٿين ٿا.

ماستر: داداجي، جيکو انسان هين جو حق ڦٻائي ٿو، ان بابت توهان ڇا چوندؤ؟

داداجي: اُهو بد نصيب انسان پنهنجن هٿن سان پاڻ، پنهنجي لاءِ ئي، نرڳ جو دروازو کولي ٿو. پنهنجيءَ ۽ پنهنجي ڪٽنب - پريوار - ٻار - ٻچن جي تباهيءَ جي قبر پنهنجن هٿن سان کوٽي ٿو.

ماستر: داداجي، گناهه ڪري ڪٽنب جو وڏو، اُن جي سزا گهرجي ٻارٻچن کي ڇو؟ ڪٽنب - پريوار جي تباهي ڇو؟

داداجي: پرائو حق ڦٻائي اُن ڪمائيءَ مان، اُن پئسي مان، هنن جي پيٽ جي بکـ مٽي ٿي، تن تي ڪپڙو پوي ٿو ۽ ڪيئن ضرورتون پوريون ٿئن ٿيون - هڪ اِنڪري! هيو سبب هي آهي تہ جيڪڏهن خون جو رشتو آهي تہ اوستائين پاپ ۽ پڃ، حرام ۽ حلال، حق ۽ ناحق جون ڏارائون بہ پهچي وڃن ٿيون. اَڪيلو آهين تہ ٺيڪ آهي - پاڻ ڪندين پاڻ ڀريندين. پر جيڪڏهن ڪٽنب قبيلو ائٽي، ٻار ٻچا اَٿئي تہ ڏڪُ، ڪنبُ ۽ پرماتما جي مار جو خُوف کاءِ! جڏهن پرماتما جي انصاف جي چڪي هلڻ شروع ٿيندي آهي تہ وڏا وڏا هيڪڙباز ڦُهٽن وانگر پيسجي ويندا آهن.........

هن جي سامهون نہ چيٽنگ هلندي آهي نہ چالبازي، نہ مڪاري هلندي آهي نہ مڪٽبازي، نہ رعاب هلندو آهي نہ رشوت ڪم ڪندي آهي. جڏهن هُن (آسمان طرف اِشارو ڪري) آسمان واري جي مار پوڻ شروع ٿيندي آهي تڏهن وڏا وڏا پربت بہ رائيءَ جيترا بہ ڪون رهندا آهن ۽ وڏا وڏا آسمان زمين -دوز ٿي ويندا آهن.

اڄ حرام جي ڪائيندين،
سڀان اسپتال ۾ چڪائيندين،
جيل خاني ۾ چڪائيندين،
پاڳل خاني ۾ چڪائيندين!

۽ جيڪڏهن پوءِ بہ ڪجهہ حساب ڪتاب رهجي ويو تہ موت کان پوءِ نرڳ جي باهہ ۾ جلي جلي چڪائيندين!

داداجي: مون کي هن سرڳ کي نرڳ ۾ بدلڻو ڪونہ آهي. سياست ڪند
جي نظر جيڪڏهن سرسبز درخت تي بہ پئجي وڃي تہ اُهو سُڪ
ڪندو ٿي وڃي! امبرت زهر ٿي وڃي! هي ڳوٺ، منهنجو
ڳوٺ، آدرش ڳانءُ ان ڪري آهي جو تہ هتي راجنيتي نہ ٿيند
آهي - هتي سياسي حرفتبازيون ڪون هونديون آهن. سڄو ڳ
هڪ ڪٽنب جي برابر آهي -بلڪ هڪ يڪو ڪٽنب آهي. هر
هڪ - ٻئي سان پريم آهي، وشواس آهي، ميل جول آهي، سهڪ
آهي ۽ سدڀاونا آهي. هتي اسان سڀ ٻين جي سک ۾ سکي ۽ دک
دکي ٿيندا آهيون. هتي پيار آهي پاليٽڪس ڪون آهي.

چيتن آنند: توهان جن بہ گڻن جو ذڪر ڪيو اُهي سوڪيم آهن، ائبسٽرئڪ
آهن. آخر انهن گڻن جو وهنواري روپ ڪهڙو آهي. اِهي سڀ
پرئڪٽس ۾ ڪيئن ٿا آندا وڃن؟

داداجي: (چيتن آنند ڏانهن تعريفي نظرن سان نهاريندي) تمام اهمي
ڀريو سوال پڇيو آهي توا تنهنجي اندر ۾ چنگاري آهي. تو
اُميد رکي سگهجي ٿي. تون ڳنڊ ڳيءَ جي آس پاس ضرور آهين
اجا ان ڳنڊ ڳيءَ ۾ ڀڏو ڪين آهين - اُجان تون ڳنڊ ڳيءَ جو ح
ڪونہ بڻيو آهين.

چيتن آنند: داداجي، ٿئنڪس! مان اِن ڳنڊ ڳيءَ ۾ ڀڏڻ بہ ڪونہ ٿو چاهيان
(ڪجھ دير خاموشي)

داداجي: گرونانڪ هڪ تمام اهم ڳالھ چئي آهي. ائين ڪٿي سمجھ ج
انسانيت جي سڀني گڻن کي هڪ لفظ ۾ سميٽي چڏيو آهي
گرونانڪ جڳ تہ سنسار کي انسانيت جو مول منتر ڏنو آهي
گرونانڪ صاحب جن فرمايو آهي.

حق پرايا نانڪا،
اِس سوئر اُس گاءِ!

ان منتر جو صاف صاف ارٿ اِهو آهي تہ پرائي حق کي هرگز مارڻ
گهرجي. حقدار کي هر حال ۾ حق ڏيڻ ئي گهرجي. حقدار کي ح
ڏيڻ يعني انسانيت جي سڀني گڻن کي هڪ ئي هنڌ ڪٺو ڪرڻ
هڪ تمام سندر ۽ وشال منچ جو نرماڻ ڪرڻ. ياد رکو، جنهن مردي

:اداجي: اِها دوغلي زندگي اڄ جي انيڪ بيمارين جو مول ڪارڻ آهي. دوکي ۽ فريب سان ڀريل دوغلي زندگي گذاربي تہ هارٽ ٽربل ٿيندي ئي، ڊائبيٽيز پڪڙيندي ئي، نروس بريڪ ڊائون جا شڪار ٿيندؤ ئي - ۽ - هاءِ بلڊ پريشرا اُهو تہ انهن بيمارين لاءِ لوڻ مرچ آهي ئي!

اوچتو چيتن آنند ڪجھ نروس نظر اچي ٿو. هو بيچيني محسوس ڪري رهيو هي. هو چاتيءَ کي هٿن سان دٻائي ٿو، مهني ٿو ۽ سندس مٿو جهڪي وڃي ٿو.)

اداجي: (حيرانيءَ مان) هن چيتن کي وري ڇا ٿي ويو؟

استر: ڪمزور دل جو ماڻهو آهي. داداجي، توهان هن جي مردانگيءَ جو بنياد ئي ڏوڏي ڇڏيو آهي. دادا جي توهانجا ڊائلاگ بہ ڇا تہ غضب جا آهن! اِئين ٿو لڳي ڄڻ ڪنهن شمشان ڀوميءَ ۾ ٺهيل انڌيري ڪمري ۾ اڌ رات جي وقت ڪوئي ماڻهو اڪيلو ويهي هارر فلم ڏسي رهيو هجي ۽ ٻاهر ڪمري کي چوگرد گهيرو ڪري انيڪ ڀوت - پريت زورزور سان چيخون ڪري رهيا هجن، چلائي رهيا هجن، روئي رهيا هجن ۽ ديوانن وانگر نچي رهيا هجن.

چيتن آنند، ان وچ ۾، پنهنجو پاڻ کي سنڀالي ولي ٿو.)

چيتن آنند: داداجي، ڪمزور دل وارن ماڻهن تي ڏرا ڪرپا ڪندا ڪريو.

ڪي انداز ۾ هٿ جوڙي ٿو.)

چيتن آنند: هاڻي ذرا مهرباني ڪري ٻڌايو تہ توهان جي هن آدرش ڳوٺ ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون سهوليتون ميسر آهن، هن ڳوٺ ڪيتري ترقي ڪئي آهي ۽ سهوليتن جي حوالي ۾ هن ڳوٺ کي ڪيتري حد تائين ڪنهن شهر جي برابر سمجهي سگهجي ٿو.

اداجي: جيڪڏهن مان تنهنجي سوال جي آخرين حصي جو سڀ کان اڳ جواب ڏيان تہ مان سمجهان ٿو. توهان مان ڪنهنکي بہ ڪو اعتراض ڪون ٿيندو. ڇوڻ جي ضرورت ناهي تہ مون کي ذرا آساني ضرور ٿيندي.

داداجي ۽ ٻيا سڀ مرڪن ٿا.)

(هڪ ڀيانڪ ۽ خوفناڪ خاموشي ڇانئجي وڃي ٿي.)

داداجي: قدرت جي سزا، پرڪرتيءَ جو ڏنڊ تمام ڀينڪر ٿيندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو انهن سنت- مهاتمائن به جن شايد ئي ڪڏهن ڪو پاپ ڪيو هجي، ڪو گناهه ڪيو هجي، انهن به پرماتما کان انصاف ڪون طلبيو آهي، مان وري ٿو دهرايان ته انهن به پرماتما کان انصاف ڪونه طلبيو آهي بلڪ ڪرپا جي بکيا مڱي آهي، ديا جي بکيا مڱي آهي. صوفي سنت ڪوي، شاهه صاحب صاف صاف لفظن ۾ چيو آهي:

عدل ڇُٽان آنءُ نه،
ڪو ٽيرو ڪج فضل جو!

هي پرماتما، عدل ڪندين، انصاف ڪندين، نياءُ ڪندي ته منهنجو ڇٽڻ مُحال آهي. ان ڪري او ڪرپاندان! ڪو ٽيرو ڪج فضل جو! ڪرپا ڪجانءِ، ديا ڪجانءِ، رحم ڪجانءُ! انصاف نه ڪجانءِ بلڪ بخشجانءِ! مان تنهنجيءَ ڪرپا جو، تنهنجيءَ ديا جو طلبگار آهيان....

(ڪجهه دير مڪمل خاموشي)

داداجي: .....۽ ويچاري اکين -سجي ڪوي سورداس ڪهڙا پاپ ۽ گناهه ڪيا ها؟ ان هوندي به هو چوي ٿو، چوي ڪونه ٿو بلڪ اعلان ٿو ڪري ته:

مو سَمَ ڪَوْن ڪُٽل، کل، ڪامي!
جاتن دئو تاهِ بسرايو،
اَئِسو نون- حرامي!
مو سَمَ ڪَوْن ڪُٽل، کل، ڪامي!

(ڀيانڪ قسم جي خاموشي)

داداجي: ۽ ذرا اڄ جي ماڻهن تي نظر وجهو. ڪُوڙا، فريبي،دوکيباز،چيٽ، نمڪحرام! ۽ ان هوندي به اِئين ڇاتي ڦندائي ۽ سر اونچو ڪري هلندا جڻ ته هنن جهڙو شريف ۽ ايماندار ڀلو مانس نه ڪڏهن پئدا ٿيو آهي ۽ نه ڪو آئينده ۾ پئدا ٿيندو! اهو سئسائيڊل انسٽنڪٽ، اِها آتم -گهاتي منوورتي اهڙن ماڻهن کي بي-موت ماريندي.

(ڪجهه وقت تائين خاموشي)

داداجي: هيئن ٻاڳي ۾ رکنداسين ڪيتي -ٻاڙي ۽ ڪاشتڪاريءَ سان واسطو رکندڙ سهوليتون. شهري بابو صاحب، هاڻي اسان وٽ هتي نه ٻئل آهن، نه ٻگهل تتل هرُ ۽ نه وري غريب، لاچار، بيوس، جاهل، اڻپڙهيل ۽ قرض جي مرض ۾ ٻڏل ڪسان ....

چيتن آنند: يعني پريمچند جي اُپنياسن ۽ ڪهاڻين وارو ڪسان آدرش ڳانءَ ۾ ڪونه ملندو؟

داداجي: بلڪل ڪونه ملندو. گودان وارو هوري هن ڳانءَ ۾ ڪونه ملندو ... هن ڳوٺ جو ڪسان ڇوٽو موٽو زميندار آهي، لئنڊلارڊ آهي ۽ ڪوئي چاهي ته ڪيس ننڍڙو پونجي پتي به ڪوئي سگهجي ٿو.

(سڀ کلن ٿا)

چيتن آنند: (تعريفي آواز ۾) درحقيقت آدرش ڳانءَ جو جواب ناهي. بيمثال ۽ لاجواب آهي توهان جو ڳوٺ.

داداجي: هاڻي، نئين ٻاڳي ۾ اينديون گهرن جون سهوليتون ۽ سُوڌائون. ڀڳوان جي ڪرپا سان اسان جي گهرن ۾ اُهي سڀ شيون آهن، اُهي سڀ سهوليتون آهن جن کي اڄ جو ماڊرن ڏنوان طبقو زندگيءَ لاءِ تمام ضروري ۽ اهم سمجهي ٿو.

چيتن آنند: (عجب قسم جي آواز ۾) اِهي ماڊرن سهوليتون فقط توهان جي ئي گهر ۾ ميسر آهن يا...

داداجي: (وچ ۾ ئي ڪٽيندي) ڳوٺ جي هر گهر ۾ ۽ هر شخص وٽ موجود آهن، اهو ته مان نه ٿو چئي سگهان. پر ايترو ضرور چوندس ته اڪثر گهرن ۾ اهي سهولتون ميسر آهن. اهو مان پوري وشواس سان چئي سگهان ٿو.

(ڪجهه دير لاءِ مڪمل خاموشي)

داداجي: سڀ کان وڏي، بنيادي ۽ مکيه سهوليت اِها آهي ته سڄي آدرش ڳانءَ ۾ بجلي آهي، اليڪٽرسٽي آهي.

چيتن آنند: واه! واه!!

داداجي: پاڻيءَ لاءِ پائيپ لائين آهي، ٽيوب ويل آهي، کوه آهن، پڪا تلاءُ آهن ۽ هڪڙو هاءِ اِسڪول آهي.

دادا جي: (گنڀير آواز ۾) جيستائين سهوليت جو سوال آهي اسان جي آدرش ڳاٺ جي ڀارت جي ڪنهن به مهانگر سان ڀيٽ ڪري سگهجي ٿي. پر هن ڳوٺ ڀارت جي نگرن ۽ مهانگرن کان ڪن ڳالهين ۾ چار قدم اڳتي ئي آهي.

(ڪجھ دير خاموشي)

دادا جي: مان سڀ کان اڳ اِها ڳالھ چوندس تہ هتي سڀ سهوليتون سهڻي کي سستيءَ قيمت ۾ ۽ آسانيءَ سان ملي وڃن ٿيون. وڏا وڏا مفاصلا ڪونہ آهن. دوريون ڪونہ آهن. ريل گاڏين جا ڌڪا ڪون آهن. ڪار جا خرچ ڪونہ آهن. ڀيڙ ڀاڙ ڪونہ آهي. رشوت ڪونهي. سفارشي چٺين جي ضرورت ئي محسوس ڪونہ ٿيندي آهي. هن ڳوٺ ۾ هر شخص کي سهوليتون ان طرح ملي وينديون آهن. جيئن گهر جي ڀاتين کي گهر ۾ رکيل شيءِ ملي ويندي آهي. هي ڳوٺ ڀارت جي هڪ پراچين منتر جي زنده تصوير آهي. اُهو منتر آهي- سڄو سنسار هڪ ڪٽنب آهي.

چيتن آنند: واهہ! جواب ناهي! لاثاني! بيمثال!

دادا جي: اسان جي آدرش ڳاٺ ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون سهوليتون آهن ان ڳالھ کي اسان چاهيون تہ پنهنجي ۽ توهان جي سهوليت لاءِ ٽن ڀاڱن ۾ تقسيم ڪري سگهون ٿا.

(اثر پئدا ڪرڻ لاءِ دادا جي ڪجھ دير خاموش رهي ٿو.)

دادا جي: پهرين ڀاڱي ۾ ذڪر ڪنداسين آدرش ڳاٺ سان واسطو رکندڙ سهوليتن جو!

ماستر: بلڪل ٺيڪ دادا جي! ان طرح سمجهڻ ۽ سمجهائڻ ۾ ڪافي آساني ٿيندي.

(دادا جي ماستر ڏانهن نهاري ٿو.)

ماستر: (مرڪندي) دادا جي، آخر بہ پڙهڻ ۽ پڙهائڻ، سمجهڻ ۽ سمجهائڻ منهنجو ڪِرتوِيہ آهي، پيشو آهي. مون کي ان ڪم لاءِ پگهار ملندي آهي.

(سڀني جي هلڪي کل)

اهم سوال پئدا ٿيو آهي... ڇا هن ڳوٺ ۾ مسلمان رهندا آهن؟ ڪرستان رهندا آهن، هندو ڌرم ڪانسواءِ ٻين ڌرمن جا پوئلڳ به رهندا آهن؟

جي: (مرڪندي) مان سمجهي ويس ته تنهنجي دماغ ۾ ڪهڙي کچڙي رڌ جي رهي آهي. هائو ڀائي! هن ڳوٺ ۾ مسلمان به رهندا آهن. هڪ مسجد به آهي. هتي ڪجهه گهر عيسائين جا به آهن. عيد، آشورا، ڪرسمس، هولي، دسهڙو، ڏياري، جنماشٽمي، رام نومي سڀ ڏڻ ملهايا ويندا آهن. سڀ ڏڻ تمام گهڻي پريم ۽ شرڌا سان ملهايا ويندا آهن ۽ هرهڪ ڏڻ ۾ ڳوٺ جا سڀ ماڻهو ڀاڱہ وٺندا آهن.

جهہ دير چپ رهي - طنزيہ آواز ۾)

هتي پوليٽيشنس ڪونہ آهن نہ! اِن ڪري! انڪري هن ڳوٺ جا ماڻهو ڌرم، جات پات، اونچ -نيچ وغيره وغيره کي بهانو بڻائي هڪ ٻئي سان وڙهڻ جي ڳالهہ سپني ۾ بہ ڪونہ سوچيندا آهن. اسان لاءِ ڏڻ معنيٰ خوشي، ڏڻ معنيٰ برم، ڏڻ معنيٰ انسانيت، ڏڻ معنيٰ سچو ڌرم ۽ سچي ڌرم ۽ سچي آزادي!.... هتان جا ماڻهو جڏهن اخبارن ۾ دنگن - فسادن ۽ خونريزين جون ڳالهيون پڙهندا آهن تڏهن سياستدانن جي دشٽتا ۽ عام جنتا جي بي - سمجهي ۽ ڪم - عقليءَ تي ڏاڍو ڏکي ٿيندا آهن.

نر: داداجي، هاڻي ذرا چيتن آنند کي اِهو بہ ٻڌايو تہ هتي ڪيتي ٻاڙي ڪيئن ٿيندي آهي ۽ ڪهڙيون ڪهڙيون سهوليتون ميسر آهن!

جي: ڪيترين لاءِ ٽرئڪٽرس آهن ۽ ڊرپ اِريگيشن سسٽم آهي. هتي پاڻيءَ جي ڪمي ڪڏهن بہ محسوس ڪونہ ٿيندي آهي. پون چڪي آهي. واٽر جنيريٽر جو بندوبست آهي. سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ هتي اسان وٽ مڊ -ڊئم (Mud - Dam) آهي. آدرش ڳانءَ جو ڪسان ماڊرن ٽيڪنڪس جو پورا پورا ۽ ڀرپور استعمال ڪندو آهي.

ن آنند: ۽ پئسا؟ ڪسان پئسا ڪٿان آڻيندو آهي؟

چيتن آنند: واھ!

دادا جي: ضروري شين جا دوڪان آھن. ھوئن ھفتي ۾ ٻہ ڏينھن بازار لڳندي آھي. اسپتال آھي. ھڪڙو ڊاڪٽر ھميشھ اُتي موجود ھوندو آھي. ھفتي ۾ ھڪ دفعو اسپيشلسٽ بہ ايندا آھن. شھر ويجھو آھي. ڪيترن ئي ماڻھن کي پنھنجون گاڏيون (Cars) آھن. ڪائي اھڙي اَمرجنسي پئدا ٿي وڃي تہ مريضن کي شھر جي اِسپتال ۾ وڃي داخل ڪرائيندا آھيون. ھن ڳوٺ کان ممبئي بہ ڪو خاص پري ڪونہ آھي.

چيتن آنند: (تعريفي آواز ۾) ڏنيہ آھن ھن ڳوٺ جا ماڻھو ....

دادا جي: ھتي گوبر گئس پلانٽ بہ آھي: گھڻي ڀاڱي سڀني جا گھر پڪ - سِرا آھن. جھونپڙپٽيءَ جو ھتي نالو نشان بہ ڪونہ آھي. رستا سنا آھن. دراصل ھن ڳوٺ جي پئنچات ڪافي تکڙي آھي. مظبوت آھي. جيڪي بہ مسئلا کڙا ٿيندا آھن ۽ جھڳڙا جھٽا ٿيندا آھن. پنھنجو پاڻ ۾ ئي چار جڻا ويھي طئہ ڪري ڇڏيندا آھن. اھو ئي سبب آھي جو ھن ڳوٺ جي ڪنھن بہ ماڻھوءَ کي ڪڏھن ڪورٽ - ڪچھريءَ جا ڦيرا ڪونہ پائڻا پيا آھن.

چيتن آنند: يعني ھتي شت - پرتي - شت، سوُفي صدي رام - راجيہ لڳو پيو آھي!؟

دادا جي: ستيگہ جو، ستيگرا وري ھڪ ھي بہ مزي جي ڳالھہ ھتو. آدرش ڳانءَ ۾ پوليس چوڪي ڪونہ آھي! ھن ڳوٺ ۾ توھان کي ھڪ بہ پوليس وارو نظر ڪونہ ايندو.....

چيتن آنند: (وچ ۾ ڪٽي) جيڪڏھن پوليس ڪونھي تہ ھتي وڪيل بہ ڪونہ ھوندا!؟ ٺيڪ؟

دادا جي: (مرڪندي) جنھن حالت ۾ پوليس ڪونھي، اَپراڌ ڪونھي، جھڳڙو فساد ڪونھي تہ وڪيل ھتي اچي ڏوڙ پائيندا؟ ڪائيندا ڇا؟ ڳاھ؟........

چيتن آنند: (ھڪدم) دادا جي، ذرا اِتي ترسو. منھنجي دل ۽ دماغ ۾ ھڪڙو

داداجي: چيتن آنند جي، منهنجي توکي پراٿنا به اِها آهي، اَنوروڌ به اِهو ئي آهي ۽ توهان مان اپيکشا به اِها ئي ٿو رکان.

چيتن آنند: (جذباتي آواز ۾) مان قسم ٿو کڻان ته آخرين ساهه تائين توهان جي سپني کي ساڪار ڪرڻ لاءِ پوري ڪوشش ڪندو رهندس.

داداجي: (مذاق ڪندي) چيتن آنند جي، ڪٿي اِئين ته ڪونهي جو سهڪاري بئنڪ مان ملندڙ قرض جي آشائن تنهنجي دل ۾ اُتساهه جو پرڪاش پيري ڇڏيو هجي!؟

(سڀئي زوردار ٽهڪ لڳائن ٿا. اُن ٽهڪي سان گڏوگڏ پردو لهندو اچي ٿو.)●

(”حق پرايا نانڪا....“ ايڪانڪي پهريون دفعو ڊسمبر ١٩٩٧ جي آخرين هفتي ۾ بالڪن جي باريءَ جي رنگمنچ تي ”سنڌونگر ساهتيه ڪلا سنگم“ طرفان آيوجت انٽر ڪاليج ناٽڪ چٽاپيٽيءَ ۾ پيش ڪئي وئي هئي.)

●

وزن
مفاعيلن × ۴

ليڊر ٿيڻ جو شوٗنق/ضيا

اهو ئي شونق آهي - پارٽي ناهي ٿيان ليڊر
هينئر شرنارٿي آهيان - پرڻ چاهيان ٿو پنهنجو گهر
1- رهان ٿو ڪئمپ ۾ مان - داس تي پڳوان ڪرپا ڪر
مکي يا چوڌري بڻجان - يان بڻجان سيڪشن ميمبر
2- مونکي بمبئي ۾ پنهنجي جاءِ آهِ ڪارخانو به آ
تڏهن پيي ڪئمپ ۾ - راشن جي صدقي ٿو رهان اڪثر
3- ڪيو بئرڪ تي قبضو ٿم - اٿم ڪمرا به ٽي هٽ ۾
انهن کي مان وهاريندس - مونکي جن پيي ڏيڪاري زر
4- مکي بڻس ته پوءِ ٿي پهچ ويندي پهچ وارن سان
مونکي نيڪن ڪٽڻ جو شوٗنق، دل ۾ ٿو رهي هر هر

دادا جي: ڪوآپريٽو بئنڪ مان ڪسانن کي قرض ملندو آهي.

چيتن آنند: جنهن صورت ۾ ڳوٺ ۾ ايترو ڪجهه آهي ته هتان جي گهرن ۾ نه هوندو!

دادا جي: سڀ ڪجهه آهي. جي چاهين ته گهرجي اندر هلي ڪر پنهنجين اکين سان ڏسي ۽ تسلي ڪر.. بجلي آهي، فئ آهي، سبڻ جي مشين آهي، ٽيليفون آهي، پائيپ لائي آهي، ويڊيو آهي، فرج آهي، ايئرڪنڊشنر آهي، اوون آهي هيٽر آهي .... پنهنجو خود جو ڪامپيوٽر آهي، مائڪر ويو ڪڪنگ سسٽم (Microware Cooking System) آهي ڀائي، مون ته اول ئي چيو ته هن ڳوٺ جي ماڻهن وٽ اُهي سڀ شيون آهن جن کي اڏونڪتا جو پرتيڪ مڃيو ويو آهي سمجهي رهيو آهين نه؟ سمبل آف ماڊرنٽي.

چيتن آنند: ڌنيه آهيو توهان، ڌنيه آهن توهان جي آدرش ڳوٺ جا ماڻهو ڌنيه آهي توهان جو آدرش ڳوٺ! مان اُنهن سڀني جي اڳيان سر ڦ جهڪايان، پرڻام ڪريان.

دادا جي: فقط پرڻام ڪرڻ سان، تعريف ڪرڻ سان يا سر جهڪائي وندن ڪرڻ سان ڪجهه به ليڻ وارو ڪونهي....

چيتن آنند: (هٿ جوڙي) آگيا ڪريو. توهان جيڪو حڪم ڪندؤ مان اُن کي پنهنجو ڌرم سمجهي پورو ڪندس.

دادا جي: ڀارت کي آزادي پراپت ڪئي اڌ صديءَ کان مٿي گذري چڪي آهي. ان عرصي جي درميان راجنيتي ڪندڙن جي اِميج تمام خراب ٿي چڪي آهي. اُن بدصورت اِميج کي سنوارڻ سڌارڻ جي ڪجهه ڪوشش ڪريو. سوارٿ کي تياڳيو.

چيتن آنند: بلڪل ٺيڪ فرمائي رهيا آهيو توهان.

دادا جي: هن آدرش ڳوٺ کي تو پنهنجين اکين سان ڏٺو آهي. پرچار ڪر ۽ پريتن ڪر جيئن ڀارت جو هرهڪ ڳوٺ ”آدرش ڳوٺ“ بڻجي وڃي.

(ڪجهه دير خاموشي)

رني ڪوٽ جا ڌاڙيل

(منظوم ناٽڪ)

(پردو کڄي ٿو. ڀهاڙيءَ تي ڪجهه جهڳا نظر اچن ٿا. ٿورو پري چوپايو مال
ـل آهي. هڪڙي جهڳي جي ٻاهرين کٽ تي وينگس ننڊ ۾ آهي، ۽ ڀرسان ٻيءَ
ـٽ تي ولها ستو پيو آهي، ۽ چيٽ جي آڪاس ڏانهن ڏسي رهيو آهي.)

ولهار (آڪاس ڏانهن ڏسندي.):

هي جيڪو ٻي انت لڳي ٿو،   ڪيڏو جوڀن ونت لڳي ٿو!
هي ماٺوءَ جئن جهرٽو ناهي،   ڪٺ ڀنگر جئن ڀرٽو ناهي.
تارا پيڇي، تارا آڳي ،   جيءُ سمهي، جڳ سارو جاڳي.
ڪنهن هي منڊ بڻا يو آهي،   سارو سانگ رچايو آهي؟
هيءَ مٽي جا پير پٽي آ،   'نانهن' منجهان ڪئن 'آنهن' بٽي آ!
ڀوري آهي، ناسي آهي ؛   آدي آ، آبناسي آهي،
ٻاڙهي آهي، پيلي آهي ،   ڪيڏي رنگ رنگيلي آهي،
روز ڦٽي آ، روز ڇٽي آ،   سونهن بٽي آ، واس هٽي آ،
مڌر ملن جي ريت بٽي آ،   پاڇانون جي پريت بٽي آ.
جندڙي کهنبي جو ڇنڪو آ،   موت اُجاتي جو ڪنڪو آ،
پوءِ به جندڙي پياري آهي،   مڌماتي، متواري آهي.
ينگس ڏانهن منهن ڦيري چوي ٿو.):

هن جا هنس به اَڇا اَڇا،   هن جا وار پشم جا لڇا؛
ڇا ڇا جيءَ جڳاٽا هن جا،   آڌيءَ وير به ڇاٽا جن جا،
رات مهي جو ماٺو آهي.   ۽ هي ڀهرو ٻاٺو آهي،
جنهن ۾ ننڊ ڀري پئي آهي،   جڻ ڪا ڪونج مري پئي آهي!
اُتر هير هلورا آٽي،   چني اُڏائي، چولي ناٽي،
سونهن پسائي ٿي سڻر جي،   جڻ ديوي اَن ڪا پٽر جي!
چرپر هن جا چپ ٿين ٿا،   مرڪي موتين لپ ڏين ٿا.
نئن موهن جئن نرمل سپنا،   لهرون لهرون، چنچل سپنا،
آڌيءَ رات اُنهن ۾ ڇاڇا، تارا،   پاٽي، پٽر، پاڇا!

سرگواسي پرسرام ضيا صاحب
جا ڪاويه پستڪ موجود

١) رگ ويد جا چونڊ شلوڪ ڪوتا ۾.

٢) سري سکمني صاحب اصلي ۽ ترجمو ڪوتا ۾ ڇاپيو ڏهون. هيءَ سکمني ڀيڻ ڀڳونتي ناواڻي سندس مڌر آواز ۾ ڳائي ڪئسيٽ ڀرايا.

٣) سري ڀڳوت گيتا اصلي ۽ ترجمو ڪوتا ۾.

٤) سري جپ صاحب اصلي ۽ ترجمو ڪوتا ۾.

٥) سري نائين محلي جا سلوڪ اصلي ۽ ترجمو ڪوتا ۾.

٦) روحاني رهبر - پرارٿنائون. هڪ مهني جون هرهڪ تاريخ جدا جدا پرارٿنا.

٧) باغ بهار - ٻارن لاءِ گيت ڀارت سرڪار وٽان انعام مليل.

٨) گيت برهه جا - مشهور گيت ڪلام ضيا صاحب جا رچيل جن کي ماستر صاحب چندر سنڌ ۾ ڳائي رڪارڊ ڀرايا هئا.

٩) آلاپ ضيا - ڇيون ڇاپيو (چونڊ رچنائون شعر).

١٠) پيغام ضيا - اڻڇپيل رچنائون جدا جدا ٻهلن تي ڀاڱو ڀريون.

١١) تماهي رسالو ڀريون انڪ ''ضيا'' .

مليان ڪتاب موجود اسان وٽان ملي سگهندا فون ڪرڻ تي پيجر تي يان خط لکڻ تي وڏيڪ روبرو ملاقات سان

پرڪاشڪ : نارائڻ پرسرام ضيا

ضيا ساهتيه مالها

اُلهاسنگر فون 549027 (911) ، SU9/027

پيجر سنديش چار لائينون 9622311479 MUMBAI

> **''امولڪ وچن''**
>
> آءِ دل نه روڄ نه زڙ، نڪي هنجون هار.
>
> جهڙا اچن ڏينهڙا تهڙا ويهي گهار.
>
> سدائين ڪر شڪُر شڪُر .....
>
> (ڀارو لادا جهمن واسواڻي)

جنهنجو ڪوئي ٿاهه نه آهي، ٿاهه نه آهي، ٻاهه نه آهي،
تنهنجي ڌرتيءَ تي چانڊوڪي، پريت نه ڇئنجي، ٻيو ڇا ڇئنجي؟
ماڻهوءَ جو من پريت سموهي، ڇا ڇا ٿو مٽيءَ ۾ ڳوهي!
پريت ائين ماڻهوءَ جي من ۾، جئن ڪا ڪويل چندن - بن ۾؛
جئن توري جي کيت مٿان ڪو پوپٽ اُڏري پيچ پنيءَ جو!
ماڻهو پريت وسارڻ جو ٿا ۽ گهنگهر ۾ گهارڻ چو ٿا؟
پريت بنا هيءَ ڌرتي ٻاري، ڪاري اُس، نڪاري واري

وليون هلن ٿيون ۽ وينگس ڦٽجي پوي ٿي. ٽي ڌاڙيل - آڊو، ڪاڊو ۽ ڌاڊو
اُونده مان نڪري مال چوڙن ٿا. ڪجهه واهٽي کهاڙيون ڪٽي اَچن ٿا ۽
لڙن جي اوٽ مان لِڪي ڏسن ٿا.)

آڊو:

مان آڊو هان، مان آڊو هان، پر مان ڏاڍي ڪان ڏاڍو هان،
پيچ پنيءَ جو نور لٽيو مون، سانجهيءَ جو سندور لٽيو مون؛
هٽندو هوس اڪيلا ڌاڙا، رنگ محل ها يا رجواڙا،
سيئي منهنجو ڏن ڏيندا ها، ڌرتي جهاڙي ڏن ڏيندا ها؛
هاڻي مان ڪجهه جهوُر ٿيو هان، پر نه اڃا مجبور ٿيو هان؛
گوليون ۽ بندوقون مون وٽ، سوني جون صندوقون مون وٽ.
تر تر ۾ جو ’ڌاڊو‘ آهي، ۽ جو ڪانئر ’’ڪاڊو‘‘ آهي،
هاڻي تن کي ساڻ کڻان ٿو، ڌاڙا تن جي اوٽ هڻان ٿو.
اڳ تہ اِهي آٿاسا ٻاڳيا، ساريون راتيون ننڊ ڪندا ها.
ڏينهن ڏهارا موڳا تن جا، ڪات کهاڙا اوڳا تن جا،
اڄ ڪلهه ٻاڳيا جاڳيا آهن، ها، ها، ٻاڳيا ساڳيا آهن!
پر جا منهنجي ٽولي آهي، تنهنجي جي ٻولي گولي آهي.
هاري آهي، ناري آهي، يا ٻيو ڪو اڌڪاري آهي،
هرڪو منهنجي ٻولي جاڻي، ڪوبہ نہ نڪري گوليءَ ٽاڻي؛
جي ڪو موت مقابل ٿئي ٿو، تنهن گهر تي بارود وسي ٿو،
در در تي بوڇاڙ ڪيان ٿو، گولين سان گفتار ڪيان ٿو.

۽ هوءُ روح رلايل سپنا،   گهايل گهڻ، اُجايل سپنا،
سپنا جن ته اُڏاريل آڙيون،   سپنا آڌيءَ رات اُماڙيون،
ڪيئي اُپ اُماٽيل سپنا،   ۽ ڌرتيءَ سان واٽيل سپنا.
ڪينءَ هجي يا ڪينوتن جو!   ڇا ڇا تاڃي پيٽو تن جو!
جي انسان ستو پيو آهي،   ڪيڏو ٻجهه ٻتو پيو آهي!
ماٺهوءَ جئن بي اَنت نه ڪوئي،   جوئي آهي، آهي سوئي!

(وينگس ننڊ مان ڇرڪ ڀري جاڳي ٿي.)

وينگس:

آڌي رات، اَچانڪ سپنا!   ڪاري ڊنڊ، ڀيانڪ سپنا!
جو به پکين جو جوڙو آهي،   تنهن جو اَنت وڇوڙو آهي!
ساري ليلا نياري آهي،   جر ڀُوڄارو ماري آهي.
تڏهن ته ڌرتي پياري آهي...   ۽ ماٺهو سنساري آهي.

ولهار:

هي جو ڀن جا ڀن ڀن اُڌما،   توُنس تنن جي، ڪجڪاڪن جا،
ڪجهه به نه هوندي، سڀڪجهه آهن.   ڪارونڀار ڪتين جا ڪاهن
ٿا ڪيڏانهن، نه ڪنهن جاتو آ،   تن جو انت نه ڪنهن پاتو آ،
هيءَ جا سندر مايا آهي،   ساري پل جي ڇايا آهي.
پل پوپٽ آ، پل جگنو آ،   پل پل ڪي پنهنجي خوشبو آ،
پل پل ڪي پنهنجي جوتي آ،   پل ٻوڙهو آ، پل موتي آ،
پل جو سهڄ سڀاءُ ڇڳو آ،   جئن اُتر جو واءُ ڇڳو آ...
ماٺهو منجهه وڌائن جو ٿا،   پل ڪي ڇپ ٻٽائن جو ٿا؟

وينگس:

پريت به آهي پل جي مايا،   ڪنهن ڇايا ڇل جي مايا؛
پوءِ به اُن بن چارو ڪونهي،   پريت سوا ڇنڪارو ڪونهي؛
من جي موکه اُنهيءَ ۾ آهي،   ساري اوکه اُها ٿي لاهي؛
پريت جڏهن هي روح رڃي ٿي،   بادل بادل بين وڄي ٿي
- هڄ منجهان جا ہوٽا چاهي،   سا مٽيءَ جي پريت ته آهي!
۽ پوءِ ہوُٽا گلڙا ڪن ٿا،   ماڪ وسي ٿي، مينهن پون ٿا.
۽ مٽيءَ جو پيار ٽري ٿو،   هي سارو سنسار ٽري ٿو!
هي آڪاس سمندر جهڙو،   يا ماٺهوءَ جي اندر جهڙو،

پر اُن ۾ ويسر اُڀرن پيا،   جي آنڌيءَ مانجهيءَ اُڳرن ٿا.
هن جر جي جيءَ جياپي کي،   هر آڏڪاريءَ جي آپي کي.
اي پاهڻ جهڙا واهڻيو!   چا لاءِ ائين لاچار رهوا
ناهر ته لڳا ٿي ٻاهر ۾،   ڏاڙيل ڳدڙ ها اندر ۾؛
اڄ تن جو پيڇو ڪرڻو آ،   هي آڏو ڪاڏو مرڻو آ،
جن سنجها جو سندوُر لٽيو،   جن پيچ پنيءَ جو نوُر لٽيو،
اڄ تن کي پوُرو ڪرڻو آ،   اِئين واپس موُر نه ورڻو آ.

وينگس ڏانهن منهن ڪري چوي ٿو.)

اي وينگس! تنهنجا وار چٽا،   ۽ تن تي منهنجا آر چٽا،
مون تن جي چانوَ به ماڻي آ،   ۽ ساري ڌرتي واڻي آ.
ڪنهن سپني سان ......   پر ڪيئن ڪيان.ٿو توکان مان اڄ دوُر وڃان!
جن ڦورن توکي گهايو آ،   ۽ آڌيءَ رات لڇايو آ،
مان جيسين تن کي ناس ڪيان،   ٿو تيسين ڪو بنواس وٺان!
مان نيٺ ته موٽي اچڻو هان،   ۽ توسان گڏجي نچڻو هان،
هن رنگ رنگيليءَ ڌرتيءَ تي،   مدمست نشيليءَ ڌرتيءَ تي،
ٿي پيچي لنب ليارن سان،   ۽ پيچ پنيءَ جي تارن سان ...
پر هاڻي مونکي وڃڻو آ،   هي وعدو مور نه پڄڻو آ.

وينگس جي رت ۾ لويل چني، بندوق جي نليءَ سان ٻڌي، بندوق کي
پو ٿو ڪري.)

مان تنهنجي آرتي کهنبي مان،   هي ڳاڙهو جهنڊو ٿو ڻاهيان؛
اڄ هن پرچم جي ڇانجي ۾،   مان ڪوٽ اندر يا ڪاڇي ۾،
للڪار ڪندس هر ويريءَ تي،   ۽ وار ڪندس هر ويريءَ تي،
جنن تڪ ٻڌي ڏئي واڳه ٽپو،   ۽ هاڻ ڪڏي هاڙ هيالي جو.

ڏاڍي جي لوٽ ڏانهن ڏسي ٿو.)

ها گهاتڪ تنهنجي گولي آ ..   دل دشمن جي پر پولي آ-
جنهن وقت پڇاڙيم پاڪر تي،   جڻ چپ ڪري ڪاڇر تي.
هو قهري آ، هوُ قاتل آ،   پر ظالم پوءِ به ٻزدل آ.
جي ڏوُران ڏس ته مهاڙن سان،   هي ويري آهه پهاڙن جان؛

ڪاڏو:

ڏاڏو بيشڪ ڏاڏو آهي، ها، پر آقا آڏو آهي،
۽ هُو مون کي پيارو آهي، اُن سان ڀائيچارو آهي.
ڏيل تہ منهنجو ڏاڏو آهي، ها پر آقا آڏو آهي.
مان ٿي هيءَ بندوق پڙيان ٿو، مان ٿي سڀ تي وار ڪريان ٿو،
اُهنجو آهيان، سهنجو آهيان، پوءِ بہ ٻنهي کي پنهنجو آهيان؛
ڇو تہ ٻنهي جو چاول آهيان. ۽ مان هوند هراول آهيان؛
تيسين گوليون برسايان ٿو، ويريءَ واهر ترسايان ٿو،
جيسين گهر گهر ڦر لايو ٿا، جيسين سڀڪجهہ چورايو ٿا.

(ڏاڏو اوندهہ ۾ بندوق تاڻي بيهي ٿو، ۽ آڏو ۽ ڪاڏو زر زيور کڻي، ڊور ڏيئا ڪاهي، اوندهہ ۾ گم ٿي وڃن ٿا. وَلهار ٽپو ڏيئي منهن ۾ لٽڪندڙ کهاڙي لاهي ٿو وٺي، ۽ ڏاڏي تي وار ٿو ڪري. ڏاڏو وائڙو ٿي بندوق جو فير ڪري ٿو، جو گسي وڃي ٿو، ۽ کهاڙيءَ جو ڌڪ کائي، ڦهڪي سان ڪري ٿو.)

ولهار:

ڦورو پنهنجا يار ڪيا ٿو، هيڻن تي هٿيار کنيا تو،
هاڻي تيندين ماهہ مرن جو، 'ڏاڏا' ڪانئرا ٻاهہ ٻجهن جو.

(ولهار ڌرتيءَ تان ڏاڏي جي ڪري پيل بندوق کڻي ٿو. هن جا ڳوٺائي کهاڙيون کڻي، ڪيڙن جي اوٽ مان ٻاهر اچن ٿا.)

ولهار:

اي ڀاڄُو جهڙا واهڻيو! ڇا لاءِ اِئين لاچار رهو!
ڇا لاءِ ڊڄو، ڇا لاءِ لڪو! آ ڪڙم مٿان ڪيڏو نہ نڪو!
ٿا ڪانئر راتو رات اَچن، ۽ گهاتڪ سوچي گهات اَچن،
۽ گهر گهر ۾ ڦرلٽ لائن ٿا، هر گهر واري کي گهائن ٿا،
هر گهر واريءَ کي لوڻن ٿا، ۽ ميڙي چوندي ڍوئن ٿا.
هي جيئڻ ڪهڙو جيئڻ آ، جي جندڙي وهہ جو پيئڻ آ!
هيءَ جندڙي جهونڌو آ جرتي، جو لهر اُڀاري ٿو چر تي،
جا پنهنجي اوچو ٻاٽ جهلي. تي پاڻيءَ تي ڪجهہ وقت هلي،
۽ گيت مڌر ڪي ڳائي ٿي، پوءِ پنهنجو پاڻ سمائي ٿي.
هن ڌرتي ۾، هن انبر ۾، هن نيري گهري ساگر ۾.

چا پنڊيءَ ملن، چا مانيءَ مان، چا تنھنجي ڳل جي ڳانيءَ مان،
چا تنھنجي ڪارن وارن مان، چا تنبوري جي تارن مان،
چا ڳيتن مان چا بيتن مان، چا ذات اَڇيتن ڇيتن مان،
ٿي وَر وَر ساڳي بانس وري، ءَ ڳجري غم جي ڇٽ ڪري.
اڄ ظلم نھوڙي ايندا سين، ھي جھنڊو ڪوڙي ايندا سين؛
ءَ اُنجي ڳاڙھيءَ مستيءَ ۾، ھن پنھنجيءَ پوريءَ وَستيءَ ۾،
ڪو سورج ھاري ايندا سين، ءَ ڏينھن اُڀاري ايندا سين!

(ولھار جا ساٿي منيون پڪوڙي ٻانھون مٿي ڪن ٿا.)

ساٿي (ڪورس ۾)

ڪو سورج ھاري ايندا سين، ءَ ڏينھن اُڀاري ايندا سين!
ھي جھنڊو ڳاڙھيءَ مستيءَ ۾، پل جھولي پنھنجيءَ وستيءَ ۾،
ھُو ماري ماري ايندا سين، ھو ڏونگر ڏاري ايندا سين!

(گھايل وينگس اُٿي ڪري، سيني کي ڳچيءَ ۾ ڳاڙھا ڳانا ٻڌي ٿي ءَ ھُو وري ڪورس ۾ ڳائن ٿا.)

ڪو سورج ھاري ايندا سين! ءَ ڏينھن اُڀاري ايندا سين.
ڪاباھ لڳائي ھيلن کي، ھن ڌرتيءَ جي ڏاڙيلن کي!
اَڄ ماري ڏاري ايندا سين! ڪو سورج ھاري ايندا سين!
ڪو سورج ھاري ايندا سين...

(سڀ ڪورس ۾ ڳائيندا روشن جانوري ۾ ويندا نظر اچن ٿا. پردو ڪري ٿو.)

نئن موھن - رني ڪوٽ جي وچ مان وھندڙ برساتي نئن جو نالو.
گڊ - پھاڙي گھيٽو.
تؤريو - سرنھن جو ھڪ قسم، جو وٽندڙ پيلا گل ڪندو آھي.
ھر اول - اَڳ ۾ ويندڙ.
ويسر - شارڪ (Shark) مڇي.
ھاڙھيالو - سرڪش يا پيليندڙ ڍور. پاکر - زرھ.

پر ڏونگر جي آ ڏيکه گهٽي،
هر وقت اُنهيءَ کي ڏاهي ٿو،
(ساٿين ڏانهن ڏسي ٿو.)

اي معصومو! اي مظلومو!
هر ڏونگر تي للڪار ڪيو،
انڌير نه ڪوئي رهڻو آ،
ڪنهن پاپيءَ جو هن پاڙنِ ۾
حيءَ باقي رات به ڪٽڻي آ...
۽ ويريءَ پويان وڃڻو آ.
ها، باک پليري اڀڻي آ،
ٿي ڪرڻو ڪرڻو پاڻيءَ تي ...،
ڳهه جهرمر جهرمر لائن ٿا
جي ڏونگر ڏاري ايندا سين،
حي سانگي پنهنجا چوٽرن سان،
۽ مينهن سان ۽ گانئن سان،
تي آجا اوني اُلڪي ڪان،
جو واهودن ۾ وَرڻو آ...
جو ساهه ڏئي ٿو ننگن تي،
۽ پنهنجيءَ کيتيءَ ٻوڪيءَ تي،
سنسار ته ڏاڍو سهڻو آ.
ڪنهن ڳهاتوءَ ڳهير وَسايو آ،
آ ماڻهوءَ جو من ڪنڊيءَ ۾،
جو هلڪي پيڙا آڻي ٿو،
جنهن وقت مگر ڏاڙيل اچن،
هن چنڊ منجهان، آڪاس منجهان،
ڳنڊير منجهان ۽ ڳم منجهان،
۽ چنگ چڙي جي ٽار منجهان،
ٿي ظلم ستم جي بانس اچي،
جا جهانگيءَ مان، جا سانگيءَ مان،

جو ظلم انهيءَ ۾ سرنگهه هٽي،
هڪ ڪوڪو ڏانچو لاهي ٿو.

گهنگهور گهٽائون ٿي جهومو
۽ اُيري اُن تي وار ڪيو!
۽ پيير نه ڪوئي رهڻو آ
اڄ رات ڪٽيسين ڏاڙي ۾،
پر هاڻي بات به ڪٽڻي آ،
۽ تنهن جو ڳاٽو ڀڃڻو آ،
نئن - موهن تي جا نچڻي آ،
جئن چانديءَ جا هرياڻيءَ تي
۽ اک اُڏي جهپڪائن ٿا.
جي ماري ماري ايندا سين.
۽ چاڙيءَ چاڙيءَ ڏونرن سان،
۽ پنهنجن پال پلائن سان،
ڪانڊ ڪندا تنهن جهلڪي سان،
سو ماڻهو مؤر نه مرڻو آ،
۽ جهانگين تي ۽ جهنگن تي،
۽ پنهنجيءَ ريت انوکيءَ تي.
حي جار ته ڏاڍو سهڻو آ.
۽ هر ڪنهن کي ڦاسايو آ.
ڪو ڪندو آهي منڊيءَ ۾،
جا پيڙا ماڻهو ماڻي ٿو.
۽ ڌرتيءَ تي انڌير مچن،
۽ ڌرتيءَ جي ون واس منجهان،
۽ پنهنجي هڏ ۽ چم منجهان،
جڳ هن ساري سنسار منجهان،
ڪنهن ڳهري غم جي بانس اچي،
جا ڏونهين مان، جا ڏانگيءَ مان،

> كائي تہ دوا هوندي، هوندو كوئي طبيب،
> بيموٽ مرڻ لاءِ ڇا ڇائي ٻولي غريب؟

پرفارمنگ آرٽ جي اَهميت

انٽرويو

(Dr.) B. G. wadhwani.
Resi.: 108, Dhiraj Tower, Sadhu Vaswani Marg, UNR-421001.
(Maharashtra) ✆ 54 61 46

(اُلهاسنگر لاءِ اِها هڪ فخر جي ڳالهہ آهي جو مهاراشٽر سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ تي جيڪي ميمبر کنيا ويا آهن اُنهن مان چار اُلهاسنگر جا رهاڪو آهن: سرو شري نارائڻ ڀارتي، هلديو منلاڻي، پريم تولاڻي ۽ ڀاون واڌواڻي؛ چارئي سڄڻ پنهنجي پنهنجي ڪيتر جون يڪتا ۽ يگانہ شخصيتون آهن. ’ضيا‘ رِسالي کي سدائين سندن سات ۽ سهڪار ملندو رهندو، اهڙي اسان کي اُميد آهي. اسان مشڪور آهيون شري ڀاون واڌواڻيءَ جا جنهن ڪافي مصروف ۽ مشغول هوندي بہ اسان کي پنهنجو قيمتي وقت ڏيئي ڀڇيل سوالن جي جوابن رستي سنڌي ادب سان وابستہ پنهنجن خيالن، خوابن ۽ آئيندهہ جي ڪاريہ ڪرمن کي خلاصو ڪيو. اسان کي پورو پورو وشواس آهي تہ اهي سڄڻ پنهنجي آيامڪاريءَ ۾ سنڌي ساهتيہ لاءِ اُهو ڪجهہ ڪندا جيڪو آئيندهہ جي ميمبرن لاءِ اُتساهہ ۽ رشڪ جو سبب ٿيندو رهندو. جيتوڻيڪ پيشينگويون ڪرڻ اسان جو ڌرم ناهي پر تہ بہ اسان اهڙيون اُميدون رکڻ ۽ اُنهن جو اِظهار ڪرڻ ڪنهن بہ ڪاريہ ڪرتا جي اُتساهہ لاءِ ضروري سمجهون ٿا.

پيش آهي ڊاڪٽر واڌواڻيءَ جو انتر درشن ۽ سندس آئيندهہ جا سپنا.)

١. هڪ عرصي کان پوءِ مهاراشٽر سنڌي ساهتيہ اِڪادميءَ جو پنر-شري گٺيش ٿيو. سٺي ڳالهہ آهي. پر ڏٺو ويو تہ اڪادميءَ جو نالو جيتوڻيڪ ساهتيہ اڪادمي آهي پر اُها سنگيت ۽ نرتيہ جي ڪاريڪرمن ۾ وڌيڪ بلڪ مڪمل دلچسپي وٺڻ لڳي آهي. ڪائي مجبوري يا ڪوئي سبب؟

- سوال بہ واجب آهي تہ اعتراض بہ واجب آهي. پر اسان کي فقط سڌانتوادي يا خوابن جي نگريءَ جو نواسي ٿيڻ نہ گهرجي. ان ۾ ذرا بہ شڪ ناهي تہ ساهتيہ جو سنبنڌ مڪمل طور ڪتابن جي لکڻ، ڇپائڻ ۽ اُنهن بابت سوچ-ويچار ڪرڻ سان ئي آهي پر ... بازار لڳي پئي هجي ۽ ڪوئي خريدار تہ ڇڏيو، نظر ڪٽي

معاف ڪجانءِ ضيا!

هڪ گستاخي ڪئي اٿم. منهنجي سامهون حڪو ـ
تنهنجا شعر، غزل، نظم يا گيت آيو آهي. سڀ کان اول مون ان کي ڪنهن وزن
يا ڇند ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. منهنجيءَ خصيص ٻوليءَ جي انوسار
مون هرهڪ سٽ کي موزون ۽ ڇند ـ بڌ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ اُن
ڪوشش جي عيوضي طور ڪجهه آزادي به پاڻ کي ڏيئي ڇڏي آهي.

مون کي آتما جي اُمرتا ۾ پورو پورو وشواس آهي. ان
ڪري مان اهو محسوس ڪري رهيو آهيان ته هٿ منهنجا آهن پر انهن کي
وات ٻڌائيندڙ وچار تنهنجا آهن. ان ڪري هن ڪوشش ۾ سندرتا تنهنجي
ڪري آهي ۽ نقص منهنجيءَ اڻپڪل ٻوليءَ جي ڪري آهن.

15th Feb,1999 - منوهر بيدي.

ڏسڻ پئسي جا رنگ / ضيا

(وزن : فعولن فعولن فعولن فعولن)

جي ڪيسي ۾ تنهنجي نقد آهه ناڻو،
تہ تو جهڙو دنيا ۾ ناهي سياڻو!
رکيل اهڙي ڪلدار ۾ آهه آڪڙ،
اَگهامي تہ جنهن سان ڪوجهو ۽ ڪاڻو!
ٿين ناڻي سان تا هزارين سلامي،
ڪري زر سان گنجو ۽ منڊو بہ ماڻو!
وڏا وير ناڻو پڻائي ''ضيا'' تو،
اَٿي هرڪو ناڻي مٿان ئي وڪاڻو!

ساماجڪ سنستائون ڪنديون. مون کي شخصي طور وشواس ڏياريو ويو آهي. مهاراشٽر جي ڪيترن ئي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ مون کي اُتساهه ڀريو هاڪاري جواب مليو آهي. اِن هند پهچي اسان کي خاص قسم جي ڪتابن جي ضرورت پوندي. وڏا وارن ڪيئن ننڍڙن ٻارن تائين پريمچند، پرساد، پنت، نرالا، مئٿليشرڻ گپت، اشڪ، سدرشن، رامڪمارورما، مهاديوي ورما ۽ انيڪ ٻين هندي ساهتيڪارن کي ذهني طور پهچائي ڇڏيو هو ۽ انهن لاءِ آدر جي ڀاونا جو ماحول خلقيو هو اسان کي به ان مارگ جي پيروي ڪرڻي آهي. جيڪو ٻار پندرهن ڪن سالن جي عمر ۾ مئٿليشرڻ گپت کي پڙهندو، پريمچند کي پڙهندو، اُن کي اڳتي هلي اگييه ياڌرموير ڀارتيءَ کي نه پڙهڻ ۾ تڪليف ٿيندي ۽ نه سمجهڻ ۾ دقت. اها ڪشش ۽ ذهني لڳاءُ پيدا ڪرڻو آهي. هڪ دفعو جي سنڌي پاٺڪ پيدا ٿيا ته پوءِ ساهتيه جي ضرورت به محسوس ٿيندي. سنڌي پاٺڪ کي سنڌي ڪتابن جي ضرورت پوندي. اُتي پهچي جيڪڏهن اسان پاٺڪ جي ضرورت پوري نه ڪئي ته اُهي پاٺڪ ٻين ٻولين ڏانهن ڳهلجي ويندا. مان خود شخصي طور اِهو چاهيان ٿو ته اهڙيون راتري پاٺشالائون اُلهاسنگر کان ئي شروع ڪيون وڃن. اڄ ڪيترائي سنڌي ٻار انگلش ميڊيم اسڪولن ۾ پڙهن ٿا، اُن آئينده جي سڄيءَ پيڙهيءَ کي ڌيان ۾ رکي اهو ڪاريه شروع ڪرڻو آهي. اسان کي هتي اُلهاسنگر ۾ ئي ڪجهه راتري پاٺشالائون کولڻ گهرجن جتي سنڌي ٻارن کي سنڌي لکڻ پڙهڻ سيکاريو وڃي. لپيءَ جي سوال کي بلڪل نظرانداز ڪرڻو پوندو. مکيه سوال ٻوليءَ جو آهي. ٻولي بچڻ گهرجي. ٻولي کي بچائڻ لاءِ پرفارمنگ آرٽ جنهن کي پرفارمنگ لٽريچر چئجي ته به غلط نه ٿيندو، ان جو سهارو وٺڻ گهرجي. مثال طور: ناٽڪ ڪرڻ، ڪٿا - واچن، ڪوي-سميلن ۽ اهڙا سنگيت ڪاريه ڪرم جن جي وچ -وچ ۾ ساهتيه جون جهلڪون پسايون وڃن. اهو سڄو ڪم رٿائتي نموني ۽ باقائدي سڪرپٽ ٺاهي ان جي انوسار ڪرڻو پوندو. هن وقت دل ۽ جذبات کان وڌيڪ دماغ ۽ ڪامياب نسخن جي سنڌي ساهتيه کي ضرورت آهي.

د. پاٺڪ پيدا ڪرڻ ڇا ساهتڪار جو ڪم آهي؟

- نه، جنهن نوع ۾ سوال پڇيو ويو آهي ان جو جواب 'نه' آهي. پر آپات ڪال ۾ نيم بدلجي ويندا آهن. اِهو قبول ڪندي به ته پاٺڪ پيدا ڪرڻ ساهتيڪار جي جوابداري ناهي مان بنا هٻڪ جي چوندس ته سنڌي ساهتيڪار کي ٻٽي جوابداريون کڻڻيون آهن. سنڌي ساهتيڪار کي فقط لکڻو ناهي بلڪ اهو به ڏسڻو

ڏسڻ وارو بہ نہ هجي تہ ڪوئي طور طريقو ڪوئي علاج تہ سوچڻو ئي پوندو. ان ڪري منهنجي خيال مطابق ساهتيہ جي واڌاري لاءِ ڪنهن بہ ڪلا جو سهارو ملي يا ورتو وڃي تہ بهتر ٿيندو.

۲. ان تي مون کي نامور سنگهہ جو هڪ گفتو ياد ٿو اچي. هڪ ليکہ ۾ لکيو اٿائين تہ اڪثر ڪتو ٻچ کي هلائيندو آهي پر اڄ ڪلهہ ٻچ بہ ايڏا تہ طاقتور ٿي ويا آهن جو ڪتي کي بہ هلائي ٿا ڇڏن ...

(خوب قهقها لڳا)

- نہ، ساهتيہ جي معاملي ۾ اِئين نہ ٿيندو. بلڪ اِئين ٿئڻ ڏنو ئي نہ ويندو. ساهتيہ اڪادمي مکيہ طور ساهتيہ ڏانهن ئي وفادار رهندي. ها باقي، عام ماڻهن جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ ڪن ٻين للت ڪلائن (Fine Arts)جو سهارو ورتو وڃي تہ ان ۾ برائيءَ ئي ڪهڙي توجہ آهي؟

۲. بشرطيڪ نظر ۽ توجہ ساهتيہ تي رهي.

- اُها تہ رهندي ئي. ساهتيہ اَڪادميءَ جو وجود ئي ساهتيہ سان جڙيل آهي.

۲. سنڌي ساهتيہ وڌي ۽ ڦلي ڦولي ان لاءِ خاص ڌيان ڪهڙيءَ ڳالهہ ڏانهن ڏيڻ گهرجي.

- پاٺڪ وڌائڻ ڏانهن. پڙهندڙ هوندا تہ ساهتيہ پاٺمرادو وڌندو ويجهندو. اسان کي پاٺڪ وڌائڻا آهن. اسان کي سنڌي لکڻيون پڙهي سگهندڙ پاٺڪ وڌائڻا آهن.

(ڪجهہ دير مڪمل خاموشي)

ورهاڱي ٿئڻ بعد حڏهن اسان سنڌي ڀارت ۾ آياسين تہ ڪيئن هندي سکياسين؟ راشٽرڀاشا پرچار سمتي ورڌا طرفان ڪيترو نہ زوردار ۽ اثرائتو پرچار ٿي رهيو هو! اسان ڪيئن نہ راتري پاٺشالائن ۾ وڃي پرويش، پريچيہ ۽ ڪو امتحان ڏيندا هئاسين! اسان مان ڪيترائي اُن وقت هڪ طرف اِئين ۽ نائين درجي جو امتحان بہ ڏيندا ها تہ ان سان گڏوگڏ وارڌا جون هندي پريڪشائون بہ پاس ڪندا ويندا ها! اُهو وشواس پيدا ڪرڻو آهي. اهو عشق پيدا ڪرڻو آهي جنون، عشق ۽ وشواس کي نہ لاحڪ کپندي آهي ۽ نہ لاڀ. مون ان قسم جون رٿائون ڏنيون آهن. راتري پاٺشالائون هلنديون. انهن سنڌي پاٺشالائن پاڙهيندڙ ماسترن کي پگهارون سرڪار ڏيندي. باقي بندوبست ان شهر جا

رنگ - تغزل

ضيا جي ڪجهہ غزلن کي پيش ڪري اِهو چوڻ تہ هو وڏو شاعر هو، فنِ
يءَ جي ڪيس تمام گهٽي ڄاڻ هئي ۽ غزل لکڻ تي دسترس حاصل هئس،
ڪجي خيال ۾ بلڪل ناڪافي ۽ خاص معنيٰ پريو ذڪر ڪونہ آهي. اِن ڪري
اِهو ضروري سمجهيو تہ هن ليکہ ۾ ڪاويہ - ڪلا بنسبت جيڪڏهن ڪجهہ
پڙهندڙن کي ڏِبي تہ بيجا نہ ٿيندو.

۽ بحرو وزن

نثر ۽ نظم ۾ مکيہ فرق اِهو آهي تہ نثر جي جملن ۾ اکرن جي ماترائن جي
ڪون ٿيندي آهي پر نظم جي حالت ۾ اکرن جي ماترائن جي ڳڻپ ٿئي
۽ اُن ڳڻپ جي انوسار ئي وارڻڪ ڇند، ماترڪ ڇند يا بحرو وزن جو نالو ۽
ظاهر ٿئي ٿو.

هندي ڇندن ۽ اردو بحرووزن جي اُصولن ۾ ڪو خاص فرق ڪونہ آهي.جِن
هنديءَ جي ڇند شاستر ۽ اردوءَ جي علم - عروض جي ڄاڻ آهي، اُهي اِن
نقت کان بخوبي واقف آهن.

سنگيت شاستر ۾ پلي ٽن ماترائن لاءِ ١٦ - ١٦ ماترائون بہ جائز هجن
ڪلا آ آ آ آ آ ....) پر ڪاويہ ۾ فقط ٻن قسمن جا اکر مڃيا ويا آهن - لگهو ۽
. لگهو اکر جي هڪ ماترا ۽ گرو اکر جون بہ ماترائون ليکيون ويون آهن.
عمل'' لفظ ۾ ٽي لگهو ماترائون (ڪَ + مَ + لُ) آهن تہ ''روزانو'' لفظ ۾ ٽي
ماترائون (رو + زا + نو) آهن. جن اکرن کي اَ - اِ - اُ جي ماترا لڳي اُهي
هو ۽ جن کي آ - اي - اوُ - اَءِ - او - اوَ - اَن - اَه جي ماترا لڳي، اُهي
ليکيا ويا آهن. اُردوءَ ۾ لگهو ماترا کي ''ڇوٽا مُصوتا'' ۽ گرو ماترا کي
نبا مُصوتا' چوندا اهن. مُصوتا يعني Vowel يا ماترا. اُردوءَ ۾ ٽي ڇوٽا (لگهو)
ست لانبا (گرو) مُصوتا مڃيا ويا آهن. اَن (अं) کي هو نون غنہ چوندا آهن ۽
هن اکر سان نون غنہ شامل ٿئي (جيئن گنگا ۾ گنہ) تہ اُن کي بہ ''لانبا مُصوتا'
رو ماترا) ۾ شامل ڪندا آهن. باقي اَه (अः) اُچار وارو اکر يا لفظ نہ اردوءَ ۾
ي ۽ نہ سنڌيءَ ۾. اِن अः (اَه) ماترا جو وڏ ۾ وڏ اِستعمال سنسڪرت ۾
ندو آهي۔ هنديءَ ۾ ٻِن - ٽِن لفظن سان ئي اِها ماترا لڳندي آهي

آهي نه سنڌس لکيل ڪوئي پڙهي به ٿو يا نه. ان ڪري اڄ جي سنڌي ساهيڪار کي ٻهڀڄي سڪ يعني آتم - تشٽيءَ لاءِ لکڻو ناهي بلڪ هڪ چارهه ساز ٿي ڪري اهڙي ساهتيه جو سرجن ڪرڻو آهي جنهنجي ڪري پاٺڪ وڌن. جيتوڻيڪ مان سمجهان ٿو ته ان کي عملي جامو پارائڻ ڪيترو نه دشوار آهي. اڄ سنڌي ساهيتڪار کي فقط Creator نه بلڪ Promotor به ٿيڻو آهي. هن کي اِهو ايڊيشنل بردن کڻڻو ئي پوندو نه ته رچنا بي - معني آهي.

ا تہ پاٺڪ وڌن ۽ سنڌي جاتيءَ جي نئڏيءَ ٽهيءَ جو ڌيان سنڌي ساهتيه ڏانهن ڇڪجي، ان جا ڪي طريقا، ڪي رستا؟

- لکيل ساهتيه کي پوئتي هٽائي ان جي بجاءِ پرفارمنگ آرٽ ائنڊ لٽريچر تي خاص ڌيان ڏنو وڃي. ناٽڪ کيليا وڃن، نرتيه ناٽڪ پيش ڪجن، لئه، تال ۽ سنگيت جي مڌُرتا سان پريل گيت، غزل، نظم وغيرهه سُرن ۾ سنجوئي پيش کيا وڃن. ماڊرن ٽيڪنالاجي ۽ پروفيشنل سوجهه - ٻوجهه کان ڪم ورتو وڃي. جيڪڏهن صاف لفظن ۾ چيو وڃي ته اهو چوڻ بلڪل غلط نه ٿيندو ته ساهتيه کي ڪنهن حد تائين بزنس سان جوڙيو، اهائي اڄ جي طقاظا آهي، اهو ئي واحد رستو آهي. صديون پراڻي ٻوليءَ ۽ اَدب کي اڄ جي يگ جي قدم سان قدم ملائي هلڻ جي يوگيه بڻائڻ جو. پرفارمنگ آرٽ رستي ئي سنڌي ساهتيه زنده رهي سگهندو.

●

ليڪچر ۽ تقريرون،	دنيا ۾ پئدا ڪندڙ الڙ آخر ٿيندو جُهڙ
هاسانند جا ٻول :	ڪڪرنڊو ڦهر جو ميگهه وسندو مهرجو.

اُردو

ڪس ڪي در پي ڪس سي سوال ڪرتا هوُن
سني، سني نه سني، عرض حال ڪرتا هوُن
ڪس ڪي در پي ڪس سي سلام ڪرتا هوُن
سني سني نه سني مئن ڪلام ڪرتا هوُن
آنکون مين انتظار کي دنيا لئي هوئي
ڦرتا هون بيقرار تمنا لئي هوئي.

- ضيا

❖ سيکي هئن مهہ - رُخون کي لِئي هم مُصَوّري،
تقريب ڪچہ تو بهر - ملاقات چاهئي! (غالب)

❖ چڙتي حي غزل بڙهتي چلي رات کي سائي،
آواز ميري گيسوءِ شب کول رهي هئہ! (فراق)

❖ جائي هئہ جي نجات کي غم مين،
آئسي جَنت گئي جَهنم مين! (مير)

❖ آئسون کو اي 'فراق' نہ دي درس - پختگي،
يہ لوگہ اَپني خاميون مين پُختا هو چُکي! (فراق)

هاڻي پيش آهن ''ضيا'' جا ڪجهہ غزل. پڙهو، سمجهو، تصوّر ۾ اُنهن کي ساکار بڻايو ۽ پوءِ ڏسو تہ توهان جي روح ۾ ڪيڏا نہ ڌا ولولا اُيرن.

غزل ١ (بحر رمل/ مثمن محذوف
وزن : فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن)

تون هجين ۽ مان هجان، برسات جون راتيون هجن،
باغ ۾ بڻنک هجي ۽ برہ جون باتيون هجن!
مئہ هجي ۽ مان هجان، ۽ تون هجين گانو هجي،
ڪوُڪوُ ڪوئل جي هجي، بلبل سنديون باتيون هجن!
تنهنجي نيڻن جي اِشاري سان مان شل ڪسجي وجان،
تنهنجي نيڻن ۾ سمايل قرب جون ڪاتيون هجن!
تون منهنجي سامهون هجين ۽ مان تنهنجي سامهون هجان،
خاص تنهنجون منهنجون، وڻ هيٺان ملاقاتون هجن!
مان تو لاءِ ماندو رهان ۽ تون مون لاءِ ماندي رهين،
هڪ ٻئي جي لئہ ضيا دلڙيون ٻئي آتيون هجن.

غزل ٢ (بحر مضارع/ مثمن اخرب/ مڪفوف
وزن : مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن/ فاعلان)

کوليان اي دل، دکن جو وجي داستان ڪٿي،
هلڪو ٿئاءِ بار غمن جو ڪيان ڪٿي.
ڦاٿس قفس ۾ خاڪ ٿي منهنجون خوشيون ويون،
گلشن ڪٿي، بهار ڪٿي آشيان ڪٿي.

جيئن تہ : अत: / पुन: يا وري ڪاوڻي ۾ لکهو اکر کي ٽرو اکر ۾ بدل
لاءِ اِن جو پريوڳ ڪيو ويندو آهي. مثال طور दुख لفظ جون ٻہ ماترائون
ليکبيون پر दु:ख لفظ جون ٽي ماترائون (3 = 1 + 2 = दु:) ليکبيو
آهن.

<u>غزل</u> لفظي معني عورتن سان يا عورتن جي بنسبت گفتگو. روح = عشق
محبت، حسن و نزاڪت، نازوانداز، جسماني لڳاوٽ جي هرهڪ ڪنڊ ۾ دنيا
جي دردوغم کي بہ غم - جانان (محبوب جي دردوغم) ۾ تبديل ڪرڻ يا اُن
مخصوص رنگ ۾ رڱڻ جي لطيف ڪوشش يعني عشق جي مختلف ڪيفيتن جي
ترجماني.

<u>تغزل</u> غزل جون علامتون، اِشارا، تمثيلون ۽ اُنهن مان پيدا ٿيندڙ رمزيت
ايهام، سوزگداز، رنگيني، رعنائي، انداز جي مخصوص نغمگي، بيان جو طور
طريقو ۽ اَدائگيءَ جو طرز، اِهي سڀ عناصر ملي تغزل جو نالو ۽ گڻ ڌارڻ ڪن ٿا
تغزل جي لفظي معني بہ غزل جهڙي ئي آهي يعني عورتن سان يا عورتن جي
بنسبت گفتگو. تغزل عاشقاڻي فضا ۽ عاشقاڻو ماحول پيدا ڪندڙ عناصرن جي جوڙ
جو نالو آهي.

<u>رنگ - تغزل</u> تغزل جي دائري ۾ ايندڙ جيڪي عناصر غزل ۾ استعمال ڪيا
وڃن ٿا اُهي جيڪو اَثر يا رنگ پڙهندڙ يا ٻڌندڙ تي ڇڏن ٿا يا بذات خود پيدا
ڪن ٿا، اُن کي ئي رنگ - تغزل چئبو آهي.

<u>گويم مُشڪل</u> مون غزل، تغزل ۽ رنگ - تغزل بابت جيڪو ڪجهہ مٿي لکيو
آهي، اُهو سمجهڻ، هنئي سان هنڍائڻ، هنڍائي اُن تي عمل ڪرڻ ڏاڍو مشڪل
آهي. پر ڪي شيون فقط مُشڪل هئڻ سان ئي پنهنجو وجود قائم رکي سگهنديون
آهن شايد مرزا غالب بہ اهو محسوس ڪيو هو، اِن لاءِ چئي ڏنائين : گويم
مُشڪل وگر نہ گويم مشڪلا ۽

پاتي نهين جب راه تو چڙه جاتي هئن نالي،
رڪتي هئہ ميري طبع تو هو تي هئہ روان اور!

اِهي مشڪلاتون جڏهن آسان ٿيون اِطلاع ڏيندس. بهر حال ماحول پيدا ڪرڻ
لاءِ ڪجهہ شعر درج ڪري رهيو آهيان.

ايم ڪمل

ِهر بيدي.

ايم.ڪمل سنڌي ساهتيہ جي حوالي ۾ هڪ حادثو آهي، هڪ اِتفاق آهي،
ڪ اَپواد (Exception) آهي. اِهڙا اَپواد مڪمل سنڌي ساهتيہ ۾ ٻاڻ - ٻَٽيا ٿيا
ن. ڪلا کي پريميڪا وانگر ڪلاڪار جي وفاداري کپي. اُها وفاداري ڪلاڪار
، ڪڏهن پد جي مقابل ڪري ڇڏيندي، ڪڏهن پئسي جي سامهون ڪڙو ڪري
يندي تہ ڪڏهن اِنعامن - اِڪرامن کي رستي تي بهاري دور ڪان ڪلاڪار جي
ڪ ۾ل جو ويني جائزو وٺندي. جيستائين مان ايم - ڪمل کي سڃاڻي سگهيو
يان مان ٻنان ڪنهن قسم جي هبڪ ۽ هچڪ جي چئي ٿو سگهان تہ هوُ صاحب
ٿن ئي قسمن جي فائديمند لالچن کي نظرانداز ڪري ڪلا جي هِپناٽڪ
نس سان جڙيو - جڪڙيو رهيو آهي.

عمر جو ڪافي عرصو ٽئہ ڪرڻ ڪان پوءِ دامن ۾ لڳل شاعريءَ جي چٽڻگ
ي وڃي عزيز صاحب جو دامن پڪڙي شاگردي ڪرڻ ۽ اٽڪاڀياس ڪري پاڻ
ن نت نئون رکڻ لاءِ ذهني ڪوششون ڪندو رهڻ ۽ آخر ۾ ساهتيہ اِڪادمي اَوارڊ
ع ڪانپوءِ بہ لنبي تاڻي آرام ڪرڻ ۽ جلسن - اُتسون جون رِبينون چانديءَ جي
ٿنچيءَ سان ڪٽڻ جي بجاءِ شاعريءَ جي انگہ انگہ سان جو ڀن - پريون انڪيليون
ندو رهڻ سنڌي ساهتيہ جي حوالي ۾ هڪ اَپواد ئي تہ آهي.

ايم. ڪمل جي نئين ڪوتائن، غزلن ۽ ڊائريءَ جي ورقن جو هڪ سنگره
ڪل اوجاڳا'' ڊسمبر ۱۹۹۸ ۾ شايع ٿيو آهي. سندس چوڻ مطابق اهو هنجو
رين پستڪ ٿيندو ڇو تہ فقط ذهني طور نہ، بلڪ جسماني طور هو ڪافي
ڪجي پيو آهي ۽ سوچ جو دپاءُ هن جي سهڻ ڪان ٻاهر ٿي چڪو آهي. منهنجي
اهش آهي تہ ڪاش! اِئين نہ ٿئي. ايم. ڪمل پنهنجيءَ وڏيءَ عمر ۾ انتخاب
يل محبوبا سان آخرين دم تائين سڪريہ روپ سان نباهيندو رهي.

اڄ تائين ايم. ڪمل جا تقريبا ۱۲ ڪوتا - سنگره ۽ ۷ ايڪانڪي ناٽڪ
نگره پرڪاشت ٿي چڪا آهن. ۱۹۶۵ ڪان شروع ڪيل اِها رچنا -ياترا ويهين
صديءَ سان گڏوگڏ پوري نہ ٿيڻ گهرجي ان ياترا کي ايڪيهن صديءَ جي بہ
تجهہ ڏهاڪن تائين برقرار رهڻ گهرجي. مون کي پڪ آهي تہ ايم. ڪمل چپ
ري نہ وهندو. هڪ سچو ڪلاڪار، پهلي ذهني ۽ جسماني طور ڪيترو بہ ٿڪجي

تکڙو قدم نہ عشق جي رستي ۾ کڻ کڏهن،
تکجي پوين نہ وچ ۾ دل - ناتوان ڪٿي.
پنهنجو پساءِ پاڻ، کيان سجدو تو اڳيان،
توبن وجان وفا جو کٽي تحفو مان ڪٿي.
اي رشکماهہ، هيڏانهن ڀي منهن کي وراءِ کجهہ،
تصوير تنهنجي دل ۾ چکي جڏن رکان ڪٿي.
کنهن غمزده جي دل کي نہ هرگز ستاءِ شوخ!
کنهن جي لڳيئي آه بري ڪا متان ڪٿي.
هلندو رهي ٿو عمر جو تکڙو هي قافلو،
ڏسجي وجي بهي ٿو اِهو ڪاروان ڪٿي.
تنهنجي ئي عشق مونکي تہ بي گهر کري ڇڏيو،
هاڻي ٻڌاءِ جوڙيان مان پنهنجو مکان ڪٿي؟
ڪاٿي ضيا شکايتون شکوهہ کٽي وجي،
ٿيندي سجائي پنهنجي هيءَ آهہ وفغان ڪٿي.

غزل ۳ (بحر هزج/ مسدس مخذوف اَلا خر
وزن : مفاعيلن مفاعيلن فعولن)

کيو تو واعِدو، مون سان وفا جو،
نہ پاڙيئہ سو، قسم آهي خدا جو!
تنهنجي اُميد تي، جيئرو رهيس مان،
دلاسو هوءِ ڏِنو، مونکي دوا جو!
جڏهن ظلم و ستم، تنهنجا ڏسان ٿو،
پويٿو ياد، قِصو کربلا جو!
ڏنئہ کهڙي خطا، مون بي خطا جي،
جو دشمن ٿي پيو آهين ضيا جو!

☆☆☆

ماحول تي ڇانيل هيءَ موسمي اُداسائي آهي....
.... وطن جي ورهاڱي جيان دائمي ڪانهي.

نوٽ: ايم. ڪمل کي ڪنهن شعري مجموعي تي ساهتيہ اڪادميءَ جو انعام ٻہ
يو آهي. مون کي نہ اُن ڪتاب جو نالو ياد آهي نہ سال ۽ نہ رقم. مان اِها ڄاڻ ضروري
ڪونہ ٿو سمجهان ڇو تہ: جيئن تلسيداس لاءِ چيو ويو آهي تہ - ڪوتا ڪرڪي تلسي
السي، ڪوتا لسي پا تلسي ڪي ڪلا ! ٺيڪ ان طرح مان چوندس تہ اِيم. ڪمل جهڙو
عر پائي سنڌي ڪوتا ڏنيہ تي وَئي! اِنعام اڪرام تہ هلڪڙن لاءِ هوندا آهن جيئن
هن جو ڪجهہ وزن وڌي. ايم. ڪمل جي شاعري بذات خود ڪافي وزني آهي.

موتيلال بناڻي

من- ساگر ۾ ترن خيال

(۱)

ڪوي شري پرسرام ’ضيا‘ جي سپتر - پياري نارائڻ جي آملهہ ڌارمڪ
سوکڙي - سندس پتا جي لکيل شريمد ڀڳود گيتا، منهنجي گهر مندر جي سونهن
۽ سينگار آهي. روز نارائڻ پرسرام ضيا کي ياد ڪريان، ڇو تہ گيتا منهنجو گرو
آهي ۽ روز مان گيتا مان وچن وٺان.

اَڄ پياري نارائڻ ضيا نيو يارڪ مان فون تي ڳالهايو. آميريڪا گهمڻ آيو آهي
پنهنجي ڀيٽيوئي گائڪوار گوپ چندر جو مهمان آهي، گوپ سندس سپتري
آرتيءَ سچي گهر : آميريڪا، ڪئناڊا ۽ هاڻ يورپ ۾ خوب نالو ڪڍيو آهي.
سنڌيت کي سُر سان سينگاري، سنڌيشو ڏئي رهيا آهن. واهہ جي موج مچائي
وينا آهن. گوپ جي سپتري آرتي کي چون ٿا سنڌي لتا منگيشڪر.

(۲)

نارائڻ سان فون تي ڳالهيون ڪندي، ڀارت ۾ سنڌين جو سماچار سڻندي
ايترو آنند ۽ اُلهاس اَندر ۾ اُتپن ٿيم جو اُن سمي ڪٽ، ڪاٿو ۽ ڪلپنا ڪري
ورتم وچن ضيا جي گرنٿ گيتا مان. وچن هي نڪتو:

نہ اکرن ۾ آڙ ۽ نہ ڳالهين ۾ ڦاس،
اَچل پنهنجو چت رکي ٿئي وهم ناس.
سماڌي لڳائي ٿي گم ذات ۾،
تہ حاصل ٿئي يوگ هر بات ۾! (اڌياءُ ۲/ شلوڪ ۵۳)

واهہ جو سنڌي ۾ ڪوي ضيا اَسانکي ڌارمڪ خزانو ڏنو آهي.

ڇڪو مجي پر حقيقي موت کان اڳ هرگز مرڻ نہ چاهيندو. ۽ هڪ ساهتيڪار جي زندگي سندس رچنا شڪتي آهي، سرجن شڪتي آهي.

ايم. ڪمل ''ننڊ ۽ جاڳ'' سان سفر شروع ڪيو. ''لڪل اوجاڳا'' ان سفر جو پڙاءُ پلي ٿئي پر آخرين منزل نہ ٿئڻ گهرجي. اها ياترا هلندي رهي، هلندي رهي ايتري قدر جو آخر ۾ ائين لکڻو پوي تہ - هيءَ اُها پيت آهي جنهن جي سَٽ ايم. ڪمل جو ساهہ بہ سهي نہ سگهيو.

پيش آهن ايم. ڪمل جي اجوڪي تاريخ ۾ پوئين ڪوتا سنگره ''لڪل اوجاڳا'' مان ڪجهہ سٽون.

پنهنجي ئي دل جي شهر جي سير تي نڪري پياسون
اڄ خاڪ نشين صورتن نور وڇايو ياد جو!

•

زندگي
مون کان اوور ٽائيم ڪرائي رهي آهي.

•

هنج ئي رهندو آهي بکيو، ڪانوَ لاءِ
کاڌي جي ڪمي ڪانهي.

•

لفظ خوشبودار آهن.
ليڪن، جملي مان بدبوءِ ٿي اچي!

•

هتن سان پنهنجي ئي ڀهراڻ کي ڦاڙي
اُداسائيءَ سان هرهر هوُ سبي چو ٿو؟

•

اُجهاميو جسم آهر دل ٺري ناهي
قلم ٽڪجي پيو مس ختم ٿي ناهي.

•

منهنجي هستي نامڪمل بيت جان
هئي، بڌائڻ ۽ نہ ڳائڻ جهڙو مان.

•

غزل/ايم.رفيق

آءُ سوداگر تنهنجي محلن جو،
آءُ سوداگر تنهنجي گلشن جو.
تنهنجو پلڪون حياءَ سنڀالن،
آءُ سوداگر تنهنجي پلڪن جو.
تنهنجي نظر ۾ نوري جهلڪي،
آءُ سوداگر تنهنجي نظرن جو.
آب اکين جو هيرا موتي،
آءُ سوداگر تنهنجي هيرن جو.
رفيق جڏهن ٿي برهه ۾ ڳائين،
آءُ سوداگر تنهنجي گيتن جو.

●

غزل/اُداسي

ڪن پل جي هيءَ آ هي جيوت، ڪن پل جي هيءَ بستي آ،
ڪيڏي ڪرين ٿو آڪڙ مورک، اها تنهنجي من مستي آ!
انيڪ آيا جوان جوڌا، ڪوڪلي دهشت ۽ دم تي،
مليا مڙيوئي خاڪ ۾ آخر، رهي نه تن جي هستي آ!
ڪنس ۽ راوڻ جهڙا دانوَ، ڪيئي آيا هن ڌرتيءَ تي،
بانور هو جن ڪي بازن تي، اُجڙيل تن جي بستي آ!
سوچ سمجهه ڪجهه اڙي آياڻا، نيڪي رهندي آ نِتُ قائم.
ڪوڙن ۽ ڍونگين جي هتڙي، حالت ٿيندي خستي آ!
جن ۾ آهي نياز ۽ نوڙت، تن ئي آهي رب کي سڄاتو.
تن جي ساري سر آ سدائين. راند نه تن جي سستي آ!
مان مان اُداسي ڪڍُ تون من مان ، سائين جي ڪر سڀ ڪي حوالي،
رب جي ٿيندي رحمت توتي، هن جي عجب اَل مستي آ!

●

احمد علي صابر چانڊيو/ ڳرو سوال
شهداد ڪوٽ (سنڌ)

ڪٿي ٻار ٻکہ ۾ ڪو روئندي ڏٺو مون،
ڪٿي ڪنهن کي عرشن تي اُڏندي ڏٺو مون.
ڪٿي نوٽ ڪنهن ٿي پيرن ۾ اُڇليا،
تني جي مٿان ڪنهن کي نچندو ڏٺو مون،
بيوس جي بدن سان ٿي ڪنهن راند ڪيڏي،
اتي عرش آهن کي اُڏندي ڏٺو مون.
آ در در تي پنڪيو ڪٿي ڍير ڌڳريون،
سهمن ۾ سائل ڪو سڙندي ڏٺو مون.
ٽٽل ڪٿي ڏٺو مون اُميدن جو مندر،
ڪٿي خون ڏيئن ۾ ٻرندي ڏٺو مون.
شرابن جو چلڪو ننگي بت جو ٿلڪو،
اتي ڪنڌ ڪنهنجو آ جهڪندي ڏٺو مون.
چيٿاڙي چڙيو ڪنهن ابهم ٻار کي،
لوڏي ٻانهن تنهن کي آ گهمندي ڏٺو مون.
غريبن کي ماري خوشيءَ مان ٿو ٽهڪي،
وڏي هام تنهن کي آ هڻندي ڏٺو مون.
رکي آس ويٺي اجان ماءُ آهي،
اکين مان نيرن کي آ وهندي ڏٺو مون.
هنيا جن تي ڏاڙا مزن ۾ اهي هئا،
غريبن کي ٿاڻن ۾ گهندي ڏٺو مون.
ڪتن کي ڪٿي ڪوفتا تي مليا پئي،
ٻکن ۾ اُتي ڪو تہ مرندي ڏٺو مون،
ڏٺم عيش عشرت جا بيحد نمونا،
ڪٿي ڪو تہ جهوريءَ ۾ جهڄندي ڏٺو مون.
سفينا سلامت اميرن جا ها پر،
غريبن جي ٻيڙن کي ٻڏندي ڏٺو مون.
وڏي شان سان ويٺل هو ڪرسيءَ تي قاتل،
سوريءَ ڏي آ صابر کي سرندي ڏٺو مون.

ڏسين ٿو ٻڌين ٿو جو جب آهين مالڪ؟
ڳرو سوال اهڙو آ ٻچندو ڏاڍو مون.

بشڪريہ سنڌ سجاڳي

ناري ايچ - سچانندائي / موٽ
ابو دبي (U.A.E)

آءِ موٽ اچين تہ مشڪرائي اچ،
خوف ۽ دهشت جو ڪفن لاهي اچ!
١- ڪندس سواگت تنهنجو پنهنجي گهر ۾،
رهندي تياري هلڻ جي توسان سفر ۾،
جڏي ڪاوڙ پريم سان پير پائي اچ! آءِ موٽ...
٢- ٿورو وقت ڏين تہ پنهنجن کان موڪلائي اچان،
دک ۽ درد دل جا سڀ يار، ٻڌائي اچان،
اچين جڏهن مون ڏانهن تہ ٻڌائي اچ! آءِ موٽ...
٣- ٻجان ڪونہ ٿو توکان، آهي صرف اِهو فڪر،
تہ لهندو ڪير منهنجي محبوب جي خبر،
چوان سچ ٿو پهرين مونکي آزمائي اچ! آءِ موٽ ....
٤- ڪن سان ڪريت وهائي ڪن کي بي وقت مارين،
ڪن جا سهين پاراتا۔ ڪن کي ٿو راحت ۾ آڻين،
ڏک ڏوراپا منهنجا دل تان لاهي تون اچ! آءِ موٽ ....
٥- ٻڌي نالو تنهنجو توکان هرڪو ٻجي ٿو،
تون آهين ڪهڙي بلا جو هرڪو ڏڪي ٿو،
’ناچيز‘ هيءُ راز دل جو مونکي ٻڌائي اچ! آءِ موٽ ....

اُميش روهڙا / سمجهہ

سمجهہ بنا انسان اَڪارتو،
سمجهہ بنا انسان بيڪار.
سمجهہ آدميءَ کي بڻايو انسان،
سمجهہ بنا آدمي هجي ها حيوان.

سمجهہ سمجهائي سهي غلط،
سمجهہ سڪائي جا آهي قدرت.
سمجهہ جي حڪومت دنيا پر ۾ آ،
سمجهہ ئي سرڳ - نرڳ جي ڪوچ ڪئي آ.

سمجهہ آڻي جيون ۾ خوشحالي،
سمجهہ ڪرائي خدا سان حالي احوالي.
سمجهہ بڻايو انسان کي پيارو،
سمجهہ بڻايو قدرت جو دلارو.

سمجهہ رشتن جي اَهميت سمجهائي،
سمجهہ رشتن کي مظبوط بڻائي.
سمجهہ بنا انسان ڍڳيءَ برابر آ،
سمجهہ سان ئي اِنساني ذات جو وجود آ.

سينگار جو سامان ۽ اوزار سڀ هٿ ۾ کڻي،
توکي بڻايو مينڪا، توکي بڻايو پدمڻي،
او حسينا! حسن تنهنجي جو نہ ڪوئي پارُ آ،
مالڪ وڏي ويچار سان توکي بڻايو نارِ آ!
تون اُڏامي عرشَ مان، ديوي بڻيءَ هت پيار جي،
تو اُچي ايجادَ ڪئي هت، اُتپتي سنسار جي،
تنهنجي ئي دم سان هن دنيا ۾، عاشقي آباد آ،
ڪوئي ٿيو ميهر ۽ مجنوُ، ۽ ڪوئي فرهاد آ!
تون ڪويءَ جي ڪلپنا، جوش ۽ جلوو جمال،
تنهنجي ڪري دنيا ۾ سڄي، تاج ٿو هڪڙو ڪمال،
تون ئي گنگا، تون ئي جمنا، تون ئي آهين سرسوتيِ،
توکان سواءِ سچ آ اِهو، ڪيڏي نہ ٿيندي دُرگتيِ!
اِيلورا جي پٿرن ۾، تون اَمرُ آهين سدا،
کجورا جي مندرن ۾، آهي اُجر تنهنجي آدا،
هن ديسَ توکي اُپسرا! ڪيڏو ڏنو سنمان آ،
جيڪو پڇي توکان پري ٿو، سو وڏو نادان آ!

پرتاب اُڏواڻي/مايا ۽ ڪال

هڪري ٻڏي هئي وڻ جي پاڙي سان
پري کي شير ڏٺو پنهنجو شڪار
شير جي منهن ۾ پاڻي آيو مونهن للچايو
شير جيئن ئي ڇلانگ لڳائي
شڪارين جار وڇائي هئي
شير ڏاڙهڻ گجگوڙ ڪرڻ لڳو پاڻ ڇڏائڻ لڳو
شير جي هڪ بہ نہ هلي
ٻوڙها ڳاريندو رهيو ۽ پڇتائڻ لڳو.

■

لکان ٿو قلم سان ڪرم جي ڪهاڻي،
ڪيل ڪرم کان ڪو نہ ڇٽندو پراڻي!

١- هجي وڏ گهراڻو ڪٽنب جي ڪبيلو،
هجي نالي وارو لڇو توڙي ليلو،
هجي همت وارو هلائي پيو حيلو،
وسون نا گهٽائي پيو ڳولهي وسيلو.
تون پڪ جاڻ اُنجي بہ ٿيندي پڄاڻي! ڪيل ڪرم کان ....

٢- هجي ڇو نہ ڪوئي براهمڻ برج واسي،
هجي ڇو نہ جوڳي جهنگم ۽ جگياسي،
هجي ڇو نہ ڪوئي اصل کان اُداسي،
هجي ڇو نہ ساڌو سڏائي سنياسي،
نہ بچندو ڪڏهن ڪوبہ راجا ۽ راڻي! ڪيل ڪرم کان....

٣- ڏٺيءَ جي ڏنل گنج مان ڪجهہ ڪري ڏس،
دکي دل جي شيوا تون دل سان ڪري ڏس،
ڪنهنجي جهول خالي تون بابل ڀري ڏس،
پراون کي پيارا تون پنهنجو ڪري ڏس،
پوءِ وٺرت نہ ويندءِ ڪڏهن تنهنجي واٽي! ڪيل ڪرم کان ...

٤- سچڻ سڪ سان سچ پچ ڪجانءِ شڀ ڪرم تون،
هلائج هٿن کي ڪري دل نرم تون،
نہ شيوا ڪرڻ ۾ ڪجانءِ ڪو شرم تون،
ڪدي پنهنجي من مان ڀولو ڀرم تون،
ڪندورهہ 'موهن' سڀ سان نوڙت نماڻي! ڪيل ڪرم کان ..

●

پرتاب راجائي (درازي) / گيت

سارا سچي سائينءَ جي ڪٿ ڪري ناڪو،
عُفت ڪري جو صاحب جي - سڪي رهي ٿو سو،
پيڙ ڪا ڀاري سهي - جاپ ڪري ٿو جو،
تون پڻ 'پرتاب' سو - سُمري ساس ڪر سڦلا!

پريوءَ جي پلاين جو - پلا ڪا تو ڪيرُ ڪَٿي،
احسان اکت جنهنجا. انسان جي آهن مٿي!

۱- بخشي آ اهڙي ٻُڌي - ڪري ڪوني جي جاڻ پوي،
ڪهڙيءَ پيِ جوٽيءَ ۾ - ڪولڪ ئي ڪانہ لَڪي! پريوءَ ....

۲- ڏھ مهينا گرڀ اندر - اونڌو ٿو رهي انسان،
ڪير ان کي سنڀالي ٿو- ڏس اکيون پاڻ ٻٽي! پريوءَ ....

۳- جسين ٻار اچي ٻاهر - آهي اڳيرِ ڪاڌو تيار،
اها ٻاجھہ ٻاجهاري جيِ - ظاهر ٿي جڳہ ۾ ٻکي! پريوءَ ....

۴- احسانَ مڃي 'پرتاب' - تون پي تاقرض چُڪاءِ،
پڪَ پريہ جيِ پيِ هرهر - ڏِسُ چاھ مان چاش چکي! پريوءَ ....

آر. ايس. وارداڻي 'گهايل' — حق آ مونکي

B.A., LL.B., Advocate.

۱- تون چاهين نہ چاهين، حق آ توکي،
توکي چاهڻ جو پر، حق آ مونکي!
۲- تون سڌڻ سان نہ اچين، اهو حق آ توکي،
خوابن ۾ ڏسڻ جو پر، حق آ مونکي!
۳- تون آغوش ۾ نہ اچين، اهو حق آ توکي،
خيالن ۾ پيار ڪرڻ جو پر حق آ مونکي!
۴- تون روئارڻ چاهين، اهو حق آ توکي،
روئندي بہ مشڪڻ جو پر حق آ مونکي!
۵- تون دل ۾ نہ وهارين، اهو حق آ توکي،
دل ۾ توکي وهارڻ جو، پر حق آ مونکي!
۶- 'گهايل' زخم رسائڻ جو، اهو حق آ توکي،
زخمن کي پرائڻ جو، پر حق آ مونکي!

آيا آهيون تنهنجي دُئار،
عرض اسانجو سڻ سرڪار،
ٻُڏهو طوفانن ۾ آهه،
تارڻ وارا، تون ئي تار،
دولهه لعل، دولهه لعل،
اچي ڪر رکشا، او رکپال!

۱- حاڪم سامهون ڪهڙو حيلو؟
توبن ڀيو ڪو ناهه وسيلو،
آهيون تنهنجي ئي آڌار،
تون جئن چاهين، مارِ - جيئار،
ٻُڏهو طوفانن ۾ آهه -
تارڻ وارا، تون ئي تار،
دولهه لعل، دولهه لعل،
اچي ڪر رکشا، او رکپال!

۲- سِر تي چانئي وپدا ڀاري،
ڪشٽ اچي ڪٽِ، او اوتاري!
لعلڻ، دُشٽن کي للڪار،
ٻيڙو بانڪا! آفت تار،
ٻُڏهو طوفانن ۾ آهه،
تارڻ وارا، تون ئي تار،
دولهه لعل، دولهه لعل،
اچي ڪر رکشا، او رکپال!

۳- اوکيءَ ۾ تون جن جي اوڏو،
تِن کي لعلڻ، لهر نه لوڏو،
توئي پنڄ رکي هر بار،
هاڻ به سانول، راهه سنوار،
ٻُڏهو طوفانن ۾ آهه،
تارڻ وارا، تون ئي تار،
دولهه لعل، دولهه لعل،
اچي ڪر رکشا، او رکپال!

●

امر لال جي مهما

پريو وفا/ اُڏيرو لال

آيو امر اُڏيرو لال، سنڌ جو ڀاڳ جڳائڻ آيو
سنڌ جي لڄ بچائڻ آيو
جوتين وارو جهولي لال، من ۾ جوت جلائڻ آيو
سڀ جو مڻ مڃائڻ آيو
١- دشتن جو آزار وڌيو هو، اڌرم اتياچار وڌيو هو
هر هنڌ هاهاڪار وڌيو هو، تڏهن ورن اوتار ورتو هو
آيو ڀڳتن جو رکپال، ظلم جو زور گهٽائڻ آيو
ڀو جو ڀوت ڀڄائڻ آيو
٢- سڀ جو آيو سبق پڙهائڻ، گمراهن کي راهه ٻتائڻ
آسوندن جي آس پڄائڻ، مظلومن جو عرض اگهائڻ
آيو ننڱ ڪٽڻ ننگپال، مهر جو مينهن وسائڻ آيو
سڀ سان ٻال ٻلائڻ آيو
٣- سڀ مان جو ڪيس ڀڪاري، ڪيس وفا سنڪٽ ۾ ساري
تن جي ٻيڙي سير مان تاري، ڀو ساگر مان پار اُڪاري
منهنجو دولهه دين ديال، سڀ جا ڪشٽ مٽائڻ آيو
بگڙيل بات بڻائڻ آيو
آيو امر اُڏيرو لال، سنڌ جو ڀاڳ جڳائڻ آيو
سنڌ جي لڄ بچائڻ آيو

●

ايشور اسان کي ڪيترين ئي عمديون سوغاتون بخشيون آهن. اُنهن سڀني سوغاتن مان وڏيڪ ملهائتي ۽ قيمتي سوغات آهي-اسان جي سرير جي رچنا. ايشور اسان جي سرير کي ڪيئن نہ سوچي سمجهي سندر روپ ڏنو آهي. هن اسان کي ڪيترائي سندر عضوا ڏنا آهن. هنن عضون وسيلي اسين سنسار جي ڪين ۽ منجهائيندڙ مسئلن کي سولائيءَ سان حل ڪري سگهون ٿا. ڏسو قدرت جي جوڙ. هرهڪ عضوو ڪيئن نہ هڪ ٻئي تي آڌار رکي ٿو. سڀ عضوا هڪ ٻئي جي ساٿ ڏيئي مشڪل ڪاريہ آسانيءَ سان ڪري، اسان جي جيون جي ٻيڙيءَ کي هن ڀوَ ساگر روپي سنسار مان پار پهچائن ٿا. هرهڪ عضوي جي مهانتا نرالي وچتر آهي. انڪري ڪنهن بہ عضوي کي گهٽ وڌ جو مهتو ڏيڻ نہ گهرجي.

هٿ اسان جي سرير جا اهم ۽ ملهائتا عضوا آهن. هنن هٿن سان اسين ڪيترين جايون، عمارتون ۽ محل ماڙيون جوڙيون ٿا. ڪيترائي وڏا بند ٻڌي پاڻي روڪي بجلي پئدا ڪيون ٿا. وگيان جا عجيب ۽ بي جوڙ تجربا ڪريون ٿا. ٽيليفون، ٽي.وي، ڪامپيوٽر، ريڊيا ۽ مشينيون هن جا مثال آهن. ريل گاڏيون، هوائي جهاز، موٽرون ۽ اسڪوٽر تيار ڪري اُنهن کي صحيح نموني واپرائڻ هٿن جي ئي مهانتا آهي. فصل، ڀاڄيون، باغ بغيچا، لک پڙهہ جا ڪاريہ، راند روند جا ۽ ٻيا ڪيترائي جوکم وارا ڪم هنن هٿن سان ڪريون ٿا. چٽسالي، ڀرت جا ڪم، ڪپڙا تيار ڪرڻ، ڪاڏي پيتي جون شيون، رانديڪا ۽ ٻين انيڪ پرڪارن جا ڪاريہ اسانجا سندر ۽ مهان هٿ ئي ڪن ٿا.

سڀ ڪان سٺا هٿ اُهي جيڪي هميشہ دين دکين ۽ محتاجن جي شيوا ڪن. ٻين جي ڀلائي، ديش جي رکشا خاطر، اُنتيءَ خاطر، ڪٽنب جي پالنا ۽ ابلا نارين جي عزت بچائڻ لاءِ مددگار ٿين. دشٽن ۽ پاپين جو انت آڻين. نربل کي پورو پورو انصاف وٺي ڏيڻ لاءِ ڪين هچڪن. ديش ۾ اجايا سجايا پاپ، ظلم، ڏوهن ۽ رشوتخوريءَ کي روڪڻ لاءِ پنهنجن ويهن ننهن جو زور لڳائي اُن جو مقابلو ڪن.

اسانجو فرض آهي. سدائين هنن هٿن سان سٺي ۾ سٺا ڪاريہ ڪريون ۽ پنهنجو جيون سڦلو ڪريون. باقي هنن هٿن سان ڱڏامن کي ماري اُنهن جي ڏوهن سان هٿ رڱيون اِهو ڪم سٺي ناگرڪ جو ڌرم ڪين آهي.

اچو، تہ مان اوهان سڀني کي هٿن جي مهانتا جي هڪ سندر ڪهاڻي ٻڌايان.

منوهر بيدي / گيت

امرلالُ، ڪروڙن جو ساگرَ، وَروڻديو جو آ اوتارَ!
جلپتِ، جهوُلڻ لالَ، اُڏيرا، تنهنجي اڳيان جُهڪي سنسارا!
ڪٿا تنهنجي عجب آنوکي!
ڪٿا تنهنجي عجب آنوکي!

لهرن وارا لال! جوتين وارا لال!
هيڻن جا همراه، دولهه! داسن جا رکپال!
پڪارن توکي دوکي!
ڪٿا تنهنجي عجب آنوکي!!

۱: لال اُڏيرا، اسان تنهنجا پريم سان پڪڙيون پيرا
ڪيرَ اَچي توکان سوا، ميٽيندو انڌيرا!
ڪٿا تنهنجي عجب آنوکي!

۲: روڪين اَتياچار تون، لهين دُکين جي سارَ!
ڪيئن پلائي تا سگهون، توکي من جا تارَ!!
ڪٿا تنهنجي عجب آنوکي!

۳: توکي چڙهي ڪوئي پي، ناهِ اَسان جو ناٿ!
برهما، وشڻو، شِوَ جو آ، هڪڙو تنهنجو ساٿُ!!
ڪٿا تنهنجي عجب آنوکي!

۴: ديون جو پي ديوَ تون، تون پيرن جو پيرُ!
شاهن جو پي شاهُ تون ۽ ميرن جو ميرُ!!
ڪٿا تنهنجي عجب آنوکي!

۵: ڪريون سدائين بندگي، سک سان ڏينهن ۽ رات!
تنهنجي سهاري تي تڳي، اَسان سنڌين جي ذات!!
ڪٿا تنهنجي عجب آنوکي!

●

داسيءَ هيڏانهن هوڏانهن نهاريو. پوءِ هن راجا کي منتري جي يوجنا کان واقف ڪيو. جنهن يوجنا ۾ هن کي بہ زوريءَ شامل ڪيو ويو هو. راجا اِها ڳالهہ ٻڌي تپي باهہ ٿي ويو. هن منتريءَ کي گرفتار ڪرڻ جو حڪم ڏنو.

منتريءَ کي گرفتار ڪري راجا جي سامهون آندو ويو. منتريءَ بہ راجا کي سچ سچ ڳالهہ ڪري ٻڌائي.

ٻنهي جي ڳالهين ٻڌڻ کانپوءِ راجا جو ڪروڌ شانت ٿيو. راجا دياوان هو. هن دل ۾ خيال ڪيو- انسان خطائن جو گهر آهي. اسانجو من وڏو شيطان آهي. هو لالچ ڏيئي اسان کي پنهنجي فرض تان ڀٽڪائي ڇڏي ٿو. جنهنڪري انسان هن جي اشاري تي ڪٺ پتليءَ وانگر نچي غلط ڪم ڪري ٿو. هنن ٻنهي بہ جاڻي واڻي هيءَ ڏوهہ ڪونہ ڪيو آهي.

ايشور وڏي سگهہ وارو آهي. هو هر گنهگار کي پنهنجن گناهن جي سزا ڏيئي ٿو. جنهن کي بچائڻو اٿس تہ هن کي ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ اچي بچائي ٿو وٺي. منهنجو بہ فرض بڻجي ٿو تہ هڪ دفعو کين جيئدان ڏيان . اڳتي ايشور جي مرضي.

راجا کين سمجهائيندي چيو، ”ايشور اوهان کي کهڙا نہ سهڻا ۽ مضبوط هٿ ڏنا آهن. هنن خوبصورت هٿن سان اوهان ڪيڏو نہ وڏو پاپ ڪندي بچي ويا آهيو. اوهان وڏ ڀاڳي آهيو. جيڪڏهن اوهان هنن هٿن سان اڳتي هلي سنا ڪاريہ ڪريو تہ مان اوهان کي جيئندان ڏيڻ لاءِ تيار آهيون.اوهان ٻنهي کي هڪ ڏور ۾ ٻڌي هميشهہ لاءِ هڪ ڪجي ڇا؟ ان لاءِ ٻئي تيار آهيو.“ ٻنهي هڪ ٻئي ڏانهن نهاري مشڪيو. راجا مشڪ جو جواب سمجهي ويو. پوءِ ٻنهي جي شادي ڌام ڌوم سان ڪرائي ڇڏي. راجا ٻنهي کي چيو، ”اوهان ٻنهي کي خلق جي خدمت هنن هٿن سان ڪرڻي آهي. ٻہ واري ڳوٺ ۾ وڃو. اُتان جي غريب جنتا ڏاڍي دکي آهي. هنن جي دکہ درد کي چڱيءَ طرح سمجهي هنن جي شيوا ڪريو. هن ڳوٺ کي سرسبز آباد بڻايو. ماڻهن کي جيئڻ جي صحيح راهہ ٻڌايو. ايشور اوهان جون خطائون معاف ڪندو. توهان جو ناموس هرهنڌ گلاب جي گلن جي سڳنڌ وانگر ڦهلجي ويندو. پوءِ ٻنهي جي اکين مان آنسون جهر جهر ڪري وهڻ لڳا. اِهي آنسون پشچاتاپ جا هئا. راجا ٻنهي جي ڀني لپڙي کين آشيرواد ڏنو. پوءِ کين ڪجهہ ڌن دولت ڏيئي خوشيءَ سان روانو ڪيو.

هڪڙي رياست جو راجا پرجا پالڪ، گڻوان دياوان هو. هن جي دربار ۾ هڪ سندر، سلڇڻي ۽ زبان جي مٺي ڳالهائيندڙ هڪ داسي ڪم ڪندي هئي. هن جو خاص ڪم هو راجا جي ديکڀال ڪرڻ ۽ روزمره جون سڀ شيون ميسر ڪري ڏيڻ.

راجا جو منتري ڪپٽي ۽ دوکيباز هو. هن جي من ۾ کوٽ هئي. هو هميشه راجا کي نشٽ ۽ نابود ڪرڻ لاءِ ڪونه ڪو وجهه ڳولهيندو هو. هڪ ڏينهن هن هڪ يوجنا تيار ڪئي. هن راجا جي خاص داسيءَ کي پاڻ وٽ گهرايو. پوءِ کيس پنهنجي ارادي کان واقف ڪيو. داسي منتريءَ جي ڳالهه ٻڌي دهلجي ويئي. منتريءَ کيس دلداري ڏيندي چيو، ”ڊڄ نه، مان توسان ساڻ آهيان. ها، وٺ هيءَ زهر جي پڙي، راجا کي کير ۾ ملائي کيس هميشهه هميشهه لاءِ سمهاري ڇڏيس. جي تون ڪابه چالاڪي ڪنديئه ته ناحق ۾ پنهنجي جان وڃائينديئه. جيڪڏهن تون هن ڪاريه ۾ سڦل ويندئه. مان توکي مال ملڪيت سان مالا مال ڪري ڇڏيندس. اگر تون منهنجي پٽ راڻي ٿيڻ چاهين ته اهو به مونکي منظور آهي. چئو، وچ. وچين ساوڌانيءَ سان اهو ڪم ڪج.“

داسي هيو ڪو وسيلو نه ڏسي. ڀڳوان پروسي غلط ڪم اپنائڻ لاءِ تيار ٿي. هن دل ئي دل ۾ ايشور کي ڏاڍو ٻاڏايو. دل ۾ چيائين، ”هڪ پاسي راجا جو خاتمو ڪري پنهنجا هٿ خون سان رڱڻ جو الزام، ٻئي پاسي پنهنجي جان جو خطرو آهي. ايشور اوهان هن ڪاريه ۾ منهنجي سهايتا ڪريو. جيئن نانگ به مري لٺ به نه ڀڄي. مان اُلجهن ۾ ڦاسي پئي آهيان. اوهان ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ اچي منهنجي رهبري ڪريو.“

پوءِ هن ڏڪندي هٿن سان زهر جي پڙي کير ۾ ملائي ڇڏي. ڏڪندي ڏڪندي راجا وٽ کير کڻي آئي. راجا کير جو گلاس هٿ ۾ ڪنيو. راجا هڪ نظر داسي مٿان وڌي ۽ سندس منهن تي پسيني جون بونديون ڏٺيون. ايتري ۾ هڪ ٻليءَ ڇالانگ لڳائي. گلاس راجا جي هٿن مان ڇڏائجي وڃي پٽ تي ڪريو. ٻليءَ جلدي اُهو کير چٽي ڇڏيو. هوءَ اُتي جو اُتي ڍير ٿي ويئي. داسي اهو چمتڪار ڏسي ايشور جا دل ئي دل ۾ شڪرانا مڃڻ لڳي.

راجا وائڙن جيان داسيءَ ڏانهن پئي نهاريو. راجا داسيءَ کي اِشارو ڪري اندر هال ۾ ولي ويو. هن داسيءَ کي چيو، ”تون ڊڄ نه، سچ سچ ٻڌاءِ. تنهنجي منهن تي پسينو ڇو هو؟ کير ۾ ڇا مليل هو جو ٻلي مري ويئي؟“

منتريءَ خوش ٿيندي سردار کي چيو، ”اوهان مان ڪو جڙين ٻوٽين جو
ح سکڻ چاهي تہ مان اُن کي سيکاريان. ڇو جو هٿ حڪيم جو ڀيچڻ ڏاڍو
يو آهي.“

سردار سندس ٿورا مڃيندين چيو، ”منتري اِهو ڪم مونکي ۽ منهنجن ٻن
نين کي سيکار. اسين تنهنجا ٿورا زندگي ڀر لاهي نہ سگهنداسين.“

منتريءَ بہ خوش ٿيندي چيو،”سردار مان بہ پاڻ کي وڏڀاڳي سمجهندس
منهنجا هٿ ڪنهن جي سهايتا لاءِ ڪارگر ٿيا.“

منتريءَ ڪجهہ ڏينهن ۾ اُنهن کي جڙين ٻوٽين جي ڄاڻ ڏني. پوءِ ڪين
ج سيکاريو. سردار اُهو ڪم سکندي پنهنجي من ۾ ڏاڍي خوشي محسوس
ئي. سردار جڏهن بہ پنهنجي بيمار سائيءَ جو علاج ڪندو هو، تڏهن هو پنهنجي
۾ راحت سمجهندو هو.

نيٺ منتري هنن کان موڪلائي پنهنجي ڳوٺ واپس موٽي آيو.

منتريءَ جي وڃڻ کان پوءِ سردار جي من ۾ هرديہ پريوزتن اچي ويو. هن
ني سائين کي هڪ هنڌ ڪٺو ڪري چيو، ”ڀائرو، روزمره جي خون خرابين
ن اسانجي دل ٽٽي پيئي آهي. اسان ڪيترن ئي بي قصورن کي ماري پنهنجا
ءَ هٿ هين جي خون سان رڱيا آهن. هرروز جون ڊوڙون ڊکون پائي ٿڪجي
آهيون. ڇو نہ اسان پنهنجو بچيل حيا ۽ جيون غريبن ۽ محتاجن جي سهايتا ۾
اريون. منتري اسان کي جيڪو هيءُ هنر سيکاري ويو آهي، اُن هنر جي سرهاڻ
هنڌ ڦهلايون.“

سپني سائين سردار جي رٿاتي خوشي ظاهر ڪئي. هنن هميشهہ هميشهہ لاءِ
لت ۽ خونريزي ڇڏڻ جو قسم کنيو. پوءِ هو ڳوٺ ڳوٺ ۾ وڃي غريبن، محتاجن
يمارن جي شيوا ڪرڻ لڳا. پگهرجي پورهئي مان ڪين جيڪو ملندو هو اُنهن
ن پنهنجو جيون گذارڻ لڳا.

راجا کي بہ منتري ۽ داسي جي سٺن ڪيل ڪارين جي خبر پئجي ويئي.
ڪ ڏينهن راجا منتريءَ وٽ آيو. هن ڳوٺ جي بدليل صورت ڏسي ڏاڍي خوشي
هر ڪئي.

راجا منتريءَ ۽ داسيءَ جي خوب ساراهہ ڪئي. ڪين آشيرواد ڏيندي چيو،
هيءَ اُهي ئي هٿ آهن جيڪي منهنجي خون ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا هئا. هنن

منتري ۽ داسي ٻه واري ڳوٺ ۾ اچي پهتا. اُتي پهچڻ کان پوءِ پنهنجي سوجهه ٻوجهه سان سڄي ڳوٺ جي جاچ پڙتال ڪئي. سڀني ڳوٺواسين جون تڪليفون ٻڌيون. پنهنجي رهڻ لاءِ هڪ مڪان جوڙايو.

منتريءَ ڏٺو ته ڪي ماڻهو تمام سست هئا. ڪي اڻ پڙهيل ته ڪي غريب ۽ بيمار هئا. هن هڪ يوجنا تيار ڪئي. جنهن ۾ هن پاڻ به ڪسانن سان گڏ ٻيهي هر ڪيڙڻ شروع ڪيو.

داسي وقت تي ماني تيار ڪري ايندي هئي. سڀ گڏجي ماني کائي خوش ٿيندا هئا. پوءِ وڏي چاهه ۽ اُتساهه سان ڪم ڪندا هئا.

ڏيري ڏيري اُتان جو حالتون سڌرڻ لڳيون. منتري واندڪائيءَ جي وقت ۾ اڻ پڙهيل ڳوٺاڻن کي پڙهائڻ لڳو. هر ڪنهن ڳوٺ واسيءَ کي پيار ۽ محبت سان همٿائي ڪم ڪرائيندو هو. داسي به هر ڪاريه ۾ کيس سهيوگ ڏيندي هئي. هوءَ ڳوٺ جي زالن کي ڪم ڪرڻ لاءِ همٿائيندي هئي. کين پڙهڻ ۽ هٿن سان چترڪاري ۽ ڀرت ڀرڻ سيکاريندي هئي.

ڏيري ڏيري ڳوٺ جي ڪايا پلٽجي ويئي. منتريءَ ڳوٺاڻن لاءِ پڪا گهر، رستا، کوهه، اِسڪول، مندر، راند جو ميدان، باغيچو ۽ صاف صفائيءَ لاءِ انيڪ بندوبست ڪرايا. ننڍڙو ڳوٺ سرڳ جو نڪر نظر اچڻ لڳو.

منتريءَ ۾ هڪ ٻئي خوبي هئي جڙي ٻوٽين جي ڄاڻ. هن اُن ذريعي بيمارين جو علاج ڪرڻ شروع ڪيو. بيمارن کي اُن مان فائدو پوڻ لڳو. هن جي هاڪ چوڌاري ڦهلجي ويئي.

اچانڪ هڪ ڏينهن ٽي چار گهوڙيسوار منتريءَ وٽ آيا. هنن کيس ٻڌايو ته اسانجو سردار ڏاڍو بيمار ٿي پيو آهي. مهرباني ڪري اوهان اُن جو هلي علاج ڪريو.

منتري ڪجهه سوچي پوءِ داسيءَ ۽ ڪن ڳوٺواسين کي ڪجهه هدايتون ڏنيون. دوا درمل جو ضروري سامان کڻي هنن سان گڏ ويو. گهوڙيسوار هن کي جهنگل جي وچ ۾ ٺهيل پنهنجي اڏي تي وٺي آيا. جتي هنن جو سردار ۽ ڪجهه ساٿي بريءَ طرح زخميل هئا.

منتريءَ هنن جو علاج سنڀالي ڪيو. ڪجهه ڏينهن ۾ سڀ خوش ٿي ويا. منتريءَ جي شيوا ٽهل تي سردار ڏاڍو خوش ٿيو. هن منتريءَ کي انعام ڏنو. دوستيءَ جو هٿ پڻ ملايو.

آفيس مان موٽڻ کان پوءِ آيل اخبار هٿ ۾ کڻي چپن سان چانهه جو ڪوپ لڳائي، مان وسرام ڪري رهيو هوس، جو پتنيءَ جو آواز ڪن تي پيم ”چانهه بہ جلد تيار ٿي وڃو“ ڇو؟ ڇا لاءِ پڇڻ جي همت ئي ڪانہ هئم. هڪ وفادار پتيءَ جيان سنپرڻ شروع ڪري ڇڏيم. ڪلاڪ کن کانپوءِ ڊريسنگ روم مان ٻاهر نڪري هن وري حڪم ڪيو ”ساڙهي جا گهنجهہ تہ ٺاهيو“ اوڪرون ويهي سندس حڪم جي پوئواري ڪيم. پوري ٻن ڪلاڪن کانپوءِ هوءَ سهي سنبري بلڪل تيار ٿي ٻاهر نڪتي. رستي تي اچڻ سان خبر پيم تہ پيٽرول جا اگهہ وڌي وڃڻ ڪارڻ رڪشا وارا اسٽرائڪ تي آهن. منهن ۾ گهنجهہ وجهي هوءَ بس اسٽينڊ تي آئي ۽ ڪيڏانهن وڃڻو آهي اُن جي ڄاڻ ڪيا جيستائين اسين قطار ۾ هئاسين تہ هوءَ ساڙهي جا گهنجهہ ۽ وارن جون چڳون ٺاهيندي ئي رهي. بس تہ آخر ملي، پر اندر ٻهڻ جيتري جڳهہ مس هئي. سندس منهن ٺاٺي هٺي رهيو هو. پر مون کي ڪائنس پڇڻ جي همت ڪانہ ٿي تہ متان ٻڙاڪو نہ ٿي پوي مونکي تہ سندس اکين ۾ نهارڻ جي سگهہ ئي ڪانہ رهي هئي. ايتري ۾ ڏٺم تہ سندس گرميءَ جو پارو گهٽجڻ لڳو هو ڇو تہ بس جي اندر مرد ۽ استري ياترين جي پيٽ ۾ اِستري ياتري ڪيس وڌيڪ سارا هي رهيا هئا. ايتري ۾ هڪ خوبصورت ڇوڪرات، جو منهنجي زال جي ٻرسان ئي سيٽ تي ويٺو ئي هو، ٻاڻ اُٿي ڪيس وهڻ جي آڇ ڪيائين. هن بہ آڇ قبول ڪري مني مشڪ سان سندس سواگت ڪيو. ڇوڪري جي اُٿوجهائي تي مونکي ڪل ٿي آئي ڇو تہ نازڪ نگاهن سان پوري طرح مون ڪيس پڪڙيو هو.

اسين سندس ساهڙين جي گهر پهتاسين تہ پارٽي شروع ٿي چڪي هئي رسمي آءٌ ڀاوَ کانپوءِ اسان کي کاڌي جي ٽيبل تي اچڻ لاءِ آماده ڪيو ويو ڇوڏاري نهاريم تہ منهنجي پتني منهنجي پاسي ۾ ئي ڪانہ هئي نظرن ڏريعي ڪيس ڳولهي لڌم ۽ ڏٺم تہ سندس چهري تي هڪ موهيندڙ مشڪ هئي، پر مون لاءِ تہ! اڪيلو ئي مان ٽيبل طرف وڌيس تہ ڏٺم تہ مون جيان هڪ ٻيو مڙسارو بہ منهنجي ئي ٻڙ ۾ بيٺو هو. اسان محسوس ڪيوسين تہ ٻئي ساڳيءَ ئي ٻيڙي جا ياتري آهيون. ٻاڻ ۾ ڪلي ڪيڪار ڪئيسين. هڪٻئي جي لڪل اُمنگن کي پرکهت ڪيوسين ۽ ساڳئي راهہ جا راهي هئڻ ڪارڻ ڪن ۾ ٻاڻ ۾ واقفيت ڪري ڇڏيسين ۽ پوءِ ٽيبل طرف وڌڻ لڳاسين. زالون ٽيبل جي ڇوڏاري وراڪو ڪري بيٺيون

ساڳين هٿن پنهنجن مهانتا سان هن ڳوٺ ۾ ڳوٺواسين ۾ نئين جاڳرتا آندي آهي.''

سڀ پڇ ڪوئي هٿن جي مهانتا جو پارکي هجي. ايتري ۾ سردار به پنهنجن ساٿين سميت اُتي اچي پهتو. جنهن منتريءَ جي خوبين بابت ٻڌايو. پنهنجي هرديه پريورتن بابت پڻ ٻڌايو. جنهنجو جش به منتريءَ کي مليو. سڀني منتري جي جئه جئه ڪار ڪئي.

منتريءَ جي اکين مان خوشيءَ جا آنسون وهڻ لڳا. راجا هن ګلي لڳايو سڀني ڳوٺواسين کي چيو، ''هاڻي هيءُ منتري ئي توهان جو نئون راجا آهي هيءَ داسي توهان جي راڻي آهي. سڀني منتريءَ ۽ داسي جي خوب جئه جئه ڪار ڪئي. راجا خوش ٿي واپس وريو.

☆☆☆

پيار جي صدا/- ضيا

زندگي آ چار ڏينهن پيار سان گذارجي،
عاشقن جي واسطي به پيار دل ۾ ڌارجي!

1. پاڻ کي سينگاريو ٿا. هرڪه سڀ جو هاريو ٿا،
ناز مان نهاريو ٿا. تير هٿي ماريو ٿا،
جي مرن ٿا تيرن سان - ڇو نه تن کي جيئارجي!

2. دوستي جي لائجي - ڪين سا ٽلائجي،
پيار سان ڳالهائجي - دل سان دل ملائجي،
اڪ سان اڪ اڙائجي - واعدن کي پاڙجي!

3. ڪن ٿا جيڪي انتظار - ۽ رهن ٿا بيقرار،
جي ٿين ٿا عشق باز - رنج و غم ۾ دل فگار،
ڪين رهجي تن کان ڌار - پر ۾ تن کي وهارجي!

4. جيڪي دل ۾ ٿا لڪن - روز ضيا ٿا رئن،
منهن سان پر نٿا ڪڇن - ديد لاءِ ٿا سڪن.
تن کي ڇو وسارجي - ڇو نه تن سان گهارجي!

پڪمار ڪلاڪار

سنڌي سماج جو وجوُد خطري ۾

ڌي هندو سنڌ جو تياڳ ڪري، هندو ڌرم ۾ قائم رهڻ ۽ پڻ اسلامي راڄ کي وداع ڪري پياري ڀارت جي قومي لوڪشاهي ۾ وشواس هئڻ جو ثبوت ڏيڻ لاءِ ٽريل ايڪونجاهه سالن کان ڀارت ۾ ٽري پکڙجي ويا آهن. پر هت موت کهڙي ني آهي؟ جيئن ڀري ڀيڙي ۾ واٽيو ڳورو هوندو آهي تيئن ڀرئي ڀارت ۾ اسان نڌي هر پرانت، شهر ۽ ڳوٺ ۾ اُتي جي ڏيهي ماڻهن دئاران نظرانداز ٿيل هيون. سنڌي سماج ۾ محنت ۽ واپار جو گڻ هئو. اِن ڪري اسان جي سماج نان پنيان نهارڻ جي يڪساهيءَ محنت ڪري مالي حالت ۾ وئي آ اڳتي ۽ اڳتي وڌندي. اسانجي اِها ترقي به ڏيهي ماڻهن کان سني نئي وڃي ۽ اسان لڪان نقلي مال ٺاهڻ وغيره جا ڪوڙا الزام لڳائي واپار جي لائين مان ڪڍڻ جي اڪام ڪوشش ٿا ڪن ڏيهي ماڻهون پر اسانجا اڳهه واپاري لحاظ، له - و - چڙه جو طريقو مارڪيٽ ۾ نه فقط قائم رکي وينو آهي پر ڪيترا مارڪيٽ فقط سنڌين جي زور تي هلي رهيا آهن. سنڌي سماج، واپار ۽ اديوگ وغيره ۾ ڀاڱ به ڪمايو آهي ۽ ڀارت کي به سمرڌ ۽ سرسبز بڻايو آهي پر تڏهن به ڄاڪاڻ ته اسان سنڌين کي ڪو راجنيتي وَجود ڪين آهي انڪري ڀارت ۾ ڪير قدر ڪرڻ وارو ڪين آهي.

ڪمائڻ کي ڪنهن مقرر حدن ۾ نه ٻڌي اسان ڪمائڻ کي ڇڏي ٻين سڀني ڀالهين کي وزن ڏيڻ ڇڏي ڏنو آهي اِن ڪري سماجڪ طور اسان بلڪل الڳ ٿلڳ ۽ ڪمزور آهيون. اسان پنهنجو وجود، پنهنجي سنڌيت خود ڀاڱ خطري ۾ وڌي آهي. ڏيهي ماڻهن اڳيان اسان کي سنڌي سڏائڻ ۾ گهٽتائي محسوس ٿئي ٿي. ان چڪر ۾ اسان سنڌي ڀاڱ رمارڪ پاس ڪري خود سنڌي سماج مان وڌون ٿا ويڪون ڪڍڻ ۾ ڀاڱ کي هوشيار ٿا سمجهون. تعليم جي نيم موجب کهڙي به ڀاشا ڀاشي پرانت ۾ اسان ڏهن ٻارهن شاگردن هوندي فقط سنڌي ماڌيم ۾ پڙهائڻ جو سرڪاري بندوبست سرڪاري خرچ تي ڪرائي سگهندا آهيون پر اسان ڪمتري جي احساس وچان ائين نه ڪري هرهنڌ ڏيهي ڀاشا يا ماڳهين انگريزيءَ جي ماڌيم سان ٻارن کي پڙهائي سنڌيت جي وجود جي خطري جي شروعات ڪري رهيا آهيون. ان طرح سنڌي تعليم کان ٽريل پکڙيل سنڌين جا ٻار غير سنڌي ڀاشائن جي جهول ۾ ڀاڱ کي ئي ڦٽو ڪري رهيا آهيون. ان طرح

هيون. ڪائڻ جون ڪي سبر هيون. اسين هرهر پنهنجي واري لاءِ وات نهاريندا، آخر ۾ جيڪي ڪجهه بچيو ٿي ڪٽندائي وياسين. هتي زالن کي ته ڪاڏي ڪانسواءِ ٻي ڪاسمڪ ئي ڪانه ٿي پيئي جنهن ڪري اسان لاءِ ڪائڻ لاءِ نه جهڙو ئي بچيو ۽ اهڙي طرح پليٽون کڻي اچي ڪنهن ڪرسيءَ تي ويناسين ۽ سياست، واپار، ساهت ۽ سماجڪ مسئلن تي پاڻ ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪندا رهياسين.

انڪل رات جو ١١ بجي جڏهن ڪنواريتن جو تعداد گهٽجي ويو، منهنجي تلاش ڪندي هوءَ مون وٽ آئي ۽ منڙي آواز ۾ چيائينم ته ”منا تو ڪجهه ڪاڌو؟ پارٽي جو مزو آيئه؟“ هوءَ جڏهن به ڪنهن عام گروهه ۾ هوندي آهي. ته مونکي ”منا“ اڪر سان سڏي منهنجو سنمان ڪندي آهي باقي عام طور گهر ۾ ”هيڏانهن“ يا ”هٽو ٿا“ ڪري پڪاريندي آهي. گهر تائين هلڻ لاءِ اُن شخص اسان کي پنهنجي ماروتيءَ ڪار ۾ گڏ هلڻ جي آڇ ڪئي ۽ اسان به اُها جلد سويڪار ڪئي. سارو وقت منهنجي پتني ان شخص سان ۽ مان هن جي پتنيءَ سان ڳالهين ۾ مصروف رهيس. ص

گهر پهچي هن ساڙهي لاهي کٽي پلنگ تي ڦٽي ڪئي. مان پنهنجا ڪپڙا بدلائي پنهنجي زال کي ڪپڙن سهيڙڻ ۾ مدد ڪرڻ لڳس ۽ جڏهن مان هن سان همبستر ٿيڻ تي ويس ته ڏاڍي پاهوه سان چيائينم ”اسين به پنهنجي شادي جو ايندڙ سالگرهه به اُن ريت ملهائينداسين“ دل ۾ آيم ته چئي ڏيانس ته مونکي اهڙو ڪو ڏينهن ملهائڻو ئي ڪونه آهي جو شينهن مان ڪوئو ٿيڻو پيو، پر اُن وقت پاڻ کي ٿدو رکڻ ئي بهتر جاتم جو ته اهڙو ماحول بگاڙڻ ڪوبه مرد ڪين چاهيندو آهي چاڪاڻ ته هيءَ هاڻ منهنجي جاگير ماڻڻ جو وقت هو.

☆☆☆

دلگير ٿيو هر عاشق/ضيا

فرهاد ۽ شيرين جو، مجنون ۽ ليلا جو
مشهور آهي قصو يوسف ۽ زليخا جو
ٿيو ڪين چنيسر سان ميلاپ هو ليلا جو
ميهر ۽ سهڻي پئي بڪ ٿي ويا دريا جو
سسئي ۽ پنهل رانجهو ۽ هير زماني ۾
افسوس ضيا سڀ ٿيا دلگير زماني ۾

چڪين جي چٽ ڪري

(چند رفيقن ڪي خطوط)

آديپور

٦ ڊسمبر ١٩٩٨.

پريہ پراتا نارائڻ پرسرام ضيا

اُميد تہ مزي ۾ آهين.

’ضيا‘ ٽہ ماهي ادبي رسالي جو پرويش انڪ (جولاءِ - سيپٽمبر٩٨) مونکي موڪليو اٿيئي، اُن لاءِ مهرباني.

پرچي جي مواد سيھيڙ وغيره ڪي سرسري طور ڏسي ويو آهيان. اِن رسالي جي رٿيل مقصد ۽ مُراد لاءِ توکي ۽ سمپادڪ، اسانجي جهوني متر منوهر بيديءَ کي واڌايون.

مان جڏهن اُلهاسنگر ۾ هوس ۽ ڪافي عرصو هوس تہ ڏٺو هوم، تہ تون هڪ لائق فرزند طور اسانجي ساهتيہ جي برک هستي ۽ ناميار ي شاعر پرسرام ضيا جي ياد، سنڌي سماج ۾ قائم رکڻ لاءِ مناسب ڪوششون پئي ڪندو رهيو آهين. اُنهن جو قدر اُن وقت بہ هو ۽ هاڻ بہ آهي.

لاشڪ برک شاعر طور شري پرسرام ضيا جي شاعري قوتن جي پُوري تڪ تور ۽ ڪٿ اسان وٽ نہ ٿي آهي. جيتوڻيڪ بيءَ ريت هن وقت اسانجي سنڌي ادبي سرگرمين ۾ بيءَ طرح جا گهٽا واڌت پيا ٿا وڃن.

سنتوش ٿيو تہ منوهر بيديءَ جهڙو انڀوي، محنتي ۽ نسبتي طور ساهتيڪ شعور رکندڙ اديب اِن رسالي جي سمپادن جي ذميواري کنئي آهي.

في الحال، مان فقط اِها دعا ڪري سگهانٿو تہ هي رسالو جاري رهي ۽ خالص ادبي معيارن تي پرسرام ضيا جي ادبي يوگدان جي نشاندهي ڪرڻ سان گڏو گڏ، سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب ۾ ڪجهہ وڌيڪ نئون ۽ معنيٰ خيز جوڙڻ ۾ مددگار ٿئي.

متر منوهر بيديءَ کي منهنجا سلام ڏج.

’ضيا‘ رسالي جو شڀ - چنتڪ،

هيرو شيوڪاڻي.

●

سنڌيت جي وجود کي پنهنجن هٿن سان زمين دوز ٿا ڪريون.

جنهن هندو ڌرم جي بچاءُ لاءِ اسان سنڌ جا وڻ ڇڏيا، ان ڌرم جي رکشا لاءِ اسان ڇا ٿا ڪريون؟ انتر ڌرم شادي جو سانگ رچائي اسان مان ڪيترا سنڌي وچي ٿا بين ڌرمن جا پوٿلگ ٿئن.

راجنيتيءَ طور به اسان ۾ قوت ظاهر آهي پارٽي جنتا پارٽي ءَ ڪانگريس ۾ ته اسانجا ووٽ ورهائجي وڃن ٿا پر ڪٿي ڪٿي ٿي بين ڏيهي پارٽين ۾ اسان پنهنجا قيمتي ووٽ ضايع ڪري پنهنجي پيرن تي پاڻ ڪهاڙو ٿا هڻون. اسان پنهنجي ووٽ بئنڪ ئي ڪين جوڙي جو جنهن دوارا پارت جي قسمت جا ڪرتڌار بڻجون. جيسن ڏيهي ماڻهون اسانکي نقصان پهچائن ئي پهچائن تيسين اسين پنهنجي وجود کي ختم ڪرڻ جي پر زور ڪوشش ٿا ڪريون.

وقت ويو ڪين آهي اڄ به اسان پنهنجي عظمت کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪريون. پنهنجي وجود جو وزن محسوس ڪريون. هڪ ڳالهه نه وسارجي ته ڪابه قوم زنده آهي ته ماڻهن جو منهن شان سان مٿي آهي، بنا شان جي جيئڻ موت کان به بدتر آهي. ان ڪري اسان کي پنهنجو پاڻ کي ڪمتري جي احساس مان جند ڇڏائي اقبال جا لفظ ياد ڪرڻا آهن: خودي کو کر بُلند اِتنا کِ هر تقدير سي پهلي خدا بندي سي خود پوچي بتا تيري رضا ڪيا هئه؟ فقط پئسا ڪمائي شاهوڪار ٿيڻ سان وجود قائم ڪين رهندو. ويچا وساري، سنڌي شهر ءَ ڳوٺ ۾ پاڻ ۾ هڪ ٿين، پنهنجي ووٽ بئنڪ، پنهنجي ٻڌيءَ جو ڀارت جي ڏيهي لوڪن کي احساس ڪرائن، ووٽ جي آڌار تي سڀني راجنيتي پارٽين کان (ڪنهن به هڪ کان) ٽڪيٽون حاصل ڪجن ته اسانجي وجود کي ڪوبه للڪاري ڪين سگهندو ڪوبه ''اڙي'' ڪين ڪري سگهندو. ان کي چئبو آهي: قوم جي زندگي.

☆☆☆

عهد/ضيا

ملڪ ٿيو آزاد پر سرمائيدارن جو غلام،
ناڻي وارن جي اِشاري تي نچي سارو نظام،
ڪيستائين انهن جي حرڪتن کي همٿائبو!
زندگيءَ ۾ زندگيءَ کي موت سان ٽڪرائبو!!

ـور

ا ڀاءُ نارائڻ ''ضيا''

شال سدائين خوش پرسن هجين. اَحوال تہ راجستان سنڌي اڪادميءَ جو ـبر هئڻ جي ناتي جوڌپور ۾ اڪادمي پاران وجهڻ ٿيو جتي تاريخ ۱۴ ۽ ۱۵ ا ـر تي ليکڪ سميلن هو.

اُتي سميلن ۾ ڀاءُ سُندر ڪلواڻي آيل هو ۽ دوست هئڻ جي ناتي پنهنجي چانهہ پارٽيءَ تي وٺي ويو ۽ اُتي مونکي توهان جي پاران موڪليل نئون شروع ـل ٽماهي اَدبي رسالو 'ضيا' ڏنو. جو هتي اَچي پڙهيم، جنهن ۾ ضيا صاحب شخصيت جي باري ۾ ۽ ٻيون بہ بهترين رچنائون آهن.

پرسرام 'ضيا' صاحب ننڍي آدم ۾ منهنجو اُستاد ٿي رهيو آهي ۽ جڏهن ـ مئٽرڪ پاس ڪري اُلهاسنگر پنهنجي پيٽ وٽ نمبر ڀرين ۾ اَچي رهيس ـيٽ ممبئي ڪالباديويءَ تي نوڪري ڪرڻ سنہ ۵۷ - ۱۹۵۶ ۾ ويندو هوس تہ ـيا'' صاحب جو لوڪل گاڏيءَ ۾ ديدار ٿيندو هو. منهنجي پتا صاحب جو ـرام سچانندائي متر هو. پوءِ جيئن تہ مان هتي هلي آيس تہ بہ ڪين شعر ـريءَ سبب ياد ڪندو هوس. ٿوري چُڪري هن صاحب هن داس کي بہ پيئاري ـي جو ڪجهہ لکي وٺندو آهيان. مطلب تہ توهان صاحب پنهنجي پتا صاحب ـي ياد ۾ هيءَ وڏو ڪاريہ ڪيو آهي ۽ اُميد تہ اڳتي توهين ياد ڪري اها مئگزن ڪليندا رهندا تہ شڪرگذار رهندس.

نياز مند

موهن اُداسي.

ـرا ڀاءُ بيدي صاحب،

سدائين خوش ۽ آنند ۾ هوندا. توهانجي موڪليل سڪ ڀري سوکڙي ضيا ـيڪا ملي آهي. ياد لاءِ مهرباني .

ضيا صاحب جي ياد ۾ هيءَ نڪتل پتريڪا سنڌي ساهتيہ ۾ اضافو آڻيندي. ـعر جو نالو هر دل ۾ ياد رهندو. اڄ ڪلهہ ڪير بہ گذرئي کي ياد ڪونہ ٿو ڪري شاباس ڀاءُ نارائڻ کي جنهن جي من ۾ اهو ويچار آيو آهي. هيءُ ڀاءُ ضيا ـحب جي هيڏيءَ محنت کي وري سنڌين تائين آڻڻ جو يتن ڪري هڪ نئون ـ گار قائم ڪندو، اهڙي پڪ اٿم، ضيا صاحب جي اوچ ويچارن جو آلاپ، هر ـن تي اسان وڏي عمر وارن کي آهي. پر اڄ جي ٽهيءَ کي بہ اِها ڄاڻ ملي اهو ـڪ سنو سونهري قدم آهي. اِن لاءِ توهان سڀني کي مبارڪون هجن.

وڏيڪ سڪہ - توهان جو پنهنجو

ڀڳوان ٽڏاڻي ''پشپ''

18.10.9

نئي دهلي - 110024

پريہ پراتا، نمسڪار،

تہ - ماهي ادبي رسالي ”ضيا“ جو پهريون پرچو مليو. واهہ جو مواد ڪٺو ڪري ڏنو اٿو. ڇا اهڙو معيار سڀني پرچن ۾ قائم ڪري سگهندا؟

آاپ ضيا جي هڪ ڪاپي موڪليندا تہ ٿورائتو رهندس.

اوهانجو

موتيلال جوتوائي

احمدآباد - 382345

پيارا شري نارائڻ،

توهان طرفان موڪليل تماهي ”ضيا“ اڄ ملي. محنت وڻندڙ آهي. مگر، هلائي ڪونہ سگهندا ڇو تہ هلندي ڪونہ. ان ڪري صلاح پريو اٿو تہ هن انڪ کي ئي پهريون ۽ پويون انڪ سمجهو. باقي پئسو جام اٿو تہ شونق پورو ڪريو. ڏکہ نہ ڪجو پر حقيقت اِها اٿو جئين سنڌي ٻوليءَ جو حال آهي.

توهانجو،

24-11-98

گنگارام.

رائپور

مانيور شري نارائڻ باغ بهار،

اُميد تہ پريوار سميت خوش باش و مزي ۾ هوندا. ضيا تماهي رسالي جو پرويش انڪ مليو. نهايت شڪر گذار آهيان اوهان جو، جو وقت بہ وقت ياد ڪندا آهيو. ادل، ڏکہ ٿيندو اٿم جڏهن سوچيندو آهيان ضيا جو قدر جو ٿيڻ گهرجي سو ڪين ٿيو آهي ۽ اِن لاءِ تلاهي اسين سنڌس شاگرد ئي آهيون.توهان وري بہ اِن جوت کي جڳمڳائيندا رهو ٿا. اِن لاءِ سچ مچ ڌنيواد جا پاتر آهيو.

ضيا جو پرويش انڪ هر خيال کان بهتر آهي اِن کي اڃان تجليدار بڻائيندا اهڙي اُميد اٿم.

هڪ عرض آهي. ايندڙ انڪ ۾ سائين ضيا صاحب جو پوري پني جو وڏو فوٽو ڏيندا تہ اسان کي فريم ڪرائي رکڻ جي ڪم ايندو.

نيازمن مان

11/12/98

پهلاج مسافر

ھرو اثر ڪيو آهي. منهنجي دل تي اِهو اثر ننڍپڻ کان رهيو آهي ۽ زندگيءَ
ي گهڻي دورن کان گذرندي به دادا صاحب جي شخصيت ۽ پيار جي ڇاپ هن
ب تي زندگيءَ ڀر تائين قائم رهندي ۽ اِهوئي سبب آهي جو هن عمر ۾ به ڪجهه
ڻ جي لائق بڻيو آهيان. وڏيڪ هن ليٽر سان گڏ هڪ ڪويتا سرڳواسي ڀوڄ ماتا
احب، جنهن اهڙيءَ هستيءَ ۽ شخصيت واري شاعر ضيا کي جنم ڏنو، اُن جي
ند ۾ ليکيل ”شرڌا نجلي“ به موڪلي رهيو آهيان.-اُميد اَٿم ته ”ضيا“ رسالي
ڇپائڻ جي مهرباني ڪندا.

توهان صاحبن جي لکيل ڪويتا ”ضيا“ جي رسالي ۾ ڪافي وويڪ کي ڏو
يندڙ هئي. سماجڪ اوڻايون جيڪي اَسان جي سنڌيءَ جاتيءَ ۾ وڌيل آهن
هن کي بخوبيءَ نموني لکيو اَٿئي اُن لاءِ ”ڌنيواد.“

’ضيا‘ رسالي جون ڪجهه ڪاپيون جي موڪلي سگهو ته ڏاڍو سُٺو جو ڪن ڀائرن
ي ڏيئي سگهان. جيڪو خرچ اَچي اُهو لکندا ڪو خيال نه ڪندا.

وڌيڪ پوءِ لکندس. رام ست سڀني لاءِ ۽ ٻارن لاءِ پيار.

شيوا ۾

ناري سچانندائي ”ناچيز“.

2- 12- 9

حمد آباد - 380008

ربي نارائڻداس،

ونيه ته ”ضيا “ ٽِه ماهي رسالي جو پهريون مهورتي پرچو پهتو، يادگيريءَ
ءِ مهرباني.

توهان ”ضيا“ رسالو شروع ڪري هڪ ساراه لائق ڪاريه هٿ ۾ کنيو آهي.
س ”ضيا“ رسالي ذريعي هنجون رچنائون نئينءَ پيڙهي کي پڙهڻ جو موقعو
لندو.”ضيا“ جي باري ۾ ٻيا اَپياسي ليک به پڙهڻ جو موقعو ملندو. نوان شاعر
”ضيا“ جي نقش قدمن تي هلڻ جي ڪوشش ڪندا. ساليانو چندو -/٦٠ رپيا
ني آرڊر ذريعي موڪلي رهيو آهيان. شڪريه.

شيام سچانندائي.

16- 1- 9

اُلهاسنگر - 421002

اَڄ جي اُڄهامندڙ سنڌي ساهتيه ۾ صرف چند جهونن شاعرن ۽ ليکڪن جا نالا ٻڌڻ ۾ ايندا آهن. نون اديبن ڏانهن خئر ڪو ڌيان ڏنو ويندو آهي. نارائڻ ''ضيا'' منهنجو ويجهو متر آهي. سالن کان اندر ۾ اِها آس ڪٽي گهمندو رهيو آهي ته اهڙو ڪو رسالو نڪري جنهن ۾ نه صرف سنڌس پتا صاحب جون اڻڇپيل رچنائون ڇپجن پر اُن سان گڏ نون اديبن کي به پنهنجو جوهر ڏيکارڻ جو موقعو ملي. 'ضيا' ٽماهي رسالي سان سنڌس اُميدن جي سهڻي شروعات ٿي آهي، اُن لاءِ کيس مبارڪون.

منوهر بيديءَ مدبر اَديب، سمپادڪ جي حئثيت ۾، رسالي کي چار چنڊ لڳائيندو، اُن ۾ ذرو به شڪ ڪونهي. منهنجون شڀ ڪامنائون.

قربن مان،

21-12-98

موتيرام هيراننداڻي

سمپادڪ ''ضيا'' جئه سنڌي،

پيارا سائين،

عرض ته ضيا جو پهريون پرچو پڙهيو.خوب وڻيو. گهاگهر ۾ ساگر سمايل آهي ۽ وري انتخاب! انتخاب ساراه جي لائق آهي.

اُميد ته اهڙا شاندار پرچا اڳان به اڳتي نڪرندا. ٻيو سڀ خير،

15-11-98

ليڇمڻ ڪڪريجا.

P.O.B 71633

Abdhbri

پيارا نارائڻ ،

سدائين باغ بهادر هجين. توهانجو سنڌي رسالو پوڄيه دادا صاحب جي ياد ۾ ''ضيا'' مليو پڙهي دل کي آنند آيو. دادا صاحب جي اَمر ياد سنڌي ساهتيه ۽ ٻوليءَ کي قائم رکڻ لاءِ هيءُ قدم ڪافي ساراهه جوڳو آهي. شري منوهر بيدي ۽ توهان کي اِن ڪاريه لاءِ اسان سڀني جون هارڊڪ واڌايون ۽ شڀ ڪامنائون آهن. هيءَ ناچيز هر سهڪار لاءِ حاضر آهي سرڳواسي دادا صاحب جي شمرن هر دل تي

جنهنجو مقصد بہ سنڌيءَ ۾ ائيپيل ساهتيہ کي ڏينهن جي روشني ڏيکارڻ جو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ائڊريسون لکڻ جو تحرڪ پڻ چالو آهي پر اجا تمام ضروري ليٽر موڪلڻ ۾ تڪليف ٿي رهي آهي انڪري انگريزي سرنامو وجهڻ تا پر ڪيئن بہ ڪم ڪرڻو آهي

27.11.98 پريم لکياڻي.

گانڌينگر

پيارا ڀاءُ نارائڻ

اُميد مزي ۾ هوندين، توکي ''ضيا'' دئاران ياد ڪيو اٿم. ان جي ڪاپي مونکي پيڻ ديا لکي جشناڻيءَ سڪ سان موڪلي آهي. تو تہ رچنا گهرائڻ لاءِ ياد نہ ڪيو. تنهن هوندي بہ ايندڙ انڪ لاءِ هڪ ''ضيا'' تي لکيل قطع جارائپور ۾ ١٩٨٨ع ۾ مشاعري وقت پڙهي هئم ۽ هڪ غزل موڪليان ٿو. ان جي ڇپڻ جو مدار توتي ۽ ڀاءُ منوهر بيديءَ تي ٿو رکان.

مون ''ضيا'' سڪ ئي ٻئنڪ ۾ پڙهي پوري ڪئي سني محنت ڪيل آهي. گذريل 40 سالن ۾ ضيا صاحب تي ڪيترو ئي ڪجهہ ڪيترن اديمن پئي لکيو آهي. جيڪو هندواسيءَ ۾ آيل اُهي اهو سڀ مواد ڪنو ڪري هڪ گرنٿ جي روپ ۾ آلين تہ اُهو ''ضيا گرنٿ '' بڻجي پوندو. مون ممبئي تازي ڪتاب ۾ ضيا تي هڪ رچنا لکي آهي ''پيغام ضيا'' جي ڪاپي ڇپجڻ سان موڪلج ''آلاپ ضيا'' جو تازو ڇاپو نڪتو آ هي. ڪاپي موڪلي سگهين تہ مهرباني. مان بہ موٽ ۾ توکي وقت بہ وقت ڪتاب موڪليندو رهندس.

تنهنجو پنهنجو

ڪمل پياسي

6 .11 .98

ستنام سهائي وارا ساڌو واسواڻي جنم ڏن

.آداڻيہ شري نارائڻ ڀرسرام ضيا سدا خوش باغ بهار هجو. پيارا توهانجي سنڌي ادب جي جوت ''ضيا'' پوج پئنجهات آفيس ۾ ملي جنهن لاءِ موڪلي. شاباس آهي توهانئي جو پوج پتا صاحب جي نالي يادگار طور جوت جلائي سنڌي پوٽي کي مالا مال ڪري رهيا آهيو. جنهن لاءِ توهانکي توهانجي ساٿين کي

ڪڙي (گجرات)،

خوشبهار، سکي ۽ آباد هجو.

شال سدائين پريوار سميت، مانوارا پرسرام ضيا صاحب، پيارا مٺا مسٽر نارائڻ داس.

نندا وڏا دل جي سد ڀاؤ ۽ سڪ ۽ سينهه مان ڪڙي (اُتر گجرات) مان هرڪرشن و شنداس مورجاڻي ''سڄڻ'' جي نمستي ۽ شڀ ڪامنائون سويڪار ڪندا.

احوال تہ توهان جو موڪليل ''ضيا'' پرچو ۲۰.۱۱.۹۸ جو پهتو.

توهان جي ان سد ڀاؤ ۽ يادگيريءَ لاءِ گهڻي خوشي ٿي ۽ اُن لاءِ توهانجو شڪر گذار آهيان. توهان هر سال ڏياريءَ ۽ نئين سال جي شڀ ڪامنائن جو ڪارڊ لکندا آهيو. اهو هن سال ڪون لکيو اٿو تہ توهانجي ڏياريءَ جي ساهتيڪ سوکڙي پهتي آهي.

اسان جو هارڊڪ شڀ ڪامنائون آهن تہ توهان پنهنجي ستڪار يہ ۾ سڦل ٿيو.

توهان جي وويڪ واڻي من کي سٺي لڳي موتيرام هيراننداڻي ۽ موهن ڪلاريا جون رچنائون بہ سٺيون لڳيون پر ڳالهہ وٺي ڪمار تيجواڻيءَ جي تہ سٺو ٿيو تہ نارائڻ شاعر ڪين ٿيو.

توهانجو پنهنجو

24.11.98

هرڪشنداس

نڙياد

پيارا نارائڻداس ۽ ڪٽنب جا سڀ نندا وڏا ڀاتي ۽ ڀاءُ منوهر ''بيدي'' اُميد تہ نهايت مزي ۾ هوندا.

اوهانجي طرفان موڪليل ضيا ساهتيہ مالها جو پهريون پشپ مليو - نهايت خوشي ٿي جو پڙهيم تہ آخر ڪنهن تہ ضيا کي سڃاتو!

اندر جو مصالح ۽ ساهتيہ بہ دلچسپ لڳم. خاص ڪري سمپادڪيہ يعني ضيا جي پرڪاش جو مقصد جو تمام عالي آهي ۽ باقي جو ڏنل مواد پڻ دل سان هنڊائڻ جهڙو آهي ۽ تحر بيڪار ساهتيڪارن جي عتان حئن حئن ضيا صاحب جو اڻٿڪيل ساهتيہ سينگارحندو ويندو تئن تئن وڏيڪ خوشبوءِ ڦهلائيندو ان ۾ رتيءَ ڀر بہ شنڪا نہ اٿم.

نڙياد مان سنڌي روزاني اخبار ''سنڌي بولي'' جو آغاز شروع ٿي رهيو آهي.

”چندر چوايو ضيا سڏايو“

آيو عشق ولي اوتار، نالو چندر چوايو،
سڪ درد وارو ڳڏ يار، جنهن ضيا سڏايو،
جئين شمع تي پروانا، تيئن چندر لاءِ ديوانا،
سامهون حسن ڪي وهاري، ڳاتائين پيار ڀريا گانا،
ڪيئي حسن تي جان نسار، قلعو عشق سنڌو لاهيو،
آيو عشق ولي اوتار نالو چندر چوايو،
ڪير درد جي دانهن ڪري، بنا پرسرام ضيا جي،
ڀڳي بره جي باه ٻري، دل پرسرام ضيا جي،
نيڻين نير وهي بار بار ، ڳڏ قلم ڀي ٻاڏايو،
سڪ درد وارو ڳڏ يار جنهن ضيا سڏايو
نالا ٻه پر هڪڙو روپ، ڪير چندر ۽ ڪير ضيا،
ٻئي هڪ ٻئي لاءِ سڪن، ڪير ساجن تہ ڪير پييا،
هڪ دل تہ ٻيو دلدار، هڪ لکيو تہ ٻئي ڳايو،
آيو عشق ولي اوتار نالو چندر چوايو،
سڪ درد وارو ڳڏ يار، جنهن ضيا سڏايو،

مهيش چندر ڳڏ گوپ چندر

مهيش چندر ڳڏ گوپ چندر ٻئي ڳڏ گيت چندر جا ڳائين،
ياد ضيا جي چو نہ اڇيا ٻئي روپ ٻنهي جا آهن.
اڄ ڀارت جي گلي گلي ۾ مهيش چندر پيو ڳائي،
ائين لڳي پيو ماسٽر چندر، مهيش مان ٿو ليئڙا پائي،
اڄ ڀي مهيش جي مڌر سُرن ۾ گيت چندر جا واجهائن.
ائمريڪا جي ملڪ ۾ گونجي، اڄ ڪيئن گيت چندر جو،
گيت ساڳيو سنگيت ڀي ساڳيو، آواز آ گوپ چندر جو،
گوپ مهيش چندر کي ڳائي، دل سيني جي وندرائين.
اڪر ضيا جا گيت چندر جا، امر سدائين رهندا،
گوپ مهيش سان گڏجي، سنڌي گيت چندر جا چوندا،
ڪشن جوٽياڻي ، راج جوٽياڻي، اڄ بہ چندرو گُنگنائين.

نوٽ- مٿيان ٢ شعر پياري ڪشن جوٽياڻي سنگيت روپڪ پروگرام سنڌو يوٿ سرڪل سنڌو نگر ٣ ۾ ٻاڪي درشڪن کي آنند ولايو. ڌنيواد سمپادڪ.

ڏنيواد ڪتاب وٺيو ۽ ليکڪ به وڻيا جي خبر هجي ها ته مي داس به تنهنجي اُستاد جي چرڻ ڪملن ڪجهه گل ڦل رکي ها جيڪو مالڪ جو حڪم توهانکي پوچ پئنچات جي سهڻي سنڌي روش گهر جي ائڊريس تي موڪلي آهي پر توهان پهچ ڪونه ڏني آهي مهرباني ڪري پهچ ڏيندا.

هت سکه داس

توهانجو نارائڻ ياتري

گوريگانءَ (ممبئي)

گوريگانءَ

پريه شري نارائڻ،

مونکي ضيا رسالو مليو پر پهچ نه ڏنم جنهن لاءِ معاف ڪندا. ضيا صاحب هڪ وڏو شاعر ۽ فن جو ڄاڻو هو. اڄ قدرشناسي آهي ڪونه. آءٌ ان ڳالهه سان سهمت آهيان ته (ضيا جو) سمورو شعر ڇپجي جئين نون اُسرندڙ شاعرن کي پريرڻا ملي. ليکراج عزيز نه ڪنهن کي پاڻ جهڙو سمجهندو هو ۽ نه ضيا جي شاعريءَ جو قايل هو.

اُميد اٿم ته منوهر بيدي ضيا جي شعرو شاعريءَ کي ترتيب ڏيئي سگهندو.

شڀ ڪامنائن سان،

24.12.98

ڊي. ڪي. منشاراماڻي.

☆☆☆

ڪارا وار هنائي

ڪارا وار هنائي منهن تان منهڙو يار پسايو آ
چوڏهينءَ جو چنڊ ڪڪرن مان، ڄڻ ٻاهر نڪري آيو آ
چانڊوڪي ۾ سهڻي جو ٽيو، اهڙو حسن سوايو آ
چنڊ به ڏسندي محبوبن جي مکڙي کي شمايو آ
گلشن ۾ اڄ گلڙو آيو آهه گلابي ويس ڪري
جيو ڪلين گلن-اسان جو سهڻو ساٿي آيو آ.

- ضيا

(1) GOPE CHANDER, (2) AARTI RAJ, (3) MAHESH CHANDER, (4) RAM NAVANI ARE BEIN HONOURED BY SINDHI SAHITYA KALA VIKAS SAMATI, SINDHU NAGAR - 3.

سنڌي ساهتيه ڪلا وڪاس سمتي

سنڌونگر-٣ طرفان

مايه ناز ڪلاڪارن

شري مهيش چندر جن (نيويارڪ مان خاص آيل)

گوپ چندر - آرتي راج چندر جو هاردڪ سواگت



انسان ذات/بلقم سرڳواسي هريرام اوٺواڻي.

ٽلهه - دنيا جا جي اِنسان جيڪي به آهيون،
حقيقت ۾ سڀئي پاڻ ۾ ڀائر آهيون.

۱. رکي فرقو ڇا جي لاءِ پاڻ ۾ وير وڌايون،
ڪري جنگون ۽ جهڳڙا ڀائر ٿا پنهنجا ڪٽايون. دنيا جا .....

۲. جڏهن هڪ ڌرتي تي ٿا چڪر لڳايون،
هڪ سج ۽ چنڊ آسمان هيٺ گڏجي گذاريون. دنيا جا .....

۳. اچو ته گڏجي پاڻ ۾ سڪ پريم وڌايون،
قاعدو قانون هڪڙو ۽ هڪڙو سڪو هلايون. دنيا جا .....

۴. ڪڏي مليٽري حدن تان پنهنجو خرچڙو بچايون،
بچائي پئسو ملڪ جو ڇو نه ڪارخانا وڌايون. دنيا جا .....

"پئسو"

ٽلهه - ڪرتار ڇا رکي آ ڪلدار ۾ ڪرامت،
پئسي جي پير جيان ٿا اِنسان ڪن عبادت.

۱. پئسي سان پرش پاپي ڪن خون ۽ خرابيون،
شيطان جيان ڌريل آ پئسي اندر شرارت.

۲. پئسو سڪن کي ساري - پئسو ڏکن کي ٽاري،
پئسي سان سرسلامت پئسو رکي سلامت.

۳. پئسي سان رنج راحت - پئسوئي آهي آفت،
پئسي سان پاٺ پوڄا - پئسو ڪري خرابت.

۴. پئسو سکن جو سائي - پئسو ڪري ڪسائي،
پئسو منو آ مائي پئسوئي آ ڪڙاوت.

۵. پئسي سان موج ماڻي پئسوئي پيار آڻي،
پئسو مٽائي اُلفت هيڪر ڪري حقارت.

۶. پئسي سان سيج سوڙيون پئسي سان باغ بنگلا،
پئسو اُڏائي اوچي آڪاس جيان عمارت.

۷. پئسي سان عيش عشرت پئسي سان اوچ عزت
هر ڪام ۾ ڪيي هري کي پئسي سندي اجازت.

With Best Compliments From:-

BHAGWAN

TEXTILES

101, kRISHNA MARKET, 1ST FLOOR,
65 VITHALWADI, KALBADEVI ROAD.
MUMBAI - 400 002. Tel.:- 205 4628.

هڪ ماءُ ڏهن ٻارن کي پيار سان نپائي وڏو ڪري سگهي ٿي -
پر افسوس ڏهه ٻار گڏجي هڪ ماءُ جي پرگهور لهي نٿا سگهن!

MAHESH CHANDER

RAM NAYANI

Best Compliments from :

Haresh/Manish ✆ : 2082550 / 2095964

OSHO TEXTILES

Dealers in : All kinds of Exclusive Cottons

Authorised Stockists : The Westren India Cottons Ltd. Loyal Textiles Mills Ltd.

Add: Shop No. 371, 9th Lane,
Mangaldas Market, Mumbai - 400 002.

Thanwardas.N.Sachanandani ✆:-
201 4058
Resi. : 642 8539
642 7092

With Best Compliments From :

LIBERTY TEXTILE TRADERS

Manufacturers of:- Fancy Knitted Fabrics

Add. : 13, Jambul Wadi, Kanta Terrace,
Kalbadevi Road, Mumbai - 400 002.

Ⓒ : 550047, 551265

SWARAJ URBAN CO-OP. BANK LTD.

Regd. & Main Branch,
14, Hardwar Apartment, New Link Road,
ULHASNAGAR - 2, MAHARASHTRA - 421 003.

Most Trusted and Preferred Bank.

WE WELCOME YOU TO :

- Fully Computerised Operations.
- Facility of safe Deposit Lockers.
- Extended Business Hours. (10.A.m. To 4 P.M.)
- Higher Interest Rates on Deposits.
- Competitive Interest Rates on Advances.
- Courteous & Efficient Service.
- All Deposits with Insurance Cover up to Rs. 1 Lac.
- All other usual Banking Transactions.

Srichand R. Kukreja
Chairman

Bhagwan P. Bhatia
Vice Chariman

V.R. Panvelkar
Managing Director.

الله عاشقن جا ڪم پاڻ ڪري،
مولا مستن جا ڪم پاڻ ڪري،
نہ تہ ڪير نماڻن تي نظر ڌري !

١. دنيا رنگہ زماني مان ڇا ڄاڻن -
هو موج الستي ٿا ماڻن !
غم ڪڏهن نہ ڪن خوش دل ٿا رهن-
دنيا جي جهنجهٽ کان ڀڄن پري!

٢. آه موج درياه ۾ بہ ساڻ ملاح -
وچ سير ۾ ساٿي آه الله !
ڪندو تن کي ڇا طوفان ڀلا -
تڪہ تار مان جن جي ڪشتي تري!

٣. بن پئسي بي پرواهہ آهن -
بنا فوج خزاني جي شاهہ آهن !
هڪ توڪل ساڻ اللهہ آهن-
جن جون چندر چنيون رهبر ٿو پري!

WITH BEST COMPLIMENTS FROM:

NATURAL EXPRESSIONS

1407 BROADWAY #3705
NEWYORK, NY 10018
TEL (212) 730 - 0043
FAX (212) 869 - 7924
TLX: 346-5473 MCI -UW

HARISH CHANDER
GOPE CHANDER

Best Compliments from :

✆ : 617 9535, 610 6335

MOHIT COMMUNICATIONS

☎ **STD., ISD., PCO.,** ☎

Service Aviliable

ROUND THE CLOCK

10/74, Anand Nagar, Near BSES Office,
Santacruz (E), MUMBAI.

""OM NAMAH SHIVAH"

Dayal.G. Jaisinghani

✆:- 571925.

With Best Compliments from :

PLAZA SCREEN ART

Spl.In: All Kinds of Stickers & Packing
Works screen print on any Surface.

Add. : Sec 24, Opp Milatry Taalo School, Behind
Gajanand Bakery, Ulhasnagar - 421 003.

آرٽي راڄ چندر ٻالڪ ۾ ئي چئن ايڪن سالن جي عمر
کان وٺي ماسٽر چندر سان ۽ سنڌس چاچي مهيش ۽
هريش سان گڏ ڳائيندي هئي ۽ ٧ سالن ۾ ڏاڍي ماسٽر چندر
سان گڏ H.M.V ۾ رڪارڊ لاءِ ڪورس ۾ گڏ ڳائيندي هئي.
اهڙي ڪٽي چڱي ۽ آرٽي راڄ چندر جو ڪيس سنگيت ڏانهن
لاڙو ننڍپڻ کان وٺي اڄ ڏينهن تائين قائم آهي.

آرٽي راڄ جي چوڻ موجب هن وقت نيو يارڪ امريڪا
۾ ٻه هفتي ۾ هڪ ڀيرو سنڌي پروگرام ٿيندا ٿي آهن ۽ اهي
جي سنڌين ۾ سنڌي ڪيس سنگيت جو ڪافي چاهه آهي، ٻي
ڀيرو نيو يارڪ ۾ ۽ واشنگٽن، نيو جرسي ۽ (L.A.) لاس اينجلس
۾ ٻه پروگرام ٿيندا آهن ۽ هنديءَ ۾ ميرا جا ڀڄن ۽ ڪرشن ۽
رام جا ڀڄن هوءِ ڳائيندي آهي. "ميرا کي ڀڄن" هنديءَ ۾
سنڌس ڪئسيٽ ٻاهر نڪتل آهي. آرٽي ٻيهڙي ٻيا گوپ
چندر سان گڏ "صوفي ڪلام" سنڌيءَ ۾ ٻيهڙي ٻارن هرايش
چندر ۽ انيل چندر سان ڳايو آهي.

ٻنهي کان سواءِ اسيهن ۽ لنڊن ۾ سنڌارتڪ مندر ۾ هرجمع
ڏينهن چوڻڪي ۽ جهولي لال مندر ۾ آرتوار ڏينهن صبح جو
ستسنگ ڪندي آهي. ڳائڻ کان سواءِ آرٽي گوپ چندر سان
گڏ نيو يارڪ ۾ ٻارن کي سنگيت جو سيکار ڏيندا آهن. هندو
سينٽر، شبي غزل ۽ سنڌي آف نيويارڪ جهڙن سنسٿائن
گوپ چندر ۽ آرٽي راڄ چندر جي وڏندائيءَ ۾ ڪيس سنگيت
جو وڪاس ڪندا رهن آهن. اهي سنگيت جو ڏاڍو چاهه آهي.

سائي وراوالي سينٽر نيو جرسي ۾ دادا جو جنم ڏينهن
۽ چيٽي چنڊ ۽ ڏياريءَ تي سندا پروگرام ملهايا ويندا آهن ۽
۽ ٽيڙا ٿيوار سوامي سنتر ۽ سنڌارتڪ مندر نيو جرسي ۾ ٻه ملهايا
ويندا آهن. آرٽيءَ جون ٻيون رڪارڊ لڳل آهن، سو ڪافي
مشهوري هوندي هوءِ ملي سو ۾ ڳائيندي آهي.

BY EDITOR, MOTIRAM LALWANI OF RASHTRIA PREM, NEWSPAPER

AHMEDABAD (INDIA) راشٽريہ پريم

منٺڙي آواز جي مالڪ آرتي راج چندر

منٺڙي آواز جي مالڪ
آرتي راج چندر سنگيت
سمراٽ چندر جي وڏي سپٽ
گوپ چندر جي ڌيءَ آهي
هوءَ ليڊي امبڙيءَ جي ...
هند ڪاليج مان ايس. اي
پاس ڪري ڪرنجو ليڪ ...
۽ هن وقت انهيءَ پتا
گوپ چندر سان گڏ نيو جرسي
(امريڪا) ۾ رهندي آهي ۽
ڪنهن پرائيويٽ سروس ۾
آهي ۽ هن کي ٻه ننڍڙا ٻار
آهن. ڪاجل ۽ ديپتي راج ڪرپالڻي.

AARTI RAJ CHANDER

(آرتي راج چندر)

لکڻي لاءِ ته سولهن سال گڏ منٺڙو آواز ڳائي هن کي قدرتي
طور غاص طور ڏنو آهي ۽ گيت سنگيت ۽ ڳائڻ جو شوق هن
کي ورثي ۾ مليو آهي ۽ هوءَ هميشه انهن چوندي آهي
ته هن کي بيحد خوشي آهي جو هوءَ سنڌي سماج جي ان
شاهر پرسوام ضيا جي ڏوهٽي ۽ سنگيت سمراٽ ماسٽر چندر
جي پوٽي آهي.

پوڄنيه سَتگرو ڊاڪٽر روچلداس صاحب

عشق جي اوتار ڪي پرڻام آ
نام جو جنهن وٽ خزانو جام آ (ضيا)

سونهري صفتون

صوفين جا سردار بابا سائين فرمائين ٿا ته، مالڪ جي درگاهه ۾ قبول ٿيڻ لاءِ، هينيون ڏهه عادتون بلڪل چڱيءَ طرح ڌيان ۾ رکڻ گهرجن :

١- ڪڏهن به مالڪ جو قسم نه کڻڻ گهرجي.
٢- ڪهڙي به حالت ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ نه گهرجي.
٣- هميشه پنهنجو ڪيل انجام پاڙيو. جيڪڏهن ڪو به انجام پاڙڻ ڏکيو هجي، ته اهڙو انجام نه ڪريو.
٤- ڪنهن انسان کي ڌڪار يا نفرت سان نه ڏسو، انهيءَ ۾ خالق جو ازحد ناراضپو آهي.
٥- ڪنهن کي به پٺ پاراتو نه ڏيو. جيڪو برائي ڪري، اُن سان ڀلائي ڪريو.
٦- ايشور کي سڀني ڪان مٿي سمجهو.
٧- سڀني ٻچڙن ڪمن کان پاسو ڪريو.
٨- پنهنجن عزيزن، خويشن، پاڙي وارن ۽ سڀني ماڻهن سان همدردي ڪريو. انهن تي رحم ڪريو ۽ ڏاڍائي انهن سان هرگز نه ڪريو.
٩- ڪنهن به انسان ۾ طمع نه رکو. سڀني ڪمن جو ڪندڙ مالڪ کي ڄاڻو.
١٠- رات ڏينهن تمام آزيءَ نيزاريءَ سان پنهنجي مالڪ کي ستائيندا رهو.

VISHAL ENTERPRISES UNR-4. Tel. : 529932